# سنڌي لوڪ ڪلا

# Sindhi Lok Kala

By Narain Bharti

نارائڻ ڀارتي



لوڪ - ساھتيہ - پرڪاشن

اشوڪ پريس، الهاس نگر - ٣

Email: SindhiSangat@gmail.com


# Index

ڇاپو پهريون]　　قيمت ٻه روپيا　　[سال ١٩٦٠ع

## فهرست


| مضمون | صفحه |
| --- | --- |
| ١. پرڪاشڪ جي قلم مان | ٣ |
| ٢. مهاڳ | ٩ |
| ٣. ٻه اکر | ٢٧ |
| ٤. لوڪ - ڪلا | ٣١ |
| ٥. لوڪ - گيت | ٣٩ |
| ٦. لوڪ - ڪهاڻيون | ٦٩ |
| ٧. لوڪ - چوڻيون | ٩١ |
| ٨. لوڪ - سنگيت | ٩٩ |
| ٩. ڳجهارتون | ١١١ |
| ١٠. لوڪ - ناچ | ١١٩ |
| ١١. لوڪ - ناٽڪ | ١٢٧ |
| ١٢. لوڪ - چٽر | ١٤٥ |
| ١٣. پنهنجي ڳالهه | ١٦٣ |
| ١٤. سنيها ۽ رايا | ١٦٧ |
| ١٥. مددي ڪتاب | ١٧١ |


Printed by
Sobhraj. J Budhwani at the Inqlab Printing Press,
Camp No. 3, Kalyan.
and Published by P. Anand, Secretary, Lok-Sahitya
Prakashan, Ashok Press, Ulhasnangar 3.



# سِنڌي لوڪ- ڪَلا

# سنڌي لوڪ - ڪلا

لفظ لفظ کي پنهنجي معني آهي ۽ اهو لفظ ئي جڳهه تي ڪتب آڻڻ سان وڌ ۾ وڌ سونهن ٿو ڏي ان سان گڏوگڏ معني کي به واضع ڪري ٿو.

جڏهن اسان **ساهتيه** لفظ ڪتب آڻيون ٿا تڏهن اسان جي ذهن ۾ ڪويتا، ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ جا نالا اچي وڃن.

جڏهن اسان **سنسڪرتي** لفظ ڪم آڻيون ٿا تڏهن اسان جي خيال ۾ ريتيون رسمون، رهڻ ڪرڻ، آچار ويچار، پريم ۽ سنسا، وشواس ۽ ڀاونائون وغيره جا عنوان اچي وڃن.

جڏهن اسان **سڀيتا** لفظ استعمال ڪريون ٿا تڏهن ان جي دائري ۾ آيل ڳالهيون، پراچين ڌرم، اوچ، تعليم، ملڪي رواج، وغيره بابت ويچار اچن.

ياد رهي ته سنسڪرتي - تهذيب - ڪلچر Culture هڪ ئي چيز جا جدا جدا ٻوليءَ ۾ نالا آهن ته وري سڀيتا، تمدن، سولائيزيشن Civilisation به هڪ ئي ڳالهه آهي.

پر سنسڪرتي ۽ سڀيتا، تهذيب ۽ تمدن، ڪلچر ۽ سولائيزيشن جي معني ۾ فرق آهي - اهڙيءَ طرح

# لوڪ - ناچ

●

اسانجو ڀارت ورش تہ لوڪ - نرتيہ جو خزانو آهي ڀارت جي ڌار ڌار پرانتن ۾ جدا جدا رسمن رواجن ۽ تهذيب مطابق لوڪ - ناچ آهن. جيئن تہ اتر پرديش ۾ "رام ليلا" ۽ "راس ليلا"، بنگال ۾ "رت ياترا"، بهار ۾ "ياٽو"، ڏکڻ ڀارت ۾ "يڪشگان"، "ڪچڀري" ۽ "ڪولاٽم"، راجستان ۾ "راس ڌاريان"، "گيري" ۽ "گهومر" تہ پنجاب ۾ "جهمر" ۽ "گدا"، گجرات جو "گربو" ۽ سنڌ جا لوڪ - ناچ آهن، "ڇيڄ"، "ٽيڙو" ۽ "جهمر". باقي ڪٿڪلي، مڻيپوري ۽ ٻيا ڪلاسيڪل ناچ تہ ڪيترن ئي پرانتن ۾ پکڙيل آهن، جيئن ٽيڪ ڪٿڪليءَ جو جنم ڏکڻ هندستان ۽ مڻيپوريءَ جو آسام ۾ ٿيو آهي. اهي سڀ اهڙا ناچ آهن، جن تي جيڪر ڪنهن بہ ملڪ کي فخر ٿي سگهي ٿو. پر مان هتي فقط "سنڌي لوڪ - ناچ" جي ٿي سري کي وٺي انهن ناچن جو ذڪر ڪندس.

ڇيڄ :-

هي ناچ خوشيءَ جي موقعن تي ڪيو ويندو آهي. هن ناچ ۾ ڪجهہ تعداد مردن جو گڏجي گول ٿاهي بيهندا آهن ۽ سندن هٿن ۾ ڏنڊا فوٽ ڪن ڪاٺ جون ڏوڪليون

# سنڌي لوڪ ڪلا

# Sindhi Lok Kala

## By Narain Bharti

## نارائڻ ڀارتي



ڀاءُ نارائڻ ڀارتي
سنڌي لوڪ ساهتيہ جي
کيتر ۾ جو ڪم ڪري رهيو
آهي، اهو ڏسي مونکي
خوشي ٿي. ان سان ملي،
ان جي آزمودي جي ليکي
۾ ليٽو ڀائي مونکي ائين
لڳو ته سنڌ جي ڇمڪندڙ
آتما ڳالهائي رهي آهي.
سنڌ جي مٽيءَ جو ٻچڙو آهي
نارائڻ ڀارتي. مان ان مٽيءَ
کي پرڻام ڪريان ٿو، جنهن
جو هيءُ ٻچڙو ماتا جي کير جو
ملهه چڪائي رهيو آهي.

— ديويندر ستيارٿي

## پرڪاشڪ جي قلم مان...

لوڪ - ساهتيہ پرڪاشن الهاس نگر (بمبئي) طرفان شايع ڪيل ٽن ڪتابن (لوڪ - گيت، هڪ نظر ۾، ٢- هو جمالو ۽ ٣- سنڌي لوڪ - ڪهاڻيون) سبب سنڌي ساهتيہ ۾ جا هڪ نئين ڌارا شروع ٿي آهي، ان سنڌي جنتا جو ڪافي ڌيان ڇڪايو آهي. هونءَ به هر ڪنهن ٻوليءَ جي ساهتيہ جي هر هڪ شاخ ڏانهن ليکڪ ۽ پرڪاشڪ نظرثاني ڪري هر هڪ جزي جي واجبي واڌاري ۽ پرڪاشن ڏانهن لازمي توجه ڏين ته جيڪر هيڏو وڏو خال رهيل ڏسڻ ۾ نه اچي. اسانجي اديبن قصن، ڪهاڻين، ناٽڪ، شعر ۽ مضمون نويسيءَ ڏانهن ڪافي ڌيان ڏنو آهي، پر اهو به اڻپورو ٿي آهي، ڇاڪاڻ ته فقط قصا لکڻ يا ڪهاڻين جي رچنا مان اسانجو ادب مڪمل ڪو نه ليکبو. اهو ڇاڪاڻ ته سماج کي ڪهڙي چيز جي ضرورت آهي، وقت جي تقاضا ڇا آهي، ان طرف تمام ٿورن ليکڪن جو ڌيان ڇڪيو آهي - سگھ.

### هي ڪتاب :-

هي چوٿون ڪتاب "سنڌي لوڪ - ڪلا" او هانجي هٿن ۾ ڏيندي نه فقط خوشي ٿي ٿئي، پر فخر بہ ٿئي

ٿو. منهنجي خيال موجب "سنڌي لوڪ-ڪلا" سنڌي ادب جو هڪ اهم پستڪ آهي، هن ۾ لوڪ-ڪلا جي مکيه پهلوئن تي چٽي روشني وڌل آهي. ان کان سواءِ ڪتاب کي اسڪيچن ۽ فوٽن سان سينگاريو ويو آهي.

اسين اهڙا ڪتاب جنهن اديش سان اوهان لاءِ شايع ڪريون ٿا، ان ۾ اسانجو رچناتمڪ (جوڙجڪي) مقصد آهي. اسانجو اهو پڪو وشواس آهي ته لوڪ-ساهتيه، انسان ذات کي قدرت طرفان ڏنل تحفه آهي. انهن گيتن ڪهاڻين ۽ چوڻين مان نه فقط گيان ٿو ملي پر مسئلن جو حل به پڻ ملي وڃي ٿو. پراڻي زماني ۾ سوارٿي انسان يا جلد ٿي ڀلجندڙ شخص کي سنئين راهه تي آڻڻ لاءِ اسانجي بزرگن پنهنجي آزمودن مان جڙ ۽ چيتن جو سندر ڍنگ سان ميل ڪيو آهي ۽ انهن معرفت اسانکي سکيا ڏني آهي. پڙهيل ماڻهو يا ودوان، دليلن کانسواءِ سولو اعتبار نه ڪندو آهي، پر ڌارمڪ سنسڪارن سبب جيون سان گهرو ناتو هجڻ ڪارڻ پيا گهڻن ماڻهن جي لاڙي جي ڪري ان کي به مجبورن جهڳ سان ٻڌجڻو پوندو آهي.

اهڙيءَ طرح لوڪ-ساهتيه کانسواءِ لوڪ-ڪلا ۾ به سماج، ديش، ڪال ۽ لوڪ جو سمورو روپ رهندو آهي. ڪنهن به ملڪ جي تواريخ جو نرماڻ اُن جا توري انداز ۾ راجائي طاقت رکڻ وارا مالڪ يا سلطان نه ڪندا

آهن، مگر سڀ انهاس ته جنتا جــي پنگتي، سياسي، ڌرمي ۽ مالي حالتن تي ٿي آڌار رکندو آهي.

جيڪي ڪلاڪار اڪ دوارن اندر پنهنجي آتما کي چٽين ٿيون سي ٿي ڪنهن جاتيءَ جي پاونا، سونهن ۽ ان جي پيدا ڪندڙ من جـي خاص گهري احساس ٿائين پهچي سگهن ٿيون.

مان ته ائين چوندس ته سنڌي جمندي ٿي ڪلاڪار آهن، عاشق آهن، صوفي آهن، حقيقت جا حامي آهن. انهيءَ وچار ڌارا ڪري ساري دنيا اندر سنڌ پنهنجو خاص درجو حاصل ڪيو آهي. اهـو سمورو نقش ملي ٿو سنڌي لوڪ-ڪلا مان.

لــيــکــڪ:-

شري ناراڻ پارتي به سنڌي آهي (خبر نـ آهي ته پنهنجي نالي پٺيان "سنڌي" نه لکي "پارتي" ڪيئن لکيو اٿائين). شري پارتيءَ سنڌي لوڪ-ساهتيه ۾ چار ڪوج ڪئي آهي سا بيشڪ لائاني آهي. پلا هيڏي ننڍي عمر ۾ سون هزارن ڪتابن جـو اڀياس ڪرڻ، گهر گهر وڃي لوڪ-گيت ۽ لوڪ-ڪهاڻيون گڏ ڪرڻ جا رواجي ڳالهه آهي! جيڏو وڏو ڪارج هن ڪيو آهـي اوڏي وڏي عمر هن ليکڪ جي نه آهي.

ان ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته ناراڻ پارتيءَ جــا لکيل ۽ شايع ٿيل ڪتاب ۽ گڏ ڪيل مـواد، جيڪڏهـن ڪو هيڪر پڙهي ۽ ڏسي ۽ پن ڪان پوء پارتيءَ سان ملاقات

ڪري ٿو، هو ڪي گهڙيون نه اعتبار نه ڪندو ته سچ پچ اهو پارٽي ٿي سگهي ٿو. جڏهن پارٽيءَ اهي ليک، ڪهاڻيون ۽ ڪتاب لکيا آهن ۽ جهڙن جو نالو ورهين کان ٻڌندو پيو اچان! ۽ آخر ۾ ڪيس اٿين ڇڙڻو پوندو ته **”سهڻي صورت کان سهڻي سيرت صد بار نه پر هزار بار بهتر آهي.“**

هيءَ ته فقط ملاقات جي ڳالهه آهي، پر جيڪڏهن ڪو ٻه ساٿس سنگت رکي ۽ ڪجهه وقت ساٿس گڏ هجي ته ڪيس اصل وشواس ٿي نه ايندو ته هي ڪو ليکڪ به ٿي سگهي ٿو. ٻارن جهڙي بي آرامي، اصل ٻڌ رهڻ مدت به هڪ هنڌ نه ويهي سگهندو، بي چئن ٿي پوندو. هر گهڙيءَ چانهه، ته ڪيس ڪپي ٿي، ان لاءِ ”نه“ ته ڪندو ئي ڪين. ٻارن وانگر هٺ به ڪندو، جيڪي سچ هوندو اهو به ٻارن وانگر ٻاڦڻ لاءِ پيو ڦٿڪندو. اندر ۾ ڪجهه نه رکي سگهندو. پوريءَ پنگت ۾ منهن تي ڦهڪائي ڇڏيندو.

انهيءَ سڀاءَ سبب ڪڏهين ڪڏهين ته ڪيس ڪافي نقصان به سهڻو پوندو آهي. سچ هڻڻ ٿي مرچ ٿي لڳندا آهن. ڀلا ڪنهن کي سچ وڻندو... هرڪو خوشامند تي خوش ٿيندو آهي. ڪيس اها ڳالهه بلڪل نه وڻي. نه ٻئي جي خوشامند ڪندو ۽ نه وري ٻئي جي پاڻ لاءِ ٿي خوشامند سهندو. ڳلا به نه ڪندو.

پارٽيءَ کي جڏهين به ڏسبو ته خوش مزاج ۽ پنهنجي

۾ پورو. مون کي سائنس تمام ويجهو رهڻ جو وجهه مليو آهي. تنهن ڪري گهرائيءَ سان اڀياس ڪرڻ جو آزمودو اٿم. منهنجي خيال موجب ان ٻارن جهڙي معصوم سياڻ سبب ٿي شايد سنڌس ليکڻ، ڪهاڻين يا ڪتابن ۾ اهڙا سڀاويڪ ڪشش ٿئي ٿي جا حقيقت چقمق جيان ٻين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي وٺي.

ڪيترن ئي، اسان جو ڪم وٽن ڳڻڻ سان نه، مگر انهن جو سوادي ۽ مٺڙو ميوو کائڻ سان آهي. ايشور ڪندو جو سنڌس قلم کي وڌيڪ قوت ملندي ۽ اسان سنڌس رچنا جو چشڪو يا سواد وٺندا رهنداسون.

## آسين :-

سنڌي ساهتيه جو سمورو اتهاس تارچ ٻاري ڳولهڻ سان به نه لڀي سگهندو. ۽ ادبي شناس حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي به عمدا اصولي ڪتاب ڪين ملي سگهندا. ڇا سنڌيءَ ۾ اهڙي قسم جي ساهتيه جي کوٽ ڪو نه پر جي سگهندي؟ اهو خيال، هميشه لاءِ خال ٿي رهندو؟ نه فقط ايترو بلڪ سنڌي ٻوليءَ جون لغتون (ڊڪشنريون) به غير موجود آهن. نه فقط ايترو پر ڪنهن پيڙهن جي واڌاري لاءِ ساهتيه رچنا ڏانهن لاڙي ليکڪ به ٿورو آهي...؟

ڇا آهي انساني زندگيءَ ۾ مکيه اهڙو نٿيون وٺن؟ ان سلسلي ۾ شايد ڪي اٿين به ڇڙي جند ڇڏائيندا ته

مردن لاءِ رچيل ادب انهن لاءِ به آهي، پر اڻين نه آهي. انهن لاءِ ٻين ٻولين ۾ ادب جو ڀنڊار ملندو.

هندي، بنگالي، مرهٽي، انگريزي، روسي ۽ ڪيترن ٻين ٻولين ۾ استرين جي ادب جا انبار پيا آهن. پر سنڌي ٻوليءَ جي ساهتيه ۾ ان بابت ٿوري آهي.

لوڪ-ساهتيه پرڪاشن هن وقت فقط سنڌي لوڪ-گيتن لوڪ-ڪهاڻين يا لوڪ-ڪلا کي پرڪاشن ۾ آڻڻ جو پروگرام شروع ڪيو آهي. پر وقت پري نه آهي جو اسان ايشور ۽ پاٺڪن جي ساٿ ۽ سهڪار سان سنڌي ادب جي هن (ادبي اصولن متعلق ۽ استرين بابت) شاخ ڏانهن به قدم وڌائينداسون. اميد ته ايندڙ سالن ۾ اهڙي قسم جي شروعات ڪئي ويندي. آشا آهي ته اسان جي ان وڌايل قدم جي آجيان ڪئي ويندي ۽ اسان جو پرڪاشت ساهتيه خريد ڪري اسان جي همت افزائي ڪئي ويندي.

مهالڪشمي

— پي - آنند

١٢ سيپٽمبر ١٩٦٠ع

# مهاڳ

اندر ۾ اُمنگ اٿي، اُمنگ مان ڪلپنا اُڀري ٿي ۽ ڪلپنا روپ ورتو. انهيءَ روپ کي ڪوٺيائون ڪلا. ڪلا آهي ڳڻ، ڳڻوان آهي ڪلاوان ۽ ڳڻ کي پرگھٽ ڪري ٻين جي اڳيان پيش ڪرڻ وارو ٿيو ڪلاڪار. ڪڏهن جي اندر ۾ هُوڪ اٿي ۽ انهيءَ هوڪ اکرن جي صورت ورتي، سندر ويچار سندر ڀاشا ۾ ظاهر ٿيا، ته ٿي پيئي ڪوتا. ڪڏهن آتمڪ پرڪاش کي سُر، گيت ۽ لئه ۾ آندو ته ٿي پيو سنگيت. سنگيت جو اظهار ڪن ڪيو مک سان ته ڪن هٿن سان. هٿن ڪم ڪيو ته ساز ٺهيا ۽ ساز سُريا، مک ڪم ڪيو ته ڀانت ڀانت جا راڳ جُڙيا. سُر جي ڌُن ۾ اچي جن مستيءَ ۾ ڦيريون پاتيون ۽ هٿن خواه پيرن سان تال ورتو تن انوکي ڪلا پيدا ڪئي جنهن انوکي ڪلا کي ڪوٺيائون نرت- ناچ يا رقص! پٿرن کي تراش ڪرڻ جي ڪلا کي ڪوٺيائون سنگتراشي ته ليڪن کي روپ ۽ رنگ ڏيڻ واريءَ ڪلا کي سڏيائون چترڪاري. ڪلا جي اُپما شاسترن ۾ ٿيل آهي. ڪلا داتار جي ڏات آهي. ڪلا انهيءَ کي ملندي آهي جنهن تي سرسوتي ديويءَ جي ڪرپا ٿيندي آهي. ڪلا مان جهلڪ ملي ٿي قوم يا ملڪ جي ڪلچر جي.

ڪلچر انگريزي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ عربي ۾ آهي ثقافت ۽ سنسڪرت ۾ سنسڪرتي! تهذيب، تمدن ۽ سڀيتا جي صحيح معنيٰ الڳ آهي.

ملڪ جي سنسڪرتيءَ جو پرد رشن ڀوريءَ ريت ڪلاڪار ئي ڪرائي سگهي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو جڏهن به ڪو ديش چاهي ٿو ته ٻين ديشن کي اسان جي سنسڪرتيءَ جو پتو پوي تڏهن ڪلاڪارن کي ئي اهو ڪم سپرد ڪيو ٿو وڃي ۽ اهي ڪلاڪار پوريءَ معنيٰ ۾ ديش جا ايلچي بڻجي، پنهنجي ڪلا دوارا پنهنجي ملڪ جو مان مٿي ٿا ڪن.

ملڪ جون جهونيون ريتيون رسمون ڪهڙيون آهن، ديش جا قصا، ڪهاڻيون ڪهڙي نموني ليکيل آهن، قوم جو ادب ڪهڙي معيار جو آهي، جنتا جا عقيدا ۽ وشواس ڪهڙا آهن، انهيءَ جنتا جي راڳ يعني موسيقي، سنگيت ۾ ڪهڙي لطافت سمايل آهي، ماڻهن جي پوشاڪ ڪهڙي آهي، سندن هار سينگار جو سامان ڪهڙو آهي، سندن ڪاڌو پيتو ڪهڙو آهي، هنن جي رهڻي ڪهڻي ڪهڙي آهي وغيره وغيره؟ انهن سڀني ڳالهين تي ڪلاڪار اسٿول يا سوڪيم ڪلا دوارا روشني وجهي پنهنجي ديش جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ تي روشني وجهي ٿو. اسٿول ڪلا کي ڪونئين اپيوگي ڪلا يا مادي فن ۽ سوڪيم ڪلا کي ڪونئين للت ڪلا يا لطيف فن.

اسٿول ڪلا ۾ ظاهر ظهور دنيوي خزانن ۽ پنهنجي سرير

جي سکن جو مال موجود هوندو آهي ۽ سوکيم ڪلا ۾
سمايل هوندي آهي آنڪ آنند جي (سامگري). ڪلا جو
درجو اوچو آهي. جيئن جي سندرتا کي چٽيءَ طرح
ڪلا ئي چٽي ٿي.

هر ديش کي پنهنجي تهذيب تي ناز آهي. يونان
هجي، مصر يا روم، چين هجي، انگلنڊ يا آمريڪا،
روس هجي، پولنڊ يا چيڪوسلوويڪيا! هرهڪ قوم
۽ ديش کي پنهنجي پراڻي يا نئين سنسڪرتيءَ تي فخر
آهي. ڀارت جهڙو پراچين ديش ڪٿي پٺتي پوندو؟
ڀارت جنهن لاءِ شاعر چيو آهي:-

"يونان و مصر روما سب مٽ گئي جهان سي
اب تک مگر هئ باقي نام و نشان همارا"

ڀارت دنيا ۾ هر سڀيتا جو باني آهي. جڏهن هند
جي وڏائيءَ جو ٿو ويچار ڪجي تڏهن سنڌ کي وساري
نٿو سگهجي. سنڌ ڪالهه تائين ته هند جو جزو هئي ۽
اڄ به، ليڪن سنڌي ڀارت ماتا جي گود ۾ وسرام پائيندي
پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي انوکيءَ ۽ پراڻي سڀيتا ۽
سنسڪرتيءَ جي هام هڻن ٿا.

سنڌ جو اتهاس آڳاٽو آهي ۽ سنڌو سڀيتا پراچين ۽
نرالي. هزارن ورهين جي جهوني جهوني پر سنڌ ۾!
جنهن زماني ۾ اڄ ڪلهه جون مهذب قومون اگهاڙو
گهمنديون هيون، تڏهن سنڌ ململ ۽ سوني ڪپڙو ناهي
بابل، يورپ جي اوير ڏکڻ وارن ملڪن، عربستان ۽ ايران

چڱي. معماري ۽ پهڻجي جاءِ ۾ ٺڪر جا برتڻ اهڙا مليا آهن جو انهن جي خوبصورتي، چٽسالي ۽ ڪاريگري دنيا جي هنرمندن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

رکلداس بئنرجيءَ جو چوڻ آهي ته "موهن جي دڙي مان نڪتل نقش ٿيل مٽيءَ جا ٻاسڻ دنيا جي سڀيتا جي اتهاس ۾ بلڪل اوچا ثابت ٿا ٿين." ڊاڪٽر مئڪي جو رايو آهي ته "اهڙا سهڻا ۽ لسا مٽيءَ جا برتڻ دنيا ۾ ٻئي ڪٿهن به هندان ملي نه سگهيا آهن."

مهرون ڇا لڌيون آهن؟ ڇا ته مٿن ڪاريگري ٿيل آهي! مهرون ٺڪر، عاج، ٽامي، چن، سنگمرمر ۽ چانديءَ جون ٺهيل آهن. انومان آهي ته جن مهرن تي سوسٽيڪا جي نشاني آهي سي خاص ڪري ڌرمي ڪمن لاءِ ڪتب اينديون هونديون. جانورن جي تصويرن واريون مهرون تمام دلچسپ آهن.

اٽس جو ڪم به ٿيندو هو ۽ زريءَ جي پرت واريون ڪپڙي جون ڪي ٽڪريون به هٿ آيون آهن جنهن مان ثابت ٿو ٿئي ته اٽس سان گڏ سنڌ ۾ زريءَ جو ڪم به ٿيندو هو.

زرعي ڪم جا اوزار به لڌا آهن. تلوارون، خنجر ۽ ڀالا به بلڪل غير رواجي آهن. مورتن ۽ پتلن تي به تمام سٺي ڪاريگري ٿيل آهي. موهن جي دڙي مان جيڪي اڪل خزانا هٿ آيا آهن تن مان ثابت ٿو ٿئي ته ماڻهو ڪپڙا ۽ زيور سٺا پهريندا هئا. زيورن جي

آهي ته جيڪڏهن موهن جي دڙي مان اهي عجيب ۽ غريب شيون هٿ نه اچن ها ته ان وقت جي ماڻهن جي ڪلا ۽ ڪاريگريءَ جي ڪل ڪانه پوي ها ۽ ڪلا جي ڄاڻ نه پوي هـــا ته اسين اصلوڪن سنڌين جـي سنسڪرتيءَ جي ساک ايڏي ايمان سان نه پري سگهون ها ۽ سنڌو سڀيتا جي هام هڻڻ ۾ هچڪون ها. ڪـلا آهي بنياد جنهن تي بيٺل آهن سنسڪرتـي ۽ سڀيتا جي عمارت!

هيءَ ته ٿيو ذڪر سنڌو سنسڪرتـي ۽ سڀيتا جو، موهن جـــي دڙي واري دؤر ۽ ويدڪ زماني جو. هاڻي اچو ڏسون ته عربن جي آئي کان پوء سنڌ جي سنسڪرتي ڪهڙي رهي انهيءَ سنسڪرتيءَ کي ظاهر ڪري پيهارڻ لاءِ ڪلاڪارن ڪهڙو پاڳ ورتو؟

ڪاريگرن ۽ ڪلاڪارن ڪافي وڏو پاڳ ورتـــو ۽ انهيءَ ڪوشش جا ارڪان اڄ به ڇٽا ۽ ٽڪا بيٺا آهن. سنڌ جي ڪلا جو جڏهن ذڪر ٿو ڪجي تڏهن لوڪ ڪلا کي ئي ڌيان ۾ رکڻو ٿو پـــوي. لوڪ ڪلا عـام لوڪن جي جذبي جو نتيجو آهـي ۽ نه ڪلاسيڪل ۽ يا وگيانڪ ۽ شاستري نيمن ۽ اصولن جو. سنڌي اباڻن کان آجا اچي شاه صاحب سان گڏجي ڳائين.

"ڏڏ ٿي ڏان گهرج، تون ڇڏ مت وڃائي."

عرب پاڻ سان اسلام ڪٺي آيا. اسلام جـي ڪري مسجدون ۽ مقبرا ٺهيا. اڳي جيڪي مندر ۽ ٻيون پوڄر

ٻه ٿهن پيا. ڪهڙن لفظن ۾ انهيءَ ڪاريگريءَ جو
قدر ڪجي؟

ڪپڙي تي ڪم ٻه عاليشان آهي. لونگين ڏسي لونءَ لونءَ ٺري وڃي، سوسنين ۽ گلابن ڏسي نيڻ سيتل ٿي وڃن، نصر پور جا کيس ڏسي دل ڪيڏي وڃي. ڇا ته ڪم ٺپيل آهي فراسين ۽ غاليچن تي! غاليچو آهي يا باغيچو؟ رواجي عورتون جيڪي چادرون ٽپون اوڍين يا وڏيرا جيڪي هندن تي پوش ٿا وجهن تن جي ڇر ته ڏسو! ڇا آهي اُٺت ۽ ڇا آهي رنگن جو ميل! پرت جو ڪم ته اعليٰ درجي جو آهي. پرت لاءِ مقيش ڪم آيل هجي، پٽ يا ست، ڪم ڏسي اچانڪ اندر مان واهه واهه نڪري ٿي وڃي. ڪم ڪندي ڪاريگرن ماڻهن جي عادتن، شغلن ۽ رسمن جا چٽ وٺي چٽيا آهن. باريڪ نظر سان نهارجي ته آئڪن جي اندر تتر پيا وڙهن، ڪڪڙ پيا جهڳڙو ڪن، شڪاري پيا هرڻن پٺيان ڊوڙن، نانگ پيا نوڙن سان لڙن، ملهه پيا طاقت آزمائي ڪن ۽ مهاڻا پيا درياهه ۾ ٻيڙين جو سير ڪن. مردن کان وڌيڪ زالون انهيءَ ڪم ۾ پڪيون آهن. پرت جو شرق ئي انتها اٿن. ٻيو ته ٺهيو پر خود سندن رواجي گهگها، گج، چولا، ستٿون ۽ ٽوپيون به نفيس پرت جي ٽانڪي پيئون ڏين ۽ ڪلا جي ساک پرائن.

نڪر جي ٽانون کي به بسوڪونه ڇڏيو اٿن. دلن، سٽن، چاڏين ۽ صراحين تي ته ڪم ڏسو! اچ به جيڪڏهن

اللهه جي لئو ۾ لين ٿيو وينو غيب جا ڀيد ٻڌائي. اها موج مچندي آهي جو ٻڌندڙن ۽ ڳائيندڙن کي پنهنجي ساهه جي سڌ نه هوندي آهي. ڪنهن سرندائي کان ڪڏهن حسيني يا راڳو يا ڪوهياري جهونگار ڀي ٻڌي اٿو؟ جنهن قوم کي راڳ جو شوق نه آهي تنهن قوم جي چرتر ۽ اخلاق ۾ ٻڌڻي مشڪل هوندي. قدرت ۾ نديون ڦل ڦل ڪن ٿيون، وڻ ڇم ڇم ڪن ٿا، پکي لاٽيون لنون ٿا ته انسان اهڙيءَ سوغات کان ڪيئن وانجيو رهي؟ سنڌ ۾ سنگيت جو پورو پورو آدر ڪيو آهي. سنڌي ڳائين به وڄائين به. راڳ ۾ پڻ ته سازوادن ۾ انهيءَ کان به سرا. سازن جا سوين قسم آهن ڪي مروج ۽ ڪي متروڪ. سنڌيءَ جو ڪڏهن نڙ ٻڌو اٿوَ؟ نڙ ٻڌو سنڌ جي سوني سورداس جو ۽ پوءِ چئو ته بسم اللهه جي شهنائي شهه کائي ٿي وڃي يا نه! ڪنهن ڏينهن ٻنهي جي جگل بندي ٿئي ته پوءِ انصاف ڪريو. نڙ جڏهن وڄي ٿو تڏهن ته جڻسي ائين پيو سمجهجي ته رومي شاعر پنهنجي مثنوي جي شروعات انهيءَ نڙ جي صدا سان ڪئي آهي.

”شنو از ني چون حڪايت مي ڪند
وز جدائي ها شڪايت مي ڪند“

معنيٰ- نڙ کان ٻڌ حڪايت ٿو ڪري ۽ جدائي کان شڪايت ٿو ڪري.

نڙ ۾ ٻه ڪانيون ڪم اينديون آهن. نر ۽ ماد!

ٽڪري ڊرڊ جون دانهون ۽ ماڏي ڀري سڪ جا سڏڪا! اصل ائين پيو لڳندو آهي ته چڪور ۽ چڪوري رات جي وقت هڪ ٻئي کان جدا ٿي الڳ الڳ ڪناري تان پيا هڪ ٻئي کي ڪوڪارين ۽ پڪارين! ڦوڪ ڦوڪڻ سان ٻورو نڙ ورلاپ ٿو ڪري پر انهيءَ ۾ ڪمال ڪري. سنڌ ۾ بنسريءَ جا استاد پيا آهن ته تنبيءَ وڄائڻ وارا به ڏاڍا ڪاريگر موجود آهن. نانگ کي جهومائڻ وارا جوڳي چاڙها تنبيءَ مان تانون ڪڍن! شرناءِ وارا شهزور به سنڌ ۾ گهڻا آهن. شاديءَ جو شگن ٿي پورو نه ليکجي جي شرناءِ مان فلڪ شگاف آلاپ نه اٿن! چنگ وڄائڻ وارا اڄ به چت چرٻو ڪري ٿا ڇڏين. ڪن جو چوڻ آهي ته بيجل چنگ چوري راءِ جو چت چرٻو ڪري ڇڏيو ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته سرنديءَ جي سر تي راجا سر آريو. چنگ هجي يا سرندو پر اڄ به سنڌ ۾ اهڙا ماهر پيا آهن جو جيڪڏهن ڪو سخي سردار هجي ته جان گهورڻ لاءِ تيار ٿي وڃي.

”جاچڪ تو جهار ڏه پيرا ڏياچ چڙي
جنهن ۾ مال نه مڙيءَ جيترو تنهن تو طمعدار
جي اڇيئي ڪم ڪپار، ته ويهه پيري ڏيان!“

ساز پيا به گهڻا آهن جهڙوڪ:- يڪتارو، دهل، ٻاول، ڪاني، مرلي، بوڙينڊو، ڍولڪ، ٽڪريون، ڪرتال ۽ سيٽي کان سَر منهنجو محبوب مٽڪو. دلي وڄائڻ وارا به ٻلين ٻلين پيا آهن. دلي تي ٺڪ ڪري

# پــــس آکـــــر

ڪلا ڇا آهي؟ ساهتيہ ڇا آهي؟ انهن بنسبت اڄا
تائين تــز ۽ سيڌي ۽ ساڳئي نموني قبول پوندڙ وصف
وجود ۾ نہ آئي آهي. لوڪ ڪلا ۽ لوڪ ساهتيہ جــي
وصف، دڳر ۽ دائري بنسبت تهائين وڌيڪ مُتڀيد آهن.

هڪ ڳالهہ ۾ سڀ يڪراءِ آهن تہ ڪلا (ساهتيڪ خواه
ٻي) جو واسطو دماغ جي ڀيٽ ۾ دل سان وڌيڪ آهي.
ساڳئي نموني سڀ اِن ڳالهہ ۾ سهمت آهن تہ لوڪ ڪلا
(ساهتيڪ خواه ٻي) ۾ دماغ جو دخل يا تہ آهي ڪونہ
يا تہ نہ جهڙو آهي. لوڪ ڪلا مانو هردي مان ڦٽي
نڪتي آهي ۽ مانو هردي سان مخاطب ٿئي ٿي. لوڪ
ڪـلا ڪڏهن جنم ورتــو ۽ ڪهڙي دور ۾ قلبي قولي
تنهن دور بنسبت هڪ ڪان وڌيڪ رايا ٿــي سگهن ٿا
پر اُن دور ۾ انسان جو دماغــي شعور ٻاروتن ۾ هو ۽
اُن وکيانڪ نظريو اڃا نہ اپايو هــو. تنهن بنسبت ٻہ
رايا ٿي نہ ٿا سگهن.

رواجي ڪلا ۽ لوڪ ڪلا، رواجــي ساهتيہ ۽ لوڪ
ساهتيہ وچ ۾ ٻيو هڪ فرق آهــ گهڻو تڻو سيڌي قبوليو.
رواجي ڪلا ۽ ساهت تي ان جي رچيندڙ، هڪ شخص،

جي ڇاپ لڳل نٿي ٿي؛ ڪٿي نہ ڪٿي، ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ رچيتا جي شخصيت ان مان جهلڪي ٿي. هو سماج ڪان ڪيترو ۽ ڪيئن متاثر ٿيو آهي. ان بابت نقادن ۾ اڪثر متڀيد رهندا آهن يا رهيا هئا. مگر لوڪ ڪلا ۽ ساهتيہ سدو سنئون سماجي يا اجتماعي آهي. ڪنهن وقت جيڪڏهن ڪنهن هڪ شخص به ان جو سرجن ڪيو آهي تہ بہ سماجي فرد جي حيثيت ۾، بلڪ سماجي نمائنده جي حيثيت ۾. لوڪ ڪلا جو سرجڻهار اڪثر گمنام ٿئي ٿو مگر لوڪ ڪلا هر حالت ۾ "چالو سچائي ٿئي ٿي، سماجي ٿئي ٿي."

روسي نقاد بيلنسڪي سچ چيو آهي تہ "لوڪ ڪلا جي سرجڻ ۾ انسانيت، انساني همدردي ۽ انساني سماج جو سڌو ۽ گهڻي ۾ گهڻو هٿ آهي... تنهنڪري ڪري انساني سماج جي تهذيبي ارتقا (وڪاس) سمجهڻ ۾ لوڪ ڪلا ڪافي گهڻو واهرو ٿئي ٿي."

لوڪ ڪلا پراڻي آهي يا نئين؟ هن ڪتاب ۾ پيارن ۽ رالف وليم جو "لوڪ گيت" بابت رايو ڏنو آهي-

"لوڪ گيت نہ پراڻو آهي، نہ نئون، اهو جهنگل جي هڪ وڻ جيان آهي جنهن جون پاڙون ماضيءَ ۾ ڪافي اونهيون پوريل آهن پر جنهن نت نيون شاخون، ٽاريون ۽ ٽوان گل پيدا ڪندي." هيءَ وصف هر ڪلا سان بخوبيءَ لاڳو ٿي سگهجي ٿي.

ماضيءَ مان ئي حال قتني نڪري ٿو. هاڻوڪي ڪلا

لاءِ ماضيءَ جي لوڪ ڪلا سنڌيءَ يا اڻ سنڌيءَ طرح
پرپٽا ڏيندي رهي آهي. پرپٽا ٿي چڪي، گهڻين حالتن
۾ ان جو اثر نمايان آهي. لوڪ ڪلا پنهنجي سر بـــ،
جئن جو تئن اڄ به وڻندڙ، دلڪش ۽ اثردار آهي. ان
جي حفاظت ضروري آهي، انجو اڀياس ضروري آهي
۽ ان بابت وڌيڪ کوجنا ضروري آهي.

سنڌي لوڪ ڪلا جو دائرو ڪيترو وسيع آهي، ان
جا ڪهڙا ورهاڱا آهن ۽ ورهاڱن ۾ ڪهڙيون چيزون ٿيون
اچن، انهن بنسبت هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ پروفيسر
رام پنجواڻيءَ عالماڻي نموني روشني وڌي آهي. هن
ڪارگر ڪتاب ۾ نارائڻ ڀارتيءَ سنڌي لوڪ ڪلا جي
وجود، وصف، دائري ۽ قسمن جي ڪافي اپٽار ڪئي
آهي. مان هتي "ٻن اکرن ۾" وڌيڪ ڪجهه چوڻ ضروري
نه ٿو سمجهان. منهنجي گذارش صرف اها آهي ته
سنڌي لوڪ ڪلا جي املهه خزاني کي سنڀالڻ کپي،
ڪٺو ڪرڻ کپي، وڌائڻ کپي.

مونکي ڀارتيءَ جو هيءُ ڪتاب، هن جي ٻين ٻين
ڪتابن کان وڌيڪ پسند آهي. هن ڪتاب ۾ ٻين ٻين
ڪتابن جو نه صرف نچوڙ موجود آهي، بلڪ ڪن ساڳين
وشين جي وڌيڪ چنڊ ڇاڻ ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾
عالمن ۽ نقادن جا حوالا به جان تان وڌيڪ ڏنا ويا آهن.
مثال به سرس آهن. هن ڪتاب پڙهڻ سان ڀارتيءَ جي
محنت، اڀياس، ڄاڻ ۽ نظرئي جي وڌيڪ چڱي سڌ
پوي ٿي.

لڏ پلاڻ بعد سنڌي ٻولي، ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ چاهہ ٿوهائين وڌيل آهي. البت ساري ڀارت ۾ سنڌين جي ٽڙيل پکڙيل هجڻ ۽ سرڪار جي اڻ پوري سرپرستيءَ جي ڪارڻ سنڌي ڪلا ۽ سنسڪرتي لهرن لوڏن ۾ آهي پر اها ختم ٿي ويندي، اهو خيال خواب ۾ بہ نہ اچڻ گهرجي. ها، لهرن لوڏن وچ مان اسان کي سنڌين جي ڪشتي سلامت رکڻي آهـــي، ڪناري پيري ڪرڻي آهي. اهو فخر هر سنڌيءَ کي ڪرڻو آهي.

مون کي اميد آهي تہ ڀارتي ڪن سڄڻن جي بيهد ساراهہ تي ڦونڊ ۾ پرجي نہ ويندو. نہ وري ڪن دوستن جي بي واجبي نڪتہ چينيءَ تي بہ همت ٽيندو البت واجبي آلوچنا کي هميشہ سان هنڊائيندو ۽ ايندڙ ڪتابن ۽ ليکن ۾ ان کي ڌيان ۾ رکندو.

مون کي پڪ آهي تہ هن جهڙو ڪاربہ هٿ ۾ کنيو آهي، ان کي پوري ڪرڻ لاءِ وسان نہ گهٽائيندو. منهنجون شڀ ڀاونائون ساڻس آهن.

ڪانڊيولي — گوبند مالهي
١٩-٩-١٩٦٠ع

لوڪ - سنسڪرتي وغيره.

ٻه هٿ مان لوڪ - ڪلا جو ذڪر ڪندس ۽ ڪلا جي دائري ۾ گيت، ڪهاڻيون، چوڻيون، سنگيت، ناٽڪ، ناچ، چٽر ۽ معماري ٿي اچيا ٿو.

## لوڪ

اڄوڪي زماني ۾ اپياس جي نون وشين، ساهتيه ۽ ڪلا وغيره ۾ نين تبديلين اچڻ سان دنيا اندر 'لوڪ' جي اهميت ٻه هنا ڪنهن واد وواد جي قبولي وئي آهي - ٻر اڇا سوڌ و 'لوڪ' سان واسطو رکندڙ وشين ته ڇا ٻر خود 'لوڪ' لفظ ڪي پوري پوري وصف Defination ڏيڻ ۾ پوري طرح اڪراءِ ٿي نه سگهي آهي. ۽ نه وري ڪو ان باٻت پشچمي (يورپي) ۽ پورٻي (ڀارتي) ڀاشا وگيانين ۾ ٿي ڪا سهمت راءِ آهي - هڪ ودوان جي چوڻ مطابق 'لوڪ' جي معنيٰ 'جن سماج' آهي، جنهن ۾ زمين تي رهندڙ هر قسم جا انسان اچي ٿا وڃن. هي لفظ غير طبقيوار آهي - ڪنهن هڪ طبقي سان واسطو يا معنيٰ نٿو رکي.

شري واسديو شرڻ اگروال جي لکڻ مطابق ”'لوڪ' اساڃي زندگيءَ جو مهاساگر آهي، ان ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل سڀ ڪجهه سمايل آهي. 'لوڪ' راشٽر جو بقائي روپ آهي - ان جو پلو اساڃي ترقيءَ جو دروازو آهي ۽ نرماڻ جو نئون روپ آهي.“ *

---

* سمپلن پتريڪا (لوڪ - سنسڪرتي - خاص پرچو صفحه ٦٥)

بيتن ۾ "لوڪ" لفظ 'عام ماڻهو' جي معنيٰ ڏيندو - مثال طور هيٺ ڪي شاهه جا بيت ٿو ڏيان، جن ۾ 'لوڪ' لفظ ڪم آيل آهي.

مهنجي خيال موجب ته سنڌي ٻوليءَ ڪي اهو 'لوڪ' لفظ پراڪرت مان ڦري سنسڪرت جي روپ ۾ مليو آهي*

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ -

سر حسيني ٣- بيت ١١

" ٻرو هـــو ڀنڀور، آرياڻـــيءَ اُجار ٻو،
لاٿو سڀ **لوڪ** تان، هاڙي ڏٺي هور،
ڇورئون ڇرڪ سڪيون، ڀڃون ڪيائون ٻور،
آيو سو اَئوُر جهه ڏکيوُن ڏک هارئوُن."

سر حسيني - ٥ - بيت - ٦

" ڏني سڪ سسئيءَ کي - ڀليباڻي ٻروچ،
**لوڪ** وڇائي لوچ - نيئي ڀهڄائي ڀنڀورءَ کي."

سر مارئي ٣ - بيت ٣.

" ڪراين ڪروڙ جا - چوُڙا ڪوُڙا جن،
سومرڪ ماروئڙن - جئان **لوڪ** لڄ ٿئي."

---

* پراڪرت ۾ اکر آهي، لوگ ۽ سنسڪرت ۾ لوڪ - سنڌيءَ ۾ به 'لوڪ' ڪتب ايندو آهي- پر ماننڊ ميوارام جي سنڌي انگريزي لغت ۾ 'لوڪ' جي معنيٰ آهي- Men - People : Country - لوڪ مان - لوڪ مرجاد - لوڪاڻي - لوڪاچاري لفظ نڪتا يا ٺهيا آهن.

سر مارئي - ابيات متفرقه - بيت ٣١

” ننگا آهيون نگٽا، اسين مارؤ لوڪ،
ٿر کي پاڻيؤن ٿوڪ، جو ڏيک ڏيا ٿيڙن جي.“

سر ليلا چنيسر ١- بيت ۴

” چنيسر چوڙنگ، ٻه رنگو لوڪ ٻڌر،
تهه سين چنڊوسنگ، وچڙو هار هٿ ڇهين.“

شاه جي بيتن ۾ ’ لوڪ ‘ لفظ ڪم آيو آهي. منهنجي خيال موجب اِها هڪ سند آهي ته ’ لوڪ ‘ لفظ جي معنيٰ **عام ماڻهو** آهي.

**ڪلا :-**

اسانجي مضمون جي وشيه آهي ’ لوڪ - ڪلا ‘. ’لوڪ‘ جي وياکيا مٿي ڪئي اٿم، هت ’ڪلا‘ بابت ذڪر ڪندس. ’ ڪلا ‘ جو ڪو ڪو ۽ پڪراءِ روپ ته آهي ڪونه، هن لفظ جون ٻه جدا جدا ڏوصفون Definations ڪيون ويون آهن - هڪ ڳالهه ته وصف ڪندڙ جي نظر ۾ ’ڪلا‘ جو ڪونه ڪو روپ هوندوئي آهي ۽ هوُ ان روپ جي آڌار تي ئي ان جي وصف ڏئي ٿو، ٻيو تڏهين ٻه اها مڃيل حقيقت آهي ته هر روپ جا ٻه پاسا هوندا آهن- اهي ٻه پاسا هڪ ٻئي جي مختلف هوندا آهن - خير ڪيئن به منهنجي خيال موجب ته ڪلا جي معنيٰ آهي فن يا هنر - لکڻ جو فن (Art) ڳائڻ جو فن، نچڻ جو فن، نقل يا اداڪاريءَ جو فن وغيره.

لوڪ - ڪلا جي حد (مريادا) کي ڄاڻڻ لوڪ - ڪلا

جي درشن لاءِ ضروري آهي - لوڪ - ڪلا جون هيٺيون حدون مڃي سگهجن ٿيون.

لوڪ - ڪلا، ودوانن، ڪلاڪارن ۽ نگر جي ہر ڪ شخص کي خوش ڪرڻ لاءِ نہ آهي.

لوڪ - ڪلا، ڪلاڪار جي شخصيت کي اُپارڻ يا خود نمائي پيدا ڪرڻ لاءِ نہ آهي.

لوڪ - ڪلا ۾ لوڪ جي سچاويڪ حالت ۽ روپ جوئي نقش ٿو ملي.

لوڪ - ڪلا مان ظاهر ٿو ٿئي تہ لوڪ جا ڪهڙا وشواس ۽ آزمودا آهن.

لوڪ - ڪلا تي ڪهڙا اتهاسڪ اثر پيا آهن ۽ انهن اثرن هيٺ ڪهڙا وشواس ۽ آزمودا پيدا ٿيا.

لوڪ - ڪلا ۾ هن وقت انهن وشواسن ۽ آزمودن جو روپ ڪهڙو آهي، انهيءَ جي ڪهڙي اهميت آهي ۽ اهي اڄ جي انسان کي ڪهڙي ۾ پرپٽا (اُتساه) ڏئي سگهن ٿا؟

لوڪ - ڪلا، لوڪ جيون ۾ سمايل سماجڪ گڏيل ڀاونا، انسان جي اوستا ۽ زمانن جون تبديليون ٿي ظاهر ڪري.

مٿين حدن کي خيال ۾ آڻڻ سان اسان لوڪ - ڪلا (ماڻهن جي فن) کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهڻ جهڙا ٿي سگهنداسين. تہ لوڪ - ڪلا معنيٰ ماڻهن جو فن - عام ماڻهن جو - خاص ماڻهن جو - هر انسان جو - پر جدا جدا جاتين ۾ الڳ الڳ نموني ۾ ڏسبو -

وارو منڊل ۾ ٽيو آهي، سا وجود ۾ ايندي ته رهي ڪهي سنڌي لوڪ ڪلا به ختم سمجهڻ گهرجي.

ڪير لوڪ گيت ڳائيندو؟ ڪير لوڪ ڪهاڻيون ڪڍندو ۽ ٻڌندو؟ ڪير لوڪ ناچ ڪندو؟ تڏهين... تڏهين ان بابت سواءِ ڪتابي علم جي انهن اڳيان ٻيو ڪجهه نه رهندو- اهڙو انديشو آهي.

پر هن سنڌي لوڪ ڪلا کي زنده رکڻ لاءِ ڪهڙي جاکوڙ ۽ جفاڪشي، سهڻن ڪشٽ ۽ ڪشالا.

لوڪ ساهتيه ايندو ڪتابن ۾، لوڪ سنگيت ايندو رڪارڊن ۾، لوڪ ناچ ۽ لوڪ ناٽڪ ايندا فلمن ۾- ان سڀ لاءِ ڪهڙو پئسو ۽ وقت. ڪير ڏيندو...... ؟


لوک گیت

# لوڪ - گيت

اهڙو وقت به هو جڏهين دنيا جي سڀني ملڪن ۾ انسان قدرت جو پوڄاري هو. انسان قدرتي زندگي بسر ڪندو هو، ان وقت هن جي هلت چلت، رهڻ ڪرڻ، سڀ سادو ۽ سياوڪ هو. انسان ٻاهرين ڏيک ويک کان بلڪل ئي دور هو. هن جي اٿڻ ويهڻ، ڪم ڪار، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، ڳائڻ نچڻ، اهو سڀ سياوڪ طور هو ۽ نه ڏيکاءُ لاءِ.

ان وقت به ڪوتا هئي. دل جي اڌمن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪوتا جو آڌار هو. اڄ به ڪوتا آهي، پر ٻنهي ڪوتائن ۾ ڪافي تفاوت آهي - جڏهن وقت جي مان ڳالهه ٿو ڪريان، ان وقت جي ڪوتا اهڙي ئي سياوڪ، جيئن جهنگل جو گل، جو ٻنا ڪنهن سار سنڀال جي پيو وڌندو آهي. ان وقت جي ڪوتا وزن ۽ قافيه رديف کان ايترو آزاد هئي، جيترو آسمان ۾ اڏامندڙ پکي - ايتري سادي ۽ سرل، جيتري سندو ڌارا. ان ڪوتا جو جيڪو روپ اڄ سوڌو رهجي ويو آهي ان کي

اسان لوڪ-ڪوتا ٿا سڏيون يا لوڪ-گيت.

لوڪ-جيون جا امنگ آهن ته هڪ ٿي پر جڏهين اهي ڪنهن ديش يا ڪن حالتن هيٺ ٿا اچن تڏهين انهن تي انهن جو ڇاپو ٿو رهي.

پي هڪ ڳالهه ته گيتن جي اها روايت جيستائين زنده رهندي، جيستائين ماڻو هرديه موجود آهي. هيءَ هڪ اهڙي وڏي ڌارا آهي جنهن ۾ انيڪ نديون وڏيون ڌارائون ملي ان کي ساگر جيان گنڀير بڻائي ڇڏيو آهي. صدين جي امنگن اڄ من هن ۾ پاڻ کي سمائي ڇڏيو آهي. استريءَ ۽ پرش ٿڪجي ڪري هن جي منڊرتا ۾ اها ٿڪاوت ملائي آهي. هن جي ڌن ۾ پيارڙا سمهن ٿا، جوانن ۾ پريم جي مستي آئي آهي، پيڙن دل وندرائي آهي، وڌ واڻن پنهنجي اڪيلي زندگيءَ ۾ هنن مان ئي رس پاتو آهي، ڪسانن-هارين هنن جي لئه ۾ پنهنجا وڏا وڏا کيت آباد ڪيا آهن.

وقت هنن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪي ختم به ٿي ويا-پر تڏهين به اها ڌارا اڄ سوڙ و موجود آهي-لوڪ-گيت نهن ۽ ٻهن ٿا پر اتهاس هنن ۾ لڪو ويٺو آهي. ديش جي ريتين رسمن جي ڄاڻ اسان کي هنن ئي لوڪ-گيتن مان ئي ملي. استريءَ جي دل جي ڪشادگي به اسان کي هنن ئي گيتن مان ڏسڻ ۾ ايندي-ماءُ جي هرديه ۾ پيار لاءِ جا ممتا آهي سا لولين جو روپ وٺي اسانجي آڏو ٿي اچي. پريتم جي وڇوڙي

۽ ڪوتا قدرت جو آلاپ آهي، ھن جو لاڳاپو دماغ سان نہ پر دل سان آهي- ماڻھن جا گيت يا لوڪ-گيت اهي ئي آھن.

شايد ان ڪري ئي جپان جي هڪ ودوان شري جان ايمبروۃ پنھنجي ڪتاب Japanees Peasants' Songs. (جپاني ڪسانن جا گيت) ۾ لوڪ گيتن بابت لکي ٿو تہ، اهي هرڪنھن جا ڄاتل سڃاتل هجن- اهي سماجڪ حالتن کي ظاهر ڪندڙ هجن- اهي نصيحت آميز هجن. مطلب آهي تہ لوڪ-گيت صحيح معنيٰ ۾ ماڻهن جا گيت هجن.

**پيدائش:-**

لوڪ-گيتن جي اصلي (پيدائشي) دنيا شهري چمڪ دمڪ کان ڪافي دُور آهي. هميشه ڪسان لهرائيندڙ کيت، سرلتا جو منو سنگيت، ڪوئل جو پنچم راڳ ۽ وسيع کان اڳ بادلن جو گرجڻ، اڄ بہ مانو هر ديہہ لاءِ پرپرٽا جي چيز بڻيا ٿا رھن- انھن ڳوناڻن جي ان واڻيءَ ۾ دماغ نہ پر دل آهي جنھن جي ونہ جي ڦڙدي ۾ چيل نہ پر پڇتاءُ هوندو آهي.

” گهڻو گهڻو اڳ، جڏهين سماجڪ سڀاڳي وڪاس جي طرف وڌندڙ هئي، ان وقت اهڙيءَ ڪوتا جو جنم ٿيو جنھن جو لاڳاپو زندگيءَ سان هو. آهستي آهستي قدرت جي ڪجھ حصن تي جڏهين انسان جيت حاصل ڪئي تڏهين ھن جي گيتن ۾ بہ ان فتح جي خوشيءَ

"... لوڪ گيت نہ نوان هوندا آهن ۽ نہ نہ
وري ڪو پراڻائي. هو نہ هڪ جهنگل جي درخت
وانگر آهن، جنهن جون پاڙون نہ پري پري تاءِ زمين
۾ ( ماضيءَ ۾) لڳل آهـــن - پر ان درخـــت ۾
نئين سر نيون ٽاريون - پن ۽ گل اپرن ٿا ..."*

انهن لوڪ گيتن جي رچنا ڪندڙ استري بہ آهي
تہ پرش بہ، ليڪن اهي استري پرش اهڙا آهن جي
ڪاغذ ۽ قلم جو استعمال ڪري ڪونہ ڄاڻن. اهي گيت
انهن جي دلين مان نڪري انهن جي زبان تي ٿا اچن-
انهن جي رچنا ڪندڙ هو خود ئي آهن، اهو انهن گيتن
جي ٻوليءَ ۽ خيالن مان ظاهر آهي .

**قسم :-**

جڏهين لوڪ - گيتن جو وگيانڪ طريقي سان اڀياس
ڪيو ويو، تڏهين ڪان لوڪ - ساهتيہ جي ودوانن لوڪ - گيتن
کي جدا جدا قسمن ۾ وراهيو آهي - هر ٻوليءَ ۾ اتـــي
جي لوڪ - گيتن کي پنهنجي پنهنجي نمونـــي جدا جدا
قسمن ۾ وراهيو ويو آهي - مثال طور
راجستاني لوڪ گيتن کي هيٺين چئن قسمن ۾ وراهيو

---

* "... A FOLK-SONG is neither new nor old. It is like a forest tree with its roots deeply burried in the past, but which continually puts forth new branches, new leaves, new flowers." Ralph V. Williams

وڌو آهي. *

| | |
|---|---|
| ١- پرمپرا گت - لوڪ - گيت | Traditional Balled |
| ٢- چارڻي - لوڪ - گيت | Ministral Ballad |
| ٣- وڪرت لوڪ - گيت | Broadside Ballad |
| ۴- ساهتيڪ لوڪ - گيت | Literary Ballad |

شري رام نريش ترپاٺيءَ هندي گيتن کي هيٺين نموني ورهايو آهي. †

١- سنسڪارن جا گيت، ٦- جاتي (مطعلق) گيت،
٢- چڪيءَ ۽ چرخي جا گيت ٧- ويرتا جا گيت،
٣- ڌرمي گيت، ٨- کهاڻين وارا گيت،
۴- مندرن جا گيت، ٩- فقيرن جا گيت،
٥- کيتيءَ جا گيت، ١٠- ميلي جا گيت.

شري ڊاڪٽر ڪرشڻ ديو اپاڌيا پوجپوري لوڪ گيتن کي وري هيٺين پنجن حصن ۾ ورهايو آهي. ‡

١- سنسڪارن جا گيت،
٢- رسائمڪ گيت،
٣- مندرن جا گيت،
۴- جدا جدا جاتين جا گيت،
٥- ڪريا پاہت گيت.

هي ٿيا جدا جدا ٻولين جي لوڪ-گيتن جا قسم.

---

* "ڍولا مارو دوها" جي مهاڳ ۾ ڏنل.
† "ڪوتا ڪومدي" پاڳو پنجون - صفحه ۴٥
‡ "پوجپوري لوڪ گيت" مهاڳ ۾

سنڌي لوڪ گيتن کي نَہ نَہ رس * مطابق وراهي
نٿو سگهجي ۽ نہ وري ڪن سڌانتن تي آڌار رکي،
سنڌي لوڪ-گيتن جا پنهنجا قسم آهن، جي آهن –

| | |
|---|---|
| ١. لاڏا، | ١١. ڪافيون، |
| ٢. لوليُون، | ١٢. وايُون، |
| ٣. ساکيون، | ١٣. بيت، |
| ۴. مورا، | ١۴. سلوڪ، |
| ۵. چلا، | ١۵. ڏوهيڙا، |
| ٦. شبد، | ١٦. پدڙا، |
| ٧. پوڄا جا گيت، | ١٧. مداحون، |
| ٨. اوراڻا، | ١٨. گيت، |
| ٩. پار، | ١٩. کتا گيت، |
| ١٠. اپنگ، | ٢٠. ٻال گيت. |

هن ليکَ ۾ مان لوڪ-گيت جي هر هڪ قسم جو
ٿوري ۾ ذڪر ڪندس. †

**لاڏو:–**

هي اکر 'لاڏ' مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ
آهي پيار. لاڏل معنيٰ پيارو. لاڏل مان بدلجي ٿيو
'لاڏل' ۽ ان مان لاڏو. جو 'لاڏل جي بابت چيو وڃي.

---

* ڪل ڏهہ رس آهن، ١. شرنگار رس ٢. ڪرُوڻ رس
٣. ويرِ رس ۴. هاسيہ رس ۵. شانت رس وغيره.

† تفصيلوار سمجهاڻيءَ لاءِ پڙهو ليکڪ جو لکيل
"سنڌي لوڪ-ساهتيہ" (هڪ نظريہ) ڪتاب.

هن ۾ مکيه مصرو هڪ هوندو آهي ۽ ٻين مصرن ۾ فقط دهر هوندي آهي. هن جا ٻه قسم آهن -

۱. جنم جا لاڏا ۲. ڇٽيءَ جا لاڏا ۳. ڄڻين جا ۴. شاديءَ جا وغيره. وري شاديءَ جي لاڏن جا الڳ الڳ نمونا آهن جيئن ته، تيل جا، ٻڪيءَ جا، مٽڪ جا، ڏک جا وغيره. هيٺ نموني لاءِ هڪ لاڏو تو ڏيان -
جو آهي ته

" لاڏل، لاهه لوُنگي ڪر وَڳو،
خرد سيوهڻ جي، اُڪڙي موچاري،
آندي لاڏل جي پاءُ،
گهڙي ته ڪٽندءِ ماءُ،
موُڙا تي ڇوڙيندءِ ڀيڻ،
صندليءَ تي ويهندءِ ڀيءُ.
لاڏل، لاهه لوُنگي ڪر کلهي."

## لولي :-

هن ۾ ماءُ جي ممتا سمايل هوندي آهي. ٻار کي سمهارڻ وقت جيجل پنهنجي ٻار کي آسيس ڪندي آهي. اهڙي هڪ لولي آهي ته :-

" سڪي لڌڙا، پينگهي وارڙا،
گروُءَ ڏنڙا، ٻار سدورڙا،
لال لوڏايم، لال هندورڙا،
لڏي ته، جاءِ پريندو،
من هي، ماڙي ٻڌندو،

صفحي سونهندو، هـي لاڙو،
ڏيان لولــڙي، پينگهي وارڙا."

## ساڪي :-

هن ۾ استريءَ جي دل جو نقش هوندو آهي. ساڪيءَ جي چئن پدن ۾ ساڳيو خيال سمايل هوندو آهي. هن ۾ هڪ ڳالهه جا هوندي آهي سا اها تـه آخر ۾ "ها ها منهنجو ڀينڙو، ٻولي ٻن ۾ رام ڀينڙو" جي سٽ هوندي آهي. ڏسو هيءَ هڪ ساڪي :-

"ساڪي ڏيانه سنيهڙو،
اڄ ٻـرن ۾ اـــ ٻٽو،
او منهنجا هوت پنهل،
جڏي چيت ڦگڻ ڦٽو،
آئــي مدد ملڻ جــي،
ها ها منهنجو ڀينڙو."

## مورو :-

'مورو' يا 'مورڙو' سنڌ ۾ خاص ڪري ڪاڇيءَ ڪوهستان جو مقبول عام لوڪ گيت آهي. مورو ٻـ- ٽڪر شعر آهي، جنهن جو قافيو ٻه دفعا ڪم آڻي، ٻيءَ ٽڪ جو قافيو ان سان ملائبو آهي. وراڻي جا ڪيترائي نمونا ڏنا آهن.

اڪثر ڪري هيءَ وراڻو ورائبو آهي :- *

---

* مهراڻ ١٩٥٧ ٽان.

" موروُ ويٺي ڳايان ...
موروُ ناهي ٽورو ٽورو -
موروُ ويٺي ڳايان ...
ڏوهه ڏنگايون ڏسي ڏسي ،
راڻل ويو رسي رسي ،
اديون موروُ ويٺي ڳايان ...
موروُ ناهي ٽورو ٽورو ..."

چلو :-

چلو يا منڊي ، محبت وارا هڪ ٻئي کي نشانيءَ طور ڏيندا آهن. هن ۾ ٽي ٽڪون ٿين ، جن مان ٻي پاڻ ۾ هم - قافيه ، ۽ ٻه پاڻ ۾ هم - قافيه رهن . هنن ۾ پريت جو ذڪر ڪيل هوندو آهي. ڏنار ، ڏڻ چارڻندي - هاري ، هر ڪاهيندي - باغائي ، نار هڪليندي اهي ' چلا ' يا ' چلڙا ' ڳائين . جيتوڻيڪ هي گيت آهن زالن جا - هنن ۾ انهن جي سڪ ڏيکاريل هوندي آهي . *
ڏسو هيٺيان چلڙا :-

" چلو چاندي چند آهه ،
ناهيو ابچند آهه ،
ناهيو دلبند آهه ،
يلا يار جاني ،
ٿيان تنهنجي ٻانهي . "

---

* مهراڻ ١٩٥٧ع تان -

( ٢ )

” چلو پائي پيهان ،
ڪري روح تو ريهان ،
هيءَ هيءَ ڪوڪان ڪيهان،
جدا ٿيو آ جاني ،
آهي دل ديواني . “

بيلاڻ :-

’ بيلاڻ ‘ سرائڪي زبان جو ٻن مصراعن وارو گيت آهي . جنهن ۾ گهڻو ڪري عورت جي طرفان محبت جو اظهار ڪيل هوندو آهي . ’ بيلاڻ ‘ جي ٻهراڻ مصرع ڏاڍي ۽ ٻوئين مصرع آهستي آهستي پيار سان چئبي آهي - سچ پچ ته ’بيلاڻ‘ اهڙو ته دردبلو ۽ اثرائتو آلاپ آهي ، جو پيچ پنيءَ مهل پڌرو سان ويچارن وچڙيلن ۽ محبت جي مارين جي اکين مان آب ناڙا ۽ نيسارا ڪري نڪرندو آهي - مثال طور ڏسو :- *

” اپي جو ڪڙي آن ،
ماڻهو آندي ني ويندي،
پچ پچ ٿڪي آن ،
ٿيڏا ڏس نهين ڏيندي!“

... ... ... ...

” اپي جو ڪڙي آن ،
اوت نهين اولا ،

* مهراڻ ١٩٥٧ع احمدخان مصراڻي ’آصف‘ جا ڏنل.

ٽپ ڳڻي ڏر ٽپي ،
لڳي لُڪَ لُڪَ جهولا. "

... ... ... ...

" اِئي جو ڪَڙي آن ،
ڏيکان راهه نهاڻي ،
ڪنواري مين آن سهڻا ،
شل ميکون تون ماڻي ! "

هنن ٻولڻن جي پڙهڻ بعد دل ۾ محبت جا سُتل سُور اڀري ايندا آهن. گويا وڇوڙي جا مٽيل زخم وري نئين سر اڪلجي پوندا آهن.

اُپنگ :-

' اُپنگ ' جي معنيٰ آهي گيت. وڇوڙي جا گيت، ڏک جا گيت، انتظار جا گيت. استريون ڏر پيهندي، جنڊ پيهندي، چرخو هلائيندي اڪيلائيءَ ۾ ڪنهن کي ياد ڪري يا ڪنهن جي سڪ ۾ گنگنائيندي ڳائينديون آهن. انهن گيتن پڙهندي بدن ۾ سيسرات پيا اڀرندا آهن. انهن سان گڏ اهڙي لئه به هوندي آهي، هونءَ به لوڪ گيت لئه ڪان سواءِ اڻپورو آهي. ان ڪري ئي شايد شري شيام پرمار هڪ هنڌ لکيو آهي ته ”کهڙو به سنگيت لوڪ - گيتن تي آڌار ٿو رکي ... ؟ ... لوڪ - گيتن سان گڏ لوڪ - سنگيت به آهي ..." سو جي گيت جو پاڻ سمجهڻ ڪو گهري ته اهو پڙهي به - ڏسو هي هڪ گيت -

” اَنبن جهليا ٻُور ،
قڙا گل انگور ،
اَنبن جهليا ٻُور .

وڇوڙي جي ويل ،
ڏکي وڇوڙي جي ويل ،
سڄڻ اچ سوهل ،
ڏکي وڇوڙي جي ويل ،
نهوڻان تي نُور ،
اَنبن جهليو ٻُور .

اُڏايان ٿي ڪانگ ،
ويٺي اُڏايان ٿي ڪانگ ،
سڄڻ اچ ڪنهن سانگ ،
ويٺي اُڏايان ٿي ڪانگ ،
وڃي دل وهلُور ،
اَنبن جهليا ٻور .“

## اوراڻو :-

هي لوڪ - گيت ماتا جي وقت ڳايا ويندا آهن - هنن گيتن ۾ ديوي ماتا کي التجائون ڪيون وينديون آهن ۽ ان جي استتي ڪئي ويندي آهي ، ان سواء ٻهنجي ٻالڪڙي لاء آسيس جي منگ ڪئي ويندي آهي . اورڻ جي معنيٰ آهي ڳالهه ٻوله ڪرڻ، دل جو حال ڪرڻ - هيٺ هڪ اوراڻو ڏيان ٿو :-

” مائي جا آئي گهوڙي ۾ -
مان کهڙي کريان کرت -
پات پساڙن تڏ ڙيون مانيون -
مان کريان جيجل جي تاٽ -
امان ٿارونءَ راٽ ٿان ۾ -
جيجل چوڙ راند کري -
سونيون ساريون ، روپا پيارا -
شل سولو ته پيارو پيري -
امان پيؤ ته اٿيڻي پار -
رکجانس جيجل هلڪڙو بار .“

**پوچا گيت :-**

موهن جي دڙي جي کنڊهرن جي کوج ڪرڻ سان جي مورتيون حاصل ٿيون آهن انهن جي جاچ پڙتال ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي ته انهن ڏينهن ۾ اوله پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان جي پراڻن جا رهواسي مورتي پوجا سان گڏوگڏ وڻن ۽ ٻوٽن ، ندين ۽ پهاڙن جي به پوجا ڪندا هئا ۽ انهن جي شان ۾ وقت بوقت اُتسو به ڪندا هئا . پالي ساهتيه ۾ درخت پوجا جو ذڪر آيل آهي . راماڻ ۾ به پوجا جي لاءِ وڻن جا نالا ڏنل آهن. سڪند پراڻ ۾ پپل جي پوجا ڪرڻ جو نمونو ڏنو ويو آهي. * ان سواءِ تلسي ۽ ٻڙ جي به پوجا بابت احوال آهي . ها ته اهو پوجا جو رواج اڄ سوڌ و هلندو پيو اچي. نومين جي

* ڪاشي کنڊ ٧/٢٧

انهن گيتن ۾ ايشوري ڀاونا هوندي آهي .

پـــارَ :-

انسان جو جهڙي ڪان وٺي مرڻ تائين گيتن سان واسطو پيو رهي ٿو. ڀار معنيٰ موت جا گيت . هي ڪنهن جي مرڻ جي موقعي تي ڇيا ويندا آهن - پـــا ڀار ڪيڍيا ويندا آهن- اڙدوءَ ۾ انهن گيتن کي مرسيو سڏيندا آهن.

هنن ڀارن کي گڏ ڪرڻ ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم آهي. ڇو جو ڪاڻ استري ائين ڀار ڪيڻ کي اپسوڻ سمجهندي آهي - ڪجهه ٻڌل ٽڪون آهن، جي هيٺ ڏيان ٿو-

” اڙي جيجل ، هاڻ مان اندر
ڪنهن کي ڏيندس ...
مان امي امي ڪري
ڪنهن کي سڏيندس ... “

ڀارن ۾ روئڻ سان گڏ ڪي گهٽنائون به ذڪر ڪيون ويندڻون آهن .

هي مٿيان سڀ قسم اهي لوڪ - گيت آهن جـــي استرين دوارا ڳايا ويندا آهن - پرشن (مردن) دوارا جي لوڪ - گيت ڳائڻ ۾ ايندا آهن سي آهن، ڪافي، وائي ، بيت ، ڏوهيڙو، سلوڪ ، مداح ، پنجڙو وغيره.

ٻال گيت :-

ٻارن جا لــوڪ - گيت وري پنهنجا آهن - انهـن ۾ گهٽي ڀاڱي دهر هوندي آهي- ٻال گيتن ۾ سکيا هوندي آهي - جا ڳالهه هوڻ جيڪر ٻار کي ٻڌائجي ته سمجهي

نہ ہہ سگھي- پر ساڳي ڳالهہ ڪيس گيت ۾ ڀڏائي وڃي نہ هو گيت جي لڏ جي آڌار تي اهو گيت ياد ڪندو ۽ پوءِ نہ اها ڳالهہ جا گيت ۾ ڀڏايل هوندي آهي، سا بہ ڪيس اچي ويندي آهي. جيئن هن گيت ۾ آهي -

” ڀڏسو لــڏ م ہت تان،
ڀڏسي ور لــم گـاهہ،
گاهہ ڏ نـم گـانءِ کي،
گـانءِ ڏ نــو کـيـر،
کير ڏ نــم مـاءُ کي،
ماءُ ڏ نــي ٽـکي،
ٽکي ڏ نم ڪانؤ کي،
ڪانؤ ڏ نــو کـمـب،
کمب ڏ نـم راجا کي،
راجا ڏ نــي گهوڙي،
چڙهي گهمان چڙهي گهمان،
چـــدن قـــڙاڪـو،
جيئي منهنجو ڪاڪو.“

## ڪٿا گيت :-

هي لوڪ - گيت بہ ٻـارن ۾ مقبول آهن - ٻـر هنن گيتن جي پس منظر ۾ ڪا ڪهاڻي هوندي آهي، ۽ هي گيت ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ چيا ويندا آهن. جيئن ڪ ”ڪنگ“ (ڪانؤ) جـي لوڪ - ڪهاڻي آهـي - ان ۾ جي گيت آهن، سي هن نموني آهن -

ڪنگ جي ناني ڪنگ کي ڳولڻ ٿي نڪري، سو ڀرپائين ڀر پائين اچي ٿي ڪنڀار وٽ ۽ ڪنڀار کي سڏ ڪري چيائين، ”ڪنڀار ڙي ڪنڀار...“

”ڪو ڪنگ ڏٺئه،
چپ چورينده و ڏٺئه،
ميڄ موڙينده و ڏٺئه،
منهنجو نيرانو ڪنگ.“

اهان ٿي ناني درياه وٽ ۽ ڪن ٻين هنڌن تي ٿي وڃي سڀ هنڌ ساڳيو سوال ٿي پڇي -

اهڙي طرح ٻيو به هڪ ڪٿا گيت آهي ته :-

”... لولي پاڻيءَجا لولڙي،
جيڪا تنهنجي ماءُ ڙي،
سا ته منهنجي ڀينڙي،
لولي پاڻيءَجا لولڙي،

اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترائي لوڪ - گيت آهن جي ٻار ڏاڍي چاهه سان ڳائيندا آهن.

## ڏوهيڙو :-

’دو‘ جي معنيٰ آهي ’ٻه‘ - ’دوهو‘ معنيٰ ’ٻڻو‘ يا ’ٻٽي‘. ٻٽي مصرع، تنهن کي سنڌيءَ ۾ سڏ ٻن ”ڏوهيڙو“ (ڏُون = ٻه). سنڌي لوڪ گيتن ۾ ’ڏوهيڙو‘ شروعاتي گيت جو قسم آهي. ڀڳتين ۾ ڳالهه ڪٿيندي، ڳائيندي وچ وچ ۾ ڏوهيڙا ڏنا ويندا آهن.

سنڌ جا ڌنار، ڌڻ چاريندي پنهنجي مَن بهلاءَ لاءِ ڏوهيڙا ڳائيندا هئا - سنڌ ۾ شاهه ڪريم جا ڏوهيڙا مقبول آهن -

" پاڻيارِي سيڪا، جا سر گهڙو پري،
ڪا لئه سندي سڄڻين، ڪا پور هٿي ڪاڻ مري."
( شاهه ڪريم )

" ويل ٿي واءُن ڪري، ڪنل ڪُوڪاري،
هن پن پنهنجا ساريا، هيءَ هنجُون هاري."
( شاهه لطيف )

" سُوريءَ ٿيو سڏ، هلندي ڪا جيڏ پون،
جيءُ جسو ۽ هڏ، ڏيندا پون ڌڻي وار پون."
( راضي فقير )

**بيت :-**

هن ۾ چار مصرعون هونديون آهن؛ پر ڪن ۾ ٽي ته ڪن ۾ وري پنج به - هن ۾ ٻهراڻ ٿين، ٽن يا چئن مصرعن جو قافيو ساڳيو هوندو ۽ وري ٽيون، چوٿيون يا پنجين مصرع جي وچ ۾ ساڳيو قافيو ڪم آڻي ٻوءِ مصرع پوري ڪجي ٿي. 'ڏوهيڙن' کان پوءِ 'بيت' آهن جي 'ڏوهيڙن' جيان ٿي ڳايا ويندا آهن.

" جن کي درد دُور جو، سبق سُور پڙهن،
فڪر فرهي همت ۾، مات مطالع ڪن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پرينءَ کي."

” ساھڙ مون جنءَ ، سرليون جي ڏسو سيئڻي،
نہ سمھو ڪين سڪ تي ، پاسو ورَ ڏيئي ،
مٺھا اڳيئي ، گھڙو سڀ گھڙا ڪٺي . “

” جيڪي ڏنو مان ، سو جي ڏنو جيڏ پن ،
گھر ور نين سان ، ھند گھٽن گھوري چڏيا . “

**وائي :-**

عام اصطلاح ۾ ڪنھن بہ ’ ڳالھہ ‘ ۽ ’ بولي ‘ کي ’ وائي ‘ سڏ بو آھي - ھن جو ڌاتو پراڪرت لفظ ’ وايا ‘ ۽ سنسڪرت لفظ ’ وار تا ‘ مان نڪتل آھي. * ’ وائي ‘ درد جي دانھن آھي ، وائيءَ جو مطلب آلاپ بہ آھي، جن جي وسيلي سنڌي ٻر پٽن ، ڳلين ۽ گھٽين ۾ پنھنجو روح رپجھائين ٿا. سنگيت جي لحاظ کان ’ وائي ‘ ھندي ٺمريءَ جي زير اثر آھي . ھن ۾ پھرين ٿلھہ ۽ پوءِ مصرع ھوندي آھي . ھرڪا مصرع ھم - قافيہ ھوندي آھي ڪن ڪن واين ۾ ڪي اکر وراڻي طور ڪم اچن ٿا . ھيءَ ھڪ ’ وائي ‘ آھي :-

” چوندپس حال پنوھار - جي لڙ وڃان پائر وڃان.
١- شال م ٿيان ڪڏھين - ويڙھيچنٿا ڌار ،
٢- مدان مؤر نہ وسرن - ساٿيھہ جا سنگھار ،
٣- وڃي آءُ وطن ۾ - واسيان پنھنجا وار ،
٤- الاھي عنايت سين - شال لھندم سار .

---

* محبوب خان چنا - سنڌي لوڪ - گيت - ’ واين ‘ نئي زندگي - ڪراچي.

” وائيءَ ۾ هر هڪ مصرع، هڪ تڪ آهي ۽ ٻيون مصرع (ٽلهه) ٻي هر ڪنهن مصرع جي پڄاڻان ٿي اچي.“ *

**ڪافي:-**

سنڌ ۾ ڪافيون چوندڙ شاعر ۽ ڳائيندڙ، ريگستاني گلن مثل، شمار کان ٻاهر ٿي ويا آهن. سنڌيءَ ۾ ڪافيءَ جو مضمون اڪثر عاشقاڻو آهي. ٻر ساڻس جي مدد ۾، عاشقن جي نيڻهن ڪي، نئون نيش ٿو اچي؛ ان ڪري وره ويڙهيل سنڌي شاعرن خاص انهيءَ مدد ۾، ڪافيون چيون هجن ته شڪ ناهي. ڪافي آهي هڪ ٻرپنءَ لاءِ سڪندڙ جي دل جي ڪيفيت جو اوراڻو. سنڌ ۾ ڪافيون نه فقط يڪتاري تي ڳايون ٿيون وڃن، پر سرندي تي به. ’سر سورٺ‘ ۾ شاهه جي خيال ۾ ٻيجل جي روپ ۾ ڪو سرندي وارو ڪافي ڳائيندڙ مڱڻهار هو. ’مڱڻ آيو مڱڻو، ساز ڪٺي سرندو.‘ “ *

” گهوري گهوري گهوري،
وي جندڙي،
سڄڻ توتان گهوري.
١- راڻا ڏينهان آهي اوهانجي،
سائين جهوري جهوري.
٢- دل ڪسيائي وولت نيتيائي،
حاڪم زوري زوري،

** ڪي - بي - آڏواڻي ”سنڌ جي سوکڙي“ جي مهاڳ ۾.

گهوري گهوري گهوري،
وي جندڙي،
سڄڻ توتان گهوري ..."

**سلوڪ :-**

سلوڪ سنڌي هندن ۾ عام مقبول آهن. ٽڪاڻن، مڙهين، سادن جي وچ ۾ سلوڪ عام جام ڳاتا ويندا آهن. سلوڪ جي معنيٰ آهي، ڪيرتي يا جس واري ڪويتا. هي لفظ سنسڪرت لفظ 'شلوڪ' مان نڪتل آهي. سلوڪ ۾ چار سٽون ٿين - ٻر سامي صاحب (جنهن جا ٿي سلوڪ سنڌ ۾ ٻر سنڌ ۽ لوڪ ٻرءِ آهن) پنهنجا سلوڪ، سورٺن ۽ دوهن کي ملائي رچيا آهن. ‡ مثال -

" هيرو جنم نه هار، مورک من جي ڀاءِ تون،
ملي ساڌ سنگت سان، اوديا ڀرم نوار،
پنهنجو پاڻ سنڀار، ته سکي ٿئين سامي چوي."

" سنگر جهڙو شاه، ڪونه ڏنوسين ڪاٿهين،
ٻر چي ڏنو جنهن ٻوربي، آتم ڏن اٿاه،
ڏکي ڀڄيائين ذات پاپ، ڏکي ڀڄيائين راه،
ڪري من اڇاه، سامي چڏ پائين چن ۾."

پهرين سلوڪ جي سورٺي ۾ اڌ دوهو ۽ ٻئي ۾ سورٺن مڃڻ دوها - هن طرح سامي دوهن ۽ سورٺن کي ملائي پنهنجا سلوڪ رچيا آهن - ٻر سامي کن کن هنڌ قانونن کي اورانگهي ويو آهي. *

---

‡ * "سامي جا سلوڪ" بي - ايڇ - ناگراڻي.

پنجڙو :-

درياه (نديءَ) جي پوڄا ايامن کان وني هلندڙ آهي - اهڙو ذڪر رامايڻ ۾ به آيل آهي ته " جڏهين رام ۽ لڇمڻ سان گڏ سيتا به ايوڌيا مان نرواسي ٿــي نڪتي تڏهين هن گنگا پار ڪندي وينتي ڪئي هئي ته هي ندي ماتا اسان جڏهين چوڏهن ورهيه بن جا سک سان ڪاٽي موٽنداسين تڏهين هوءَ هڪ لک ڳاين ۽ منا چانور رڌي گنگا (ندي) جي پوڄا ڪندي - اهڙيءَ طرح جمنا ندي پار ڪندي به هن هزار ڳاين ۽ منا چانور ڏيئي جمنا جي پوڄا ڪرڻ جي باس باسي هئي ..." *

درياه جي پوڄا سنڌ ۾ به چالو هئي - اها ٻن قسمن جي هئي، هڪ هندن طرفان ۽ ٻي مسلمانن مهاڻن طرفان، جي درياه تي گذر ڪندا هئا -

ان بابت ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته، " ... سنڌ ۾ اڄ تائين درياه جي پوڄا ڪن ٿا، اهي پوڄا ڪندڙ درياه - پنٿي سڏجن ٿا- اهي درياه ۾ اکا وجهندا آهن ۽ ڀراڻا (ڀر + نذرانا) ڪيد نــدا آهن - درياه جي ديوتا کي اُڏيرولال سڏجي ٿو - سنسڪرت ۾ " اُدو" معنيٰ پاڻي، جنهن ۾ ورڻ ديوتا رهي - هو سدائين امر آهي، تنهن ڪري 'امرلال' به سڏجي ٿو - هن کي مسلمان 'زنده پير' سڏين، (جنهن

---

* " پارتيه لوڪ - اُتسو" ۾

جي معنيٰ به 'امرلال' آهي)..." †

درياهه شاهه جي ساراهه ۾ يا درياهه شاهه جي استتي
ڪندي جي گيت ڳايا ويندا آهن انهن کي 'پنجڙا'
سڏيو ويندو آهي - هي آهن پنجڙا -

" درياه (شاه) تنهنجي درتي،
آيس ساڻ اکير،
جوڙت جاڳندي تو ڏسان،
دل ڪــي آيم ڌير،
جن انڪي تن لاج رکيئه تو،
ٺٽين وسيلو ويـــر،
درياه شاه سورهه وير،
آهيون گولا تو گات جا -"

... ... ... ...

" گولا تنهنجي گات جا،
توکان پرس پنن،
سرا سوالي خالي نا ڏسان،
سڀ مڱيو دان وڃن،
مڱتا محتاج دولهه تو وٽان،
ير يا يرلو وڃن،
آسائو تنهنجي در تان،
نراس نـــا وڃن،
يرلو ير جـــي وڃـــن،
لال تنهنجي در تان..."

† 'سنڌي ٻوليءَ جي تواريخ' ۾

## متفرقه گيت :-

مٺي سنڌي لوڪ - گيتن جا جدا جدا قسم ٻڌايا آهن - اهو به ته استرين طرفان ڳائجندڙ لوڪ - گيت ڪهڙا آهن ۽ پرشن (مردن) دوارن ڪهڙا لوڪ - گيت.

هن قسم (متفرقه گيت) جي گيتن ۾ اهي گيت ڏنا اچي وڃن جي استرين ۽ پرشن ٻنهي طرفان ڳايا ويندا آهن. هنن گيتن ۾ فقط پاونا هوندي آهي، جنهن جي ڇڪ هوندي آهي. اهڙا گيت آهن :-

" ٽيلن جهليا اَن،
موٺيين نه اچا من، ٽيلن جهليا اَن.
لاٻن سنڌي ويل،
جاڳيو جڳ سويل،
ماٺيا منهن مات،
وٺيس جهليو وات،
موٺيين نه اچا من، ٽيلن جهليا اَن.
هيڪر ڪريين ويڙ،
وهندو ڏوڙ ڪوڪر،
گوندر ڪي مٺن غم،
مٺيو نه وڃي وهم،
موٺيين نه اچا من، ٽيلن جهليا اَن.
نيڻن مڇهان نير اُجهل،
هاريان وٺي دل،
کيان وٺي آس،

ساڙا ٻارهن ماس،
موٽئين نه اڃان مون، تيلن جهليا اَن."

يا ٻيو هي هڪ گيت آهي -

" اُڏري هل ڙي ڪونج،
اسين ٻه ايندا سين،
اسين ٻه ايندا سين،
موٽي ملندا سين،
نيڻ روئن ٿا،
انين ڇون ٿا،
موٽي ايندا سين،
ميلو ڪندا سين."

اهڙا ڪيترائي گيت آهن - مون هت نموني طور ڪن ٿورن گيتن جو ذڪر ڪيو آهي -

ٻي هڪ خاص ڳالهه، جا ڌيان جوڳي آهي سا اها ته استرين جي گيتن ۾ قافيه به ڪٿي ڪٿي ڪونهي، ان سواء انهن جي ڇيڙ جو ڪر پتو ڪونه ٿو پوي- ٻه مرد ن (ٻه شن) طرفان ڳائجندڙ گيت ڪنهن جا رچيل آهن، اهڙن گهڻن جي ڄاڻ پئجي سگهي ٿي - ٻه اهي ان ڪري ڪو لوڪ-گيت ڪونه آهن، انين ڪونه چئي سگهبو- * " ... اهو ڳوٺاڻو ادب، لوڪ-گيت ساهتيه، اسانجي سنڌ جي ٻهراڙين ۽ ڳوٺڙن ۾ پنهين

* ان سوال جي ڇنڊ ڇاڻ لاء پڙهو ليکڪ جو 'لوڪ-گيت' (هڪ نظريه)

اُگهاڙن، گونڌ ڇملن، ميري ڏوتيءَ وارن ۽ اڻ پڙهيلن وٽ موجود آهي، ھمن جون ڪچهريون، محفلون ۽ رهاڻيون، انهيءَ حقيقت جون ڪليل ثابتيون آهن. عام طرح ڳوٺاڻا ڳجهارتون، بيت، ڏوهيڙا، وايون، ڪافيون، مداحون، جهر جهنگلن ۾ جهونگاريندا وتندا آهن. وٽن اهائي هڪڙي شيءِ آهي، جنهن جي وسيلي هو پنهنجا ڏک ڏرد وساريندا ...“ †

برابر - اهي لوڪ - گيت نه هجن ته اسانجي زندگي جيڪر موڳي هجي ها - اهي گيت ئي اسانجي سک ڏک جا سنگي ساٿي آهن. سري ۾، وچولي ۾، لاڙ ۾ آهن ته ٿر ۽ ڪوهستان (لس ٻيلي) ۾ به - سنڌ جي صحيح تصوير جي ملندي ته به انهن سڀني لوڪ - گيتن (۽ لوڪ - ڪهاڻين، لوڪ - چوڻين) مان.

---

† ’ ڪهڙ ۽ ڪتوري ‘ جي شروعات ۾. مقول ع - ق - شيخ.



# لوڪ ڪهاڻيون

# لوڪ - ڪٿائون

”لوڪ-ساهتيہ ۾ لوڪ-ڪٿائن جو درجو تمام اهميت وارو آهي- ڀارتي لوڪ-ساهتيہ ۾ لوڪ-ڪٿائن جو انداز شمار ڪرڻ مشڪل آهي. جهڙيءَ طرح پراچين ڪويتا جو جنم هن ديش ۾ ٿيو تهڙي نموني پراچين ڪٿائن جي شروعات بہ هن ئي ديش ۾ ٿي هئي- سو لوڪ-ڪٿائن جي روايت تمام جهوني آهي- ڀرين ڀرين اسان کي ويدڪ شلوڪن ۾ ئي انهن ڪٿائن جو ٻج ملندو، جي پوءِ اپنشدن ۾ آيون- سنسڪرت ۾ لوڪ-ڪٿائن جو پراچين سنگره 'برهت-ڪٿا' آهي.

ڊاڪٽر بيولر جي چوڻ مطابق تہ هن سنگرهہ جي رچنا عيسوي ٻي صدي ۾ ٿي هئي- ان بعد 'ڪٿا سرت ساگر'، 'پنچ تنتر'، 'هتوپديش'، 'ويتال پنچيسي' ۽ پاليءَ ۾ 'جاتڪ' لوڪ-ڪٿا سنگرهہ آهن. عام جي وندر ۾ لوڪ-ڪٿائن مکيہ آستان ٻــٽي والارو آهي.“*

اهي لوڪ-ڪٿائون گهڻو ڪري سموري ڀارت ۾

---

* 'لوڪ-ساهتيہ' جي ڀومڪا ۾.

ٽي نه ٻه سڄي دنيا ۾ چالو آهن. جي سنڌيءَ ۾ ملنديون، اهي گجرات ۾، راجستان ۾، بينگال ۾، ڏکڻ هندستان ۾ ۽ ڪن ٻين پرانتڪ ٻولين ۾ به نظر اينديون.

انهن ڪهاڻين جو اسان جي زندگيءَ سان ڪافي گهرو تعلق آهي. ڏڻن وارن، ورتن ۽ وندر جي موقعي تي اهي اسان سان گڏ آهن.

**قسم:-**

جدا جدا ودوانن لوڪ-ڪٿائن کي ڌار ڌار نموني ورهايو آهي - پراچين ودوانن ڪٿا کي ٻن قسمن ۾ آندو آهي ١. ڪٿا ۽ ٢. بيان.

ڪٿا، ان ڪهاڻيءَ کي چوندا آهن جا ڪويءَ جي جي ڪلپنا جي پيدائش هجي، جيئن **باڻ ڀٽ** جي 'ڪادمبري' ۾ بيان جو آڌار اتهاسڪ گهٽنا هوندي يعني اهو بيان ڪنهن تواريخي واقعي تي بيهاريو ويندو آهي - جتي باڻ ڀٽ جي ڪلپڪ ڪهاڻي 'ڪادمبري' آهي اتي سندس تواريخي واقعي تي ٻڌل بيان (ڪهاڻي) 'هرش چرت' به آهي، هري ڀدر آچاريه وري لوڪ-ڪٿائن جا ٽي قسم ٻڌايا آهن -

١- پئسي بابت يعني ارٿ (مالي) ڪٿا.
٢- جن ۾ پريمي ڀاونا هجي يعني پريم-ڪٿا.
٣- ڌارمڪ ڳالهين سان واسطو رکندڙ ڌارمڪ ڪٿا.

ان سواءِ ڊاڪٽر اپاڌيه لوڪ-ڪٿائن جا ڇهه قسم لکيا آهن.

١. اپديش - ڪٿا　　۴. ونڊر - ڪٿا
٢. ورت - ڪٿا　　۵. سماجڪ - ڪٿا
٣. پريم - ڪٿا　　٦. اتهاسڪ - ڪٿا. *

ڊاڪٽر ستيندر "برج لوڪ - ساهتيه جو اڀياس" پستڪ ۾ برج لوڪ - ڪٿائن کي هيٺين قسمن ۾ ورهايو آهي.

١. پکين ۽ جانورن بابت　　۴. ٻاراڻيون ڪهاڻيون
٢. ديوتائن بابت　　۵. نصيحت آميز ڪهاڻيون
٣. راجا وڪرماجيت بابت

هاڻي هي ته ٿيا ٻين ٻولين جي لوڪ - ڪٿائن جا ڌار ڌار قسم. سنڌي لوڪ - ڪٿائن جو گهرو اڀياس ڪري ڏسبو ته اهي هنن قسمن جي لوڪ - ڪٿائن کان گهڻي ڀاڱي الڳ آهن. سنڌي لوڪ - ڪٿائن جا قسم ٿي پنهنجا آهن. پر اهي قسم گهڻو ڪري برج لوڪ - ڪٿائن جي قسمن سان هڪجهڙائي ڏيکارين ٿيون.

سنڌي لوڪ - ڪٿائن کي مان هيٺين ڇهن قسمن ۾ ورهايان -

١. پيرن فقيرن جون ڪهاڻيون　　۴. ديوتائن جون ڪهاڻيون
٢. پريم - ڪهاڻيون　　۵. پکي پکڻن جون ڪهاڻيون
٣. ورت - ڪهاڻيون　　٦. دل ٻهلائيندڙ ڪهاڻيون

ان سواءِ ٻارن لاءِ به ڪهاڻيون آهن، جن کي مان نظمي ڪهاڻيون ٿو سڏيان.

---

* ڊاڪٽر ڪرشن ديو اپاڌيه جي "لوڪ - ساهتيه جي ڀومڪا" مان -

## پيرن فقيرن جون کهاڻيون :-

سنڌ ۾ پيرن فقيرن جون کهاڻيون بي انداز آهن. "سنڌ ۾ هر هڪ پٿر ۽ ڪُر بت پٺيان دلچسپ وارتا آهي." * اهي سڀيئون آهن يا نه، ان بابت ڪافي رد بدل آهي- پر اهي کهاڻيون سنڌ ۾ ڪافي وشواس حاصل ڪري چڪيون آهن. اهڙين ڪهاڻين جو گهڻي ۾ گهڻو ذڪر "تحفة الڪرام" ۾ ڪيل آهي جو سنڌ جي راڄ گهراڻي جي وقت ۾ لکيو ويو آهي. اهڙي هڪ ڪهاڻي آهي- اُها آهي "مڪلي ٽڪري" لي اهو نالو ڪيئن پيو-

"... چون ٿا ته هڪ الهه لوڪ هڪ رات
جو اچي اتي لٿو ۽ اتي اهڙي حالت ٿيس جو
هڪدم وجد ۾ اچي سماع شروع ڪري ڏنائين
۽ وجد جي جوش ۾ چوڻ لڳو ته 'هيءَ ٽڪري
منهنجي لاءِ مڪه آهي'. جنهن صورت ۾ هي
لفظ بار بار دهرايائين ۽ سندس زبان ۾ تاثير
هو، تنهن ڪري عام ماڻهن جي زبان تي هن
ٽڪريءَ جو نالو تخفيف سان مڪلي رهجي ويو.
ڪن جو چوڻ آهي ته انهيءَ نالي سان
هڪ پاڪدامن الهه لوڪ استري، اتي واري
مسجد جي محراب پٺيان دفن ٿيل آهي. هيءَ
نالو منڍين شيخ حماد جي اشاري سان پير ـ ن

* سر برٽن

مسجد تي پيو ۽ پوء سڄي ٽڪري انهيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ آئي ..." *

اهڙيءَ طرح ' ٻلڙي ' ڳوٺ تي نالو پيو. † پيرن فقيرن بابت پيرن به ڪهاڻيون آهن.

جيئن ' وتائي فقير جون ڳالهيون ' جي گهڻيون ھر ڪنهن جون پڙل آهن ‡ اهڙي نموني جي هڪ ڪهاڻي صديق فقير جي ٻُڌ پان.

" صديق فقير ميرن جي صاحبيءَ ۾ ٿي گذريو آهي ۽ هنجي تربت ڳوٺ جهوڪ تعلقه ميرپور بٺوري ۾ آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڀيري لغارين ۽ ميرن جو پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهه تان تڪرار ٿيو. تنهن تي صديق فقير لغارين کي چيو ته مير نيت به حاڪم ماڻهو آهن تنهنڪري صلاح پري ڳالهه آهي ته اوهان ساڻن نهي وڃو. لغارين هن فقير جو چوڻ نه مڃو ۽ ڪيس ميرن جو حمايتي سمجهي هن سان ڪوُنس ڪرڻ لڳا. تنهن تي صديق فقير ٻاراني وانگر هي بيت چيئين:

" لغاري هئين لاهه ، پر پٺي ڪيا پوسونءَ پاڙ ڪون ، آڻي وڌيءَ انهين سان ، جدهين سان الله ، موچاري به صلاح ، ايند پو ڪاڻ صديق چوي. "

---

* تحفته الڪرام- صفحه ۴٦٢

† شاه عبدالڪريم (شاه لطيف جو ڏاڏو) واري ٻلڙي.

‡ هفتيوار 'هندواسي' ۾ آيل آهن.

حيدرآباد جي قلعي جي پٺيان، واٽي بـــاغ اڳيان هڪ مير گهوڙي تي چڙهي پئي ويو، ته صديق فقير چيس ته مير صاحب! هاڻي اسين اهو ٿا آڻيون جنهن کي نه لانگ نه پانگ.

( هندو ڌوتيءَ جي لانگ ڪيندا آهــن ۽ مسلمان پانـگ ڏيندا آهن - انـگريز لانـگ ۽ پانـگ ٻنهي کان پري آهي. )

صديق فقير انهيءَ ڳجهارت ۾ اڳـوات
خبر ڏني ته سگهو ميرن جـي صاحبي پـوري
ٿيندي ۽ انگريز سرڪار جي حڪومت ايندي-
مير اها پرولي ڪانه سمجهي، جو انگريز هنڪي
خواب خيال ۾ به ڪين ها. تنهن ڪري صديق
فقير کان ورجائي پڇيائين ته اهو توهان ڇا چيو؟
تنهن تي صديق وراڻيءَ ۾ هيٺيون بيت چيس-

”حيدرآباد ۾ هل ٿيو، رت وهي ٿي رال،
پوُرا اچي پيل، ساري سنڌ صديق چوي.“

سنڌ ۾ سال ١٨٤٣ع ۾ مياڻيءَ وٽ جنگ لڳي جنهن ۾ ميرن جي لشڪر جو رت ريلا ٿي وهيو، ۽ سچ پچ ڪپتان ۽ ڪماني لشڪر وٺي ٻنهون پارا لنگاڙي شهر ۾ اچي وارد ٿيا - اهڙيءَ طرح صديق فقير جـــو چوڻ سچ ثابت ٿيو.

**پريم ڪهاڻيون :-**

پريم جون ڪهاڻيون سنڌ ۾ ته ڇا پر هر هنڌ موجود

آهن ۽ ٻيهر ٿي تہ انسان جي زندگيءَ جو اتساهہ آهي - شاهہ صاحب بہ تہ هڪ نينگر جي فقط آڱر ڏسي پنهنجي هٿ ۾ جهليندي چيو هو،

**"جنهن جي آڱر سيد جي هٿ ۾،**
**تنهن کي لهر نہ لوڏو."**

هي تہ شاهہ جي شادي بہ ان ئي نينگريءَ سان ٿي، نہ تہ خبر نہ آهي تہ شاهہ صاحب محبت جا ڪهڙا مهراڻ وهائي ها - سنڌ ئي تہ 'سسئي پنهون'، 'سهڻي ميهار' 'نوري ڄام تماچي'، 'مومل راڻو' جهڙا محبتي جوڙا پيدا ڪيا آهن ۽ اهڙي قسم جون ٻيون بہ ڪهاڻيون سنڌ ۾ جام آهن - *

## ورت ڪهاڻيون :-

ڀارت جي ٻين پرانتن جيان سنڌ ۾ هندو، خاص ڪري استريون ورت جام رکنديون آهن ۽ پوءِ انهن ورتن وارن ڏينهن تي ان ورت واري ديوتا جي ڪٿا (ڪهاڻي) ڪٿنديون آهن- جيئن تہ سومر، وسپت، آرتوار جا ورت، تيجڙيءَ جو ورت، ست نارائڻ جو ورت وغيره. هنن ورت ڪهاڻين ۾ مکيہ طور ٽن قسمن جون ڪهاڻيون آهن- هڪ اولاد ڏيڻ، يا گهوٽ وٺڻ جي ڀاونا سان - ٻيون وڇڙيا ملائڻ جي تمنا واريون ۽ ٽيون ڀڳتي جي پراپتيءَ جي وچار ڌارا واريون. ٽنهي قسم جون ڪهاڻيون جان تان وڌيڪ آهن. †

* † ليکڪ جو پڙهو "سنڌي لوڪ - ڪهاڻيون" پستڪ

## ديون پرين جون ڪهاڻيون :-

ديون پرين جون ڪهاڻيون به سنڌ ۾ گهڻيون آهن - هنن ڪهاڻين ۾ ڪنهن ديو يا پريءَ جي مدد سان ڪهاڻيءَ جو نائڪ وڃي پنهنجي منزل مقصود کي رسندو آهي . هنن ڪهاڻين ۾ ڪافي وچتر ڳالهيون ٿيندڙ پال هونديون آهن - نائڪ ڪڏهين پرستان جو پيو سفر ڪندو آهي ته ڪڏهين ڪنهن پريءَ جي غصي جو شڪار بڻجي گهڻو بڻجي رهندو آهي- سنڌيءَ ۾ هنن ڪهاڻين تي گهڻي پاڻي ' ممتاز دمساز ' ، ' گل بڪاولي ' ، ' چار درويش ' ، ' حاتم طائي ' قصن جو گهڻي ۾ گهڻو اثر هوندو آهي . هي ڪهاڻيون رات جي وقت ڪٽبيون آهن ۽ ڪڏهين ته ڪهاڻي سڄي سڄي رات به پيئي هلندي آهي .

## پکي پشن جون ڪهاڻيون :-

هنن ڪهاڻين جا پاتر پکي يا پشو هوندا آهن، هنن جي وارتالاپ ۾ ڪنهن مان نصيحت ملندي آهي- ائين ڪڍي ڇڏجي ته انساني اداڪارن جي بدران پکي يا پشو هوندا آهن- هي ڪهاڻيون ڪافي وندرائيندڙ به هونديون آهن - ' پنچتنتر ' اهڙين ڪهاڻين جو مجموعو آهي .

## وندر جون ڪهاڻيون :-

کي لوڪ- ڪهاڻيون فقط دل وندرائڻ جي ئي مقصد سان هونديون آهن - پر ائين هرو ڀرو ڪرنهي ته انهن ۾ سواء وندر جي ٻيو ڪجهه نه هوندو آهي - !

لوڪ ڪٿا جي هر قسم ۾ نصيحت ته هوندي آهي. سواءِ اپديش جي يا سکيا جي ته ڪا به لوڪ ڪٿا ڪانهي. لوڪ ڪٿا جو بنياد ئي سکيا ڏيڻ جي خيال کان پيو. 'پنچتنتر' ۾ جي به ڪهاڻيون آهن انهن سڀني ۾ نصيحت ڀريل آهي. جيتوڻيڪ انهن ڪهاڻين جا پاتر جيوَ جنتر آهن. اهڙيءَ طرح هتي دل وندرائيندڙ ڪهاڻين ۾ به سبق سمايل آهي.

سنڌيءَ ۾ 'اڪبر بيربل' جون ڪهاڻيون مقبول عام آهن. ياد رهي ته سنڌ ۾ جا ڪهاڻي 'بيربل ۽ ملان دو پيازو' جي نالي سان آهي سا چين ۾ به آهي ۽ تازو اها ڪهاڻي Chinese Literature نالي ماهوار رسالي (انگريزيءَ ۾) ۾ به شايع ٿي آهي - رسالو پيڪنگ مان سرڪاري طور نڪرندڙ آهي. خير اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي.

وندر جي خيال کان فقط 'اڪبر بيربل' جون ئي ڪهاڻيون نه آهن. انهن کان سواءِ ٻيون به گهڻيئي ڪهاڻيون آهن.

## متفرقه ڪهاڻيون :-

مون مٿي سنڌي لوڪ ڪٿائن (ڪهاڻين) جا ڇهه قسم ڏنا آهن. پر انهن ڇهن قسمن کان سواءِ ٻيون به ڪهاڻيون آهن. انهن لاءِ مون متفرقه لفظ ڪتب آندو آهي. جيئن، دودو چنيسر، سپڙ سخي، گوگيو، مهراڻ ۽ ٻيون ڪهاڻيون مٿين ڇهن قسمن ۾ نه ٿيون اچن. اهي،

جدا جدا وشين جون ڪهاڻيون آهن.

هي قسم انهن ڪهاڻين جا آهن، جن کي ٻڌي ڪنا چئجي ته ٻه سونهي. اهڙا ڪنا رواجي طرح ۾ عام ٻولي ۾ ڪتبي ويندي آهي. انهن ڪهاڻين جي شروعات گهڻي ڀاڱي "هڪڙو هو راجا..." سان ڪئي ويندي آهي.

هڪ ڳالهه جا لوڪ ـ ڪٿائن ۾ ڪنڪندي نظر ايندي آهي سا اها ته اهي لوڪ ـ ڪٿائون ۾ انهن جون گهٽنائون ڪجهه اسپاويڪ ٿين ٿيون. ليڪن لوڪ ـ ڪٿائن جي مکيه خاصيت حقيقت پرستي نه آهي بلڪ دل ٻهلائڻ آهي، ان سان گڏ اپديش به.

هڪ "ٻتور تا" واريءَ ڪهاڻيءَ ۾ ٻتور تا استري ٻڌهڻجي مئل پتيءَ جي لاش کي ڇڏي ڪير ڍهڻ ٿي ويهي رهي، جا هڪ نا ممڪن ڳالهه ٿي ڀاسي، پر جيڪڏهين ائين نه ڪري ته پوءِ ڪهاڻي اڳتي ڪيئن وڌي سگهي. ڪهاڻيءَ ۾ ان ڪانپوءِ ٿي ته مزو ٿو اچي.

اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي ڪهاڻين ۾ شوبارو تي ٿا اچن، ڏائڻيون ۽ راڪشس ٿا اچن، پريون ٿيون گهمن ۽ نانگ راجڪمار ٿا ٿيڻ. اهي ڳالهيون ضرور اسپاويڪ آهن، ليڪن انهن سڀني کان سواءِ ڪهاڻين ۾ ٻورو ٻورو رس نٿو پيري سگهجي، وري هي ڪهاڻيون جڏهن زماني ۾ رچيون ويون هيون، اهو زمانو به اهڙن عجيب ڳالهين ۾ وشواس ڪندو هو، ليڪن اڄ جو پڙهندڙ جيڪڏهين انهن ڳالهين کي ڇڏي ان ۾ هلندڙ زندگيءَ

ڪي گرهڻ ۾ ڪري ته انجو رس ڏئي نه پوندو ۽ هو ان
زماني ۾ زماني کان هلندڙ لوڪ - سنسڪرتيءَ جو سچو
سروپ سڃاڻي سگهندو.

دنيا ۾ گهڻا چالاڪ ۽ چتر زبان آهن ته سادا سودا
۽ وشواسي به - لوڪ - ڪٿائن ۾ انهن جو به ذڪر اچي
ٿو. هيءَ آهي هڪ لوڪ - ڪٿا جنهن کي لفظي پيد
واري کهاڻي به چوندا آهن، ته پڙهو -

” هڪڙو هو ڪانيرو - ويچارو روز ڪانيون
ڪري انهن ڪانين جي ڳاڏي ڀري، شهر جي
بزار ۾ وڪڻي ويندو هو، ۽ ائين پيو محنت ڪري
دال روٽي ڪيندو هو. هڪ ڏينهن هڪ چالاڪ
گراهڪ سان ڪم پيس جنهن ڪري ويچارو ڏاڍو
اچي ششدر ٿيو. اها ڳالهه هن ريت آهي ته :-

هڪ ڏينهن جيئن هن ڪانين جي ڀريل
ڳاڏي آڻي بزار ۾ بيهاري ته هڪ چتر زبان ۽
چالاڪ شخص اچي پڇيس ته، ڪانيرا هن ڪانين
جي ڳاڏيءَ جو گهڻو ..؟ ڪانيرو سمجهو ته هي
شخص ڪانين بابت ٿو پڇي سو چيائينس ته هن
ڪانين جي ڳاڏيءَ جا پنج روپيا. ان تي اهو
شخص پنج روپيا ڏيئي ڳاڏي کاهڻ لڳو. تنهن
تي ڪانيرو چيس ته ادا، تون ته ڪانيون ورتيون
۽ نه ڳاڏي، پوءِ ...... ته شخص ٿو اڌ ۾ ڪٽي
چويس ته، اڙي ڪانيرا توکان ته مون ائين پڇيو

ته ”ڪانئن جي ڳاڏيءَ جو ڳهڻو ...؟“ ان ۾ ته ڪانئون ۽ ڳاڏي ٻئي اچي ويا - اهڙيءَ طرح شخص اهـا ڪانئن سوڌي ڳاڏي ڪانئر ڪان چالاڪيءَ سان حاصل ڪئي. ڪانئر ويچارو غمگين ٿي اچي گهر هڪ ڪنڊ ۾ ويهو. ڌيئس اچي پرسان ويهي غمگينيءَ جـو ڪارڻ پڇيس - ڪانئر ان ڏينهن واري سموري گذريل گهٽنا سربستي طور ٻڌايس - ڌيءَ اها ڳالهه ٻڌي کيس دلجاءِ ڏني ته ڳاڏي واپس وٺبـي - ٻئي ڏينهن هـن ماڙي وارن کان ڳاڏي اڌاري وٺي اهـا ڪانئن سان پوري ڀيءَ جيان اچي بزار ۾ بيهاري - ان ڏينهن به ساڳيو چالاڪ شخص بزار ۾ آيو ۽ ڪانئن جي ڳاڏيءَ لئي هڪ استري ڏسي ان کي ڦرڻ جي خيال کان هن اهو ساڳيو سوال ڪيو ”ڪانئن جي ڳاڏي ءِجو ڳهڻو؟“

ڇوڪريءَ چيس ڏه روپيه •

شخص دل ۾ سوچيو ڪالهه پنجن روپين ۾ ڳاڏي ملي اڄ ملي ٿي ڏهن روپين ۾. خير ته به ڪس ڪانه آهي- هن ڇوڪريءَ کي ڏه روپيه ڏيئي جيئن ئي ڳاڏي ڪاهڻ لڳو ته ئن ڇوڪريءَ ڪٽي ٻانهن کان پڪڙيس، چي ڳاڏي ڪيڏانهن ٿو ڪاهين؟- تنهن تي چالاڪ شخص جواب ڏنس ته مون ڏه روپيه ڏيئي جو ڪانئن جي ڳاڏي

ورتي آهي -

” چگو، ان جو فيصلو شهر جو نواب ڪندو
تو برابر ڏهن روپين ۾ ڪانين جي گاڏي ورتي
ٿي يا نه ...“ ائين چئي ڇوڪري گاڏي ڪاهي
نواب جي ڪچهريءَ ڏانهن هلي ۽ پنيان اهو
چالاڪ شخص به هو - اچي نواب جي ڪچهريءَ
۾ پهتا . نواب اڳيان ٻهرين چالاڪ شخص بيان
ڏنو ته حضور مون پڇيو ته هيءَ ڪانين جي گاڏي
گهڻي؟ ته هن ڇوڪريءَ ان جي ڏه روپيه قيمت
چئي، هاڻي ٿي چوي ته تو گاڏي خريد نه ڪئي آهي - ۽ نه وري ڏه روپيه ٿي
واپس ڏي . منهنجو انصاف ڪيو وڃي - ائين
چئي هو هٿ ٻڌي هڪ ڪنڊ ۾ اٿي رهيو -

ان بعد ڇوڪريءَ جو وارو آيو - هن چيو ته -
حضور نواب صاحب ائين برابر آهي ته هن پڇيو
ته ” ڪانين جي گاڏيءَ جو گهڻو؟ “ مون چيو
ڏه روپيه - پر هاڻي سوال آهي ته جو هن ڏنو ۽
خريد ڪيو سو پل ڪٿي وڃي .“

ان بعد ڇوڪريءَ گاڏيءَ جا ڦيٿا ڪڍي ان
شخص کان پڇيو، ’هي ڇا آهن؟‘
’ ڦيٿا ‘
’ گاڏي ته ڪانهي؟ ‘
’ نه ‘

’ هي ڇا آهي ‘
’ ڀاڄاري ‘
’ گاڏي ته ڪانهي ‘
’ نه ‘
’ هي ڇا آهن ‘
’ ڪانيون ‘
’ گاڏي ته ڪانهي ‘
’ نه ‘

اهڙيءَ طرح ڇوڪري گاڏيءَ جو هڪ هڪ حصو کڻي پڇندي ويئي ته ’ هيءَ گاڏي ته ڪانهي ؟‘ ۽ آخر ۾ شخص ناڪار ڪندو ٿي ويو. تڏهين ڇوڪريءَ نواب کي سموري حقيقت ٻڌائي ۽ ان شخص جي ٺڳيءَ کان نواب کي واقف ڪيو.

نواب سڄي ڳالهه سمجهي اڳئين ڏينهن واري گاڏي ڪانير کي واپس ڏياري ۽ ان شخص تي ڏنڊ وڌو جو ڇوڪريءَ کي سندس سياڻپ ڪري انعام طور ڏنو ويو.

اهڙيءَ طرح سنڌي لوڪ ـ ڪٿائون ڪافي آهن ـ مون ته هي فقط نثري لوڪ ـ ڪٿائن جو ئي ذڪر ڪيو آهي، ٻيون آهن نظمي ڪٿائون ـ جن ۾ ڪهاڻيءَ سان گڏ گيت به هوندا آهن جي ان ڪهاڻيءَ سان واسطو رکندڙ هوندا آهن. اهي نظمي لوڪ ـ ڪٿائون گهڻو ڪري ٻارن لاءِ هونديون آهن ـ انهن ڪٿائن ۾ سڪيا ۽

نصيحت ڏنل هوندي آهي . خير -

مان هت مٿين صفحن ۾ سنڌي لوڪ - ڪٿائن جي نثري روپ وارن ڪهاڻين جي ٿوري ۾ واقفيت ڏني آهي - هيٺ نظمي ڪهاڻين بابت ٻڌائيندس .

شروع ۾ ته اهي لوڪ ڪٿائون نظم ۽ نثر ٻنهي ۾ جنتا ۾ لوڪ پريه هيون اهي گهڻو ڪري لکيون ڪونه وينديون هيون پر زباني ئي هڪ پيڙهيءَ کان ٻيءَ پيڙهيءَ کي ڇڏڪ وصعيت ۾ ملنديون هيون . ان بعد ته انهن مان ٻار ٻـــالڪ ۾ ٻهڳجون ڪهاڻيون ٻڌائيندا ٿا اچن، ڳوٺ جون استريون منجهند جو پنهنجو ڪم ڪندي ۽ رات جو آرام ڪندي ڪهاڻيون ڪٿنديون آهن، ڳوٺ جا نوجوان ڪيٿن ۾ پنهنجن وڏن کان ٻڌل وير ڪٿائون ۽ پريم ڪٿائون ٻڌندا ۽ ٻڌائيندا آهن .

## نظمي ڪٿا :-

مان مٿي چئي آيو آهيان ته اڳ ۽ هاڻ به لوڪ ڪٿائون نظمي ۽ نثري صورت ۾ هلنديون هيون ۽ آهن. هيءَ هيٺين هڪ نظمي لوڪ ڪٿا آهي ته :-

" هڪ جهرڪيءَ جو لڌل موتي ڪانو کڻي ويو، جهرڪيءَ ڪانو کي چيو ، " ڪانوَ ڙي ڪانوَ موتي ڏي ." ڪانوَ موتي نه ڏنو، وڃي نم جي وڻ تي ويٺو. جهرڪي ويئي وڻ وٽ چيو، " نم ڙي نم ڪانوَ کي اڏاءِ ." نم چيو ، " ڪانو منهنجو ڇا بگاڙيو آهي جو مان ڪيس اڏايان ؟" اهو ٻڌي جهرڪي روئندي ويئي

ٻ ڪڻ وت ...

( هيءَ مالوا ديش جي هڪ مالوي لوڪ ڪٿا آهي جا هو بهر ٿو ڏيان، خود ڏسو).

” نيم ڪاگ اُڙايه ني،
ڪاگ موتي دي ني،
چڙي روني ريهي، “

چڙي ڳئي سُنار (ٻ ڪڻ) ڪني، ” سنار سنار ليم ڪاٽ“ سنار ني ڪها، ” ليم نه مهارو ڪئي بگاڙيو جو ليم ڪاٽون.“

” سنار ليم ڪاٽي ني،
ليم ڪاگ اُڙايه ني،
ڪاگ موتي دي ني،
چڙي روتي ريهي....“

اهڙيءَ طرح اها جهرڪي ڌار ڌار شخص وٽ ٿي وڃي. مکيءَ ڪان پوءِ راجا وٽ، راجا کان پوءِ راڻيءَ وٽ، راڻيءَ بعد ڪوئي وٽ، ٻليءَ وٽ، ڪتي وٽ، لٺ وٽ، باهه وٽ، پاڻيءَ وٽ، پاڻيءَ کان پوءِ واريءَ وٽ، جا آخر ۾ هن جي ڳالهه مڃي ٿي ۽ جهرڪيءَ کي موتي واپس ٿو ملي.

اهڙي ئي هڪ سنڌي نظمي لوڪ ڪٿا به آهي، ان ۾ ڪانءُ جي ٻدران ڪاٺ جو نار آهي ۽ جهرڪيءَ ٻدران هڪ چوڪرو، موتيءَ ٻدران پڳڙو. ڪٿا آهي ته:-

” هڪ ڏينهن هڪ چوڪر نار ني وٺي پڳڙا ڪاڏا،

انهن مان هڪ داڻو وڃي ٽار اندر پيو- ڇوڪر ٽار کي چيو " ٽار ڙي ٽار! پڳڙي جي ڦاڪ (اڌ) ڏي-" ٽـار چيس " هل ڙي هل، آهو آهي پڳڙي ڦـاڪ وٺڻ."
ڇوڪر اهو ٻڌي روئندو ويو ٻڪڻ وٽ ڇي:

" ٻڪـــڻ ڙي ٻڪـــڻ،
تون ٽار کـــي ڪپ،
ٽار پڳڙي ڦاڪ ڏي،
مان اهي ڦاڪ کاوان-"

ٻڪڻ چيس ته ٽار مونکي ڪهڙو نقصان پهچايو آهي جو مان کيس ڪپيان؟ ڇوڪر پوء ڳوٺ جي مکيء وٽ ويو، ان کانپوء راجا وٽ، راڻيء وٽ، ڪتي وٽ، ڪتي وٽ وغيره.

ڊاڪٽر ستيندر پنهنجي ڪتاب " برج لوڪ ساهتيہ جو اڀياس " ۾ ان نموني جي ڪٿائن تي هـڪ سندر نوٽ لکيو آهي - هن اهڙين ڪهاڻين کي " ڌهر واريون ڪهاڻيون" سڏيو آهي.

هڙي قسم جي ڪهاڻين ۾ مکيہ پاتر ڌواران ڪنهن چيز جي حاصل ڪرڻ لاء ڪوشش، جيو جنتر، انسان، جڙ يا چيتن پدارٿ کان سهائتا وٺڻ لاء پراوٿناٿون ڪرڻ، ٿوڪر کائڻ بعد آخر وڃي منزل تي رسڻ- انهن مـان اُپديش ٿو ملي ته جيستين ڪ وڃي منزل تـي رسجي تيستين ڪوشش ڪرڻ کان بس نه ڪجي، نه فقط ايترو بلڪ اها به خاصيت آهي ته هڪ کان وڌ پيو پيو آهي،

هڪڙو جي سير آهي ته ٻيو وري سوا سير آهي ۔

**ڪٽڪ** :-

لوڪ ڪٿائن جو واهپو شهرن جي ڀيٽ ۾ ڳوٺن ۾ وڌيڪ آهي، ان جو سبب اهو آهي جو شهرن ۾ اوچ نيچ، امير غريب، پڙهيل اڻ پڙهيل وغيره جو ڪافي تفاوت رکيو ويندو آهي ۔

شهر ۾ صفائي ڪندڙ هڪ ٻن سالن واري ٻالڪ لاءِ به "ڀنگي" ٿي رهي ٿو. ليڪن ڳوٺ ۾ هـوُ ڪنهن جو چاچو آهي ته ڪنهن جو ڀائو، ڳوٺن ۾ نه ته سئنيما گهر آهن ۽ نه وري ڪي ڊرامئٽڪ ٿئيٽر. ليڪن ڳوٺ وارن جي لاءِ ته ڪو وسيلو هئڻ ٿي گهرجي انهـن لاءِ لوڪ ڪٿائن جو ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ ئي مدورنجن يا دل ٻهلاءَ جي چيز آهي ۔

ٻر هڪ ڳالهه آهي اها، اها ته ڪهاڻي يا ڪٿا چاهي ڪيتري به ڪٺي وڻندڙ چونه هجي ٻر ٿڌ هين به ان جو وڻڻ گهڻي ڀاڱي ٻڌائڻ واري تي ئي مدار رکـي ٿـو ۔ ٻولي هڪ نموني جي هئڻ تي به چوڻ جو ڍنگ. ڀنهنجو ڀنهنجو نرالو ٿئي ٿو، ويچارن يا ڀاون کي ظاهر ڪرڻ ٻنا ڪهاڻيءَ جو رس اڌ ٿيو وڃي، ان ڪهاڻي چوندڙ يا ڳالهه ڪٹندڙ کي چون "ڪٽڪ". ڀاڻدي ئي ٻهرپڙ ن شخص هو، جنهن ڪٿا چوندڙ کي ڪٽڪ نالـو ڏنو ۔ ڪهاڻين لاءِ ڪٿا لفظ جو استعمال ٻهر ٻن ٻهر ٻن "اٿريه آرڻيڪ" شاستر ۾ ٿو ملي ۔

ڪهاڻي چوندڙ ڪٿڪ پڻ ته ڪهڙي به ذات جو يا غريب ڇو نه هجي، پر ڳوٺ ۾ عزت ۽ سڪ جو پاتر بڻجي ٿو وڃي.

هي لوڪ ڪٿائون ايتريون ته سوليون ۽ اهڙيون ته وڻندڙ ۽ سڀاويڪ طور چيون ٿيون وڃن، جو ڪو ودوان به ان وارتا ۾ ٻڌي ته جيڪر وندر ۾ پيو رهي نه سگهي. ٻارن جي ته ڳالهه ئي نه پڇو! هڪ ڪهاڻي ٻڌائي ٿو ۽ ٻيا سڀ ٻڌن ٿا. وچ وچ ۾ ها، ٻوءِ اڳتي ڇا ٿيو، چوندا ٿا هلن.

**سنڌ ۾ :-**

سنڌ ۾ ته اونهاري جي راتين ۾ کليل آڳڙ (پڌر) ۾ ڪٺون وجهي، انهن تي ويهي - سياري جي راتين جو باهه جي چوگرد ڪوڙ ناهي، هٿ پير سيڪيندي اهي لوڪ ڪهاڻيون ٻڌندا ۽ ڪٿيندا آهن. اهي سنڌي لوڪ-ڪٿائون ٻئي ڪڏهن به پرانت جي لوڪ-ڪٿائن کان گهٽ ڪونه آهن. اهي ڪٿائون اهڙيون ته آهن جو ٻڌڻ سان دل مڇلي اٿي. الائجي اهي ڪهاڻيون ڪڏهن لکيون! ڪير ٿو چئي سگهي؟

وري مزي جي ڳالهه اها آهي جو اهي ڪهاڻيون سنڌ ۾ ڏينهن جو ڪين ڪٿن، پر ڪٿن رات جو. جي ڪو ٻار ڏينهن جو ناني يا ڏاڏي سان ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ ضد ڪري ته جواب ملندس، 'ڪهاڻي رات جو

ڪٽبي آهي . ڏيهن جو کهاڻي ڪٽڻ سان ماما پلجي پوندا ، پار وري مامن جي پلٽ جي بدپ کان ڏيهن جو کهاڻي پدڙ لاءِ ضد ڪونہ ڪندا آهن - *

پين پرانڪ لوڪ - ڪٿائن جيان سنڌي لوڪ - ڪٿائون بہ اسان کي ان زماني جو چٽو ٿيون آڏو رکن . سماج جي رسمن ۽ رواجن ، هلت چلت ، رهڻي ڪهڻيءَ جي جي واقفيت ٿيون ڏين .

● ● ●

---

* شري ديويندر ستيارٿي بہ پنهن جي هڪ ليک ’ پارتي لوڪ - ڪٿائون ‘ ۾ لکي ٿو :-

’ ... پنجاب ۾ ڪٿا پا کهاڻي ڏيهن جو ڪين ڪٽڻ تہ متان ماما نہ پلجي پون ...‘ .



# لوڪ چوڻيُون

# لوڪ - چوڻيون

لوڪ ساهتيہ جو ٻيون انگ آهي لوڪ - چوڻيون. عام طرح هر هند، هر ڳوٺ ۾، هر پرانت يا هر ديش ۾ اتي جا رهاڪو ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڪي نقطا ٻڌائيندا ويندا آهن، انهن کي اسان چوڻيون سڏيندا آهيون. ڀاڪا ۾ اهڙي نئي قسم جا آهن - ٻولي ڳالهائڻ يا لکڻ ۾ اهي چوڻيون ڪتب آڻڻ سان لکڻيون يا ٻولي وڌيڪ مايہ‌دار لڳندي آهي ۽ پڙهڻ يا ٻڌڻ ۾ لطف ايندو آهي. جهڙيءَ طرح لوڻ بنا ڪاڌو بي مزي لڳندو آهي، تهڙيءَ طرح ئي ٻوليءَ جي ڪيتري ۾ بنا چوڻين ۽ ڀاڪن جي اثر ڪندڙ ڳالهيون اهڙيون دلچسپ نٿيون لڳن. نہ فقط ايترو بلڪ " گهاگهر ۾ ساگر " پڻ جو گڻ بہ انهن لوڪ چوڻين مان ظاهر آهي. وقت جا مسئلا، آزمودا هنن نندين ۽ چٽڪيلن جملن ۾ سمائجي هميشہ لاءِ هلندا ٿا اچن، ۽ اهي هر وقت سڀہ لوڙي اسيہ، سڀني شخصن ۾ پرچلت آهن. جيون جو سڀاءُ سان تمام گهرو سنبنڌ آهي، انساهہ ۽ زندهہ دلي انهن لوڪ-

ڇوٽين جي جڳت ۾ سهائڪ ٿئي ٿي ، ان ڪري ٿي
شايد لوڪ ساهتيه ۾ لوڪ - چوٽين جي ڪافي اهميت
آهي . آزمودن پنيان زندگيءَ جون گهڻائون ڪم
ڪنديون رهن ٿيون.

لوڪ - چوٽيون پنهنجي پراچينتا ( جهونائي ) جي
لاءِ لوڪ ساهتيه ۾ گهڻن ئي انگن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ
اهميت واريون آهن . انهن مان سڌ پوي ٿي ته جنهن
ملڪ ۾ اهي چوڻ ۾ ٿيون اچن ، تنهن جي ماڻهن جا
مذهبي خيال، پنگتي رسمون ۽ ٻيا دستور ڪهڙا آهن.

ڊاڪٽر واسديو شرڻ اگروال انهن لوڪ - چوٽين
بابت هڪ هنڌ لکي ٿو ته ، ”لوڪ - چوٽيون انساني
گيان جا چڱا چوکا چهنڊڙ تت آهن...“

مان ته ائين چوندس ته لوڪ چوٽيون ننڍي روپ
۾ وڏي وڏي ڳالهين جو نچوڙ آهن، نه فقط ايترو بلڪ
اهي نيتي ساهتيه جو به هڪ حصو آهن. ان جي ثابتي
مصر، بئبيلان، هندستان وغيره جي پراچين گرنٿن مان
به ملي ٿي. ڇو جو انهن مان نيتي ساهتيه جي سامگري
ٿي ملي . بائيبل جي ”پهاڪن“ وارو باب ۽ ”پنچتنتر“
جون ڪهاڻيون ان جو مثال آهن. اهي لوڪ چوٽيون نه
فقط ڳالهائڻ ۾ ڪم ٿيون اچن پر اديبن جي تصنيفن ۾ به
اچي چڱو سواد ٿيون پيدا ڪن .

لوڪ چوٽين جي ٺاهيندڙ جو ٺالو نٿو ملي . چئي
نٿو سگهجي ته اهي ڪنهن ٺاهيون پر انهن جو بنياد به

لوڪ ساهتيہ جي ٻين انگن جيان پراچين آهي - اهي چوڻيون ڪن واقعن يا گهٽنائن تي ٻڌل آهن. مثال طور:

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪڙو واڻيو واهہ اڪر ندي (پار ڪندي) گهوڙي سوڌو وچ پاڻيءَ ۾ ڪري پيو. پيسن جي ڪا هڙ توبري ۾ پيئي هيس، سا بہ پاڻيءَ ۾ لڙهي ويس. تنهن تان چوڻي نهي تہ "رقم ئي توبري ۾" "هڙ ئي هلاڪ" يا "پيسا ئي پاڻيءَ ۾".

ٻين ٻولين جي چوڻين جيان يا تلهي ليکي جنم مطابق يا پيدائش جي خيال کان سنڌي لوڪ چوڻين کي ڀاڱا ۾ سڏ ٻو آهي.

١. وشيہ مطابق ٢- آزمودن مطابق ٣. ٻوليءَ مطابق ٤. جاتيءَ مطابق ۽ ٥. جاءِ مطابق. اهي ڀاڱا ورهائي سگهجن ٿا.

## وشيہ مطابق يا آزمودن مطابق :-

هن چوڻين ۾ ڪن چيزن سان واسطو رکندڙ ڳالهين مان آزمودو حاصل ڪري ان تي پنهنجي راءِ ظاهر ڪئي وئي آهي جيئن تہ اڳي جڏهين اهڙا بئنڪون ڪين هيون، تڏهين اسانجا ماڻهو پنهنجو ڌن ڌرتيءَ ۾ پوريندا هئا ۽ ڌرتي سندن اها رقم قبائي ڪين ويندي آهي (يا هئي) تڏهين اها چوڻي نهي تہ، "پرائي امانت ڌرتيءَ بہ نہ ڀوهي." هي چوڻي سيکاري ٿي تہ امانت ۾ خيانت نہ ڪجي. اهڙيون ٻيون بہ چوڻيون آهن.

### ٻوليءَ مطابق :-

جيڪڏهين ڪنهن جي ڪا ڳالهه ٻئي کي سمجهه ۾ نه ايندي آهي، پر ڪيس ان بابت اهو شڪ ضرور هوندو ته ان جو مطلب ڪو چڱو ئي آهي، ته هين ائين چوندس ته "ٻ، سولي سنڌيءَ ۾ ڳالهاءِ." يا جي ٽوڪ هڻڻي هوندس ته چوندس ته "ڪانوَن جون ٻوليون ڪانوَ ئي سمجهن."

### جاتيءَ مطابق :-

انهن چوڻين مان معلوم ٿيندو ته اها جاتي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ اهي چوڻيون پرچلت آهن - مثال طور ڏسو اسين سنڌي ماڻهو تقدير يا قسمت کي مڃيندا آهيون ۽ ائين ڄاڻندا آهيون ته جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو، سو ڌڻيءَ جي ٻاران ۽ ايشور جي طرفان جيڪي ٿيڻو هوندو سو اوس ٿيندو. ان نسبت چوڻي آهي، "لکيو مٿ‍هه للات قلم ڪياڙيءَ نه وهي."

اچا ٻه وري جي ان جاتي لفظ کي وڌيڪ ويڇڪ ڪجي ته پوءِ ڌار ڌار ڌنڌوڙين (جن کي ٻه جاتي سڏيندا آهن) جون ٻه جدا جدا چوڻيون آهن. مثال طور :-

ڌوٻي :- "ڌوٻيءَ جو ڪتو، نه گهر جو نه گهاٽ جو."

سونارو :- "سوناريءَ جا سوَ ڌڪ، لوهار جو هڪ ڌڪ."

ڪسان :- " پوکين تانڪي پوک، جيسين پاڻي ائيڻي ٻار ۾."

واپاري :- "ٻ ني واڻئي (واپاري) مور نه لاهي."

**جاءِ مطابق :-**

ڪن هنڌن يا دُوريءَ بابت ڪي چوڻيون آهن، جن مطابق انهن جي تڪليفن جو اندازو ڪري ٿو سگهجي. مثال طور :-

سسئي پنهنجي پنهونءَ پٺيان پيادي ٿي وئي، رستي ٿي جو به ٿي گڏيس تنهن ٿي پڇيس ته اڃا ڄـــي ات توکي ڪيچ تائين پهچائين ته بي ڳالهه آهي، نه ته باقي پيادل مشڪل پهچندينءَ. ان بابت چوڻي نهي ته ”اڃا اُت ڪيڏن سسئي.“ چوڻيءَ جو مطلب آهي ته، اڃا ڪم ٿيڻ ۾ وقت ڪهڙي يا اڃا گهڻي دير پيئي آهي- ان چوڻيءَ سان ئي به هڪ چوڻي نهڪندڙ آهي ته،

” اڃا دهلي دور آهي-“

اهڙيءَ طرح چوڻين ۾ وڏي فيلسوفي سمايل آهي ۽ ساڳي وقت اهي اسانجي تهذيب يا سڀيتا جو آئينو به آهن. يا اڃا ائين به ڪٺي چئجي ته انهن لوڪ چوڻين جي ٻوليءَ ۾ اسانجي جيوت جي آتم ڪهاڻي سمايل آهي.

اسانکي انهن چوڻين ۽ پهاڪن مان سماجڪ، اتهاسڪ ۽ سياسي چِٽر به ملي ٿو ۽ اسانجي آڏو اڳ واري زماني ۾ هلندڙ ڪرسمن جي تصوير ٿي اچي بيهي- مثال طور:-

”ٻرو مڙس ٻڌ نه ڪجي، وڃائجي نه وهي،
ڪٽڪن ۾ لابارا پوندا، مارو پوندو بهي.“

يـــا

”ڏاڏي جيڏي ڏاگهه سان ٽنگ جيڏي ڪدوار.“

انهن چوڻين مان معلوم ٿيندو ته اهي ٻي جوڙ شادين بابت چيل آهن ۽ سماجڪ آهن.

ٻيون وري چوڻيون آهن جن مان ملڪي حالتن ۽ ڪن اتهاسڪ ڳالهين جي سڌ ٿي پوي. جيئن ته:

"ڪنن جي ڳالهين مير ٻجر کي مارايو."

ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي وقت ۾ جوڌپور جي راجا ٻڌسنگهه ۽ راجپوت ايلچي ڪري موڪليا هئا، جن مير ٻجر سان ڪن سن ڳالهيون ڪندي کيس قتل ڪيو. جڏهن تان اها چوڻي چئي ويئي آهي.

ٻيون وري چوڻيون آهن جن مان نصيحت ملي ٿي. جيئن ته، "پاڙو ابو اما آهي."

يعني ته پاڙي وارن کي ڏک نه ڏيڻ گهرجي. پاڙي ۾ چڱيءَ طرح هلجي. ٻي ڳالهه آهي ته، "استاد جي مار پار جي سڌوار."

يعني استاد مار ڏيندو ته سڌارڻ (سڌارڻ) لاءِ. تنهن ڪري اهڙيءَ مار کي خراب ليکڻ نه گهرجي.


لوک سنگیت

# لوڪ - سنگيت

هر ديش کي پنهنجو پنهنجو سنگيت آهي، پنهنجا سر ۽ تال آهن، ساز آهن ۽ اهي اڄ پرسڌ آهن، ڇو ته انهن کي لائق اُپاسڪ مليا. جيئن ڪ: بنگالي سنگيت کي گرديو ٽئگور اوج تي رسايو ۽ اڄ به پنڪج ملڪ، کي ايس - ڊي - برمن بنگالي سنگيت کي ترقيءَ تي رسائڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيٺا آهن. اهڙيءَ طرح پنجابي موسيقي (سنگيت) به واڌارو ڪري رهي آهي. فلم ڪنهن به وشيه کي عوام تائين پهچائڻ جو مکيه وسيلو آهي. ”نيا دؤر“ ۾ لوهان کي پنجابي ميوزڪ جو نمونو ملندو. اهڙيءَ طرح ٻين پرانتن جو لوڪ سنگيت به پرسڌ آهي. پر سنڌي سنگيت سنڌ جي ٻين ڪلائن وانگر ايترو پرسڌ نه آهي. ائين ڪونهي ته ڪو سنڌ ۾ سنگيت آهي ئي ڪونه. سنڌ کي به پنهنجو سنگيت آهي. سنڌي لوڪ سنگيت سنڌي موسيقيءَ کي پنهنجا ساز آهن، پنهنجا سر آهن، طرزون آهن، پر ايترو پرسڌ نه.

سنڌ ۾ موسيقي جو رواج قديم زماني کان وٺي آهي، ڇو ته قديم سنڌي شاعريءَ جو قسم ”ڏوهيڙا“ خود موسيقيءَ جي لئه ۽ تال تي ٻڌل آهن. اها شاعري هاڻوڪي وزن ۽ بحر واري شاعريءَ کان نرالي آهي ۽

(جيئن ٽئگور بينگالي سنگيت ۾ جيڪي نيون قيمتون آنديون آن ڪي اڄ ڪلهه ٽئگور سنگيت ٿا سڏين). ان کان سواءِ سنڌي موسيقيءَ ۾ ٻين ٻڪن راڳن جا به سر آهن جيئن ڪ:- ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، ڪيڏارو، آسا، ڌناسري، بسنت، ڀيراڳ، رامڪلي، ڀروُ، سارنگ، بلاول، ڪاموڏ، پورب وغيره. انهن سرن تي به لوڪ گيت آهن. شري چوهڙمل هندوجا پنهنجي هڪ ليک ۾ ڏيکاريو آهي تہ ”سنڌو“ نالي به هڪ اصلي نج سنڌي موسيقي سر آهي جنهنکي ”راڳ سنڌو“ سڏين. هي ٿيا سنڌي سر پر سنڌي لوڪ سنگيت ۾ جي ساز ڪتب اچن ٿا اهي به نج سنڌي پيدائش آهن. جهڙوڪ: دلو، يڪتارو، نڙ، بين، بانسري، ٿالهه، وغيره- ڏسو:

## دلو:-

هندستان جي ڪيترن مکيه شهر ۾ اڄ سنڌي راڳ جي خاص نشاني آهي نڪر جو دلو انهيءَ دلي کي رام پنجواڻيءَ مشهور ڪيو آهي. جڏهن انهيءَ دلي تي سسئيءَ سهڻيءَ ماروئي جا بيت ڳايا وڃن ٿا تڏهن سنڌ جا ڳوناٺا نظارا نظر اچڻ لڳنتا.

راتڪ چانڊوڪي، مِٺڙ ڳوناٺو، دلو وڄائيندڙ جي ڳوڏن اوڏو، ڳائيندڙ جي ٻري ڏاڻي ڪن مٿان! سوز ڀريو سر جهونڙن اندڙ سنتل دليون جاڳائي رهيو آهي. هاري ناري ٽڪ ٻڌي رهيا آهن. من وندرائي رهيا آهن.

صوفي ڪلام ڳئي سگهي رهيا آهن.

پر اهو دلو ڪو ڏهن پارن پيڙهين يا ڏهن پارهن صدين جو سنڌ جو پراڻو ساز ڪونهي. انجو جنم اڃا اڳاڻو آهي. گهٽ ۾ گهٽ اڍائي هزار ورهيه پراڻو آهي.

سنسڪرت جي مشهور ليکڪ پاڻني، جو عيسوي سن کان پنج سؤ سال اڳ جو آهي، تنهن پنهنجي زماني جي سازن جو بيان ڪيو آهي. "جهڙ جهڙ" جنهنکي اسين "جهنجهٽو" ڪري ڪوٺيون. ان جي وڄائيندڙ کي چوندا هوا "جهڙ جهريڪ." ٻيو ساز هو "داددر" جو نڪر جو هو. دهل يا طبلي جو ڪم ڏيندو هو. "داددر" هڪ خاص قسم جو دلو هو. پاڻي رکڻ لاءِ ڪونه هو. نرالي نموني جي مٽي مان ٺاهيندا هوا. اهڙن دلن جي ٺاهيندڙ کي چوندا هوا "داردريڪ." گوتم ٻڌ جي "جاتڪن" ۾ ساز هلائيندڙن "ڪمڀ ٿنيڪ" جو ورنن ٿو اچي. "ڪمڀ" اکر مان "ڪنڀر" اکر نڪتو آهي. ان کي "گهٽ ددر- وادڪ" (گهڙو يا دلو وڄائيندڙ؟) به چوندا هوا. تازي زماني ۾ ان ساز کي ڪونين "واديه ڀانڊ" (واڄو ڀانڊو).

مهاراشٽر جي اندرين ڀهڙارين ۾ اڄ به هڪ ساز ڪم ايندو آهي جنهن کي "گهومٽ" (گهوم + مٽ، آواز ڪندڙ مٽ) چوندا آهن. اسانجي دلي کان ننڍو ٿيندو آهي. ٻنهي پاسي منهن اٿس. دهل وانگر ٻنهي منهن تي چم هوندو آهي، ڳچيءَ ۾ لٽڪائي وڄائيندا آهن.

جڻ ٺڪر جو نئيو دهل آهي.

پر پنجاب جي ڀراڙي ۽ خاص ڪري ڪشمير جي ڳوٺن ۾ سنڌ وانگر دلو وڄائيندا آهن. ساڳيو سنڌ جهڙو نمونو. ٻڌو اٿم ته ڪشمير وارا دم هڻندا آهن ته سنڌي وڄائيندڙ ساڻن پڄي نه سگهندا.

پاڻبي خود رهندو ٿي اٽڪ شهر کان ڪجهه پرتي سنڌو نديءَ جي ڪنڌيءَ تي شلا ڏور ڳوٺ ۾. ڪشمير الهندي پنجاب ۽ سنڌ جي حقيقن جي ڪجهه چڱيري واقفيت هيس.

سو ڏسجي ٿو ته دلو سنڌ پڻ جي سنگيت جو هڪ بلڪل ڪهنو ساز آهي جو پاڻني جي ڏينهن ۾ عام ماڻهن ۾ چالو هو. واڇوُ دلي جو جنم ته پاڻبي کان به اڳي جو هوندو ڇو ته پاڻبي ته پنهنجي زماني جي چالو سازن جي ڳالهه ڪئي آهي.

پوءِ به اهو ساز ڪشمير، پنجاب ۽ سنڌ جي ڀراڙي ۾ هلندو آيو. جڏهن انهن ملڪن تي عربن ۽ ٻين الهندي کان آيل قومن جو راڄ ٿيو ته به عام ماڻهو ته پنهنجي سڀيتا جا ساڳيا روپ رکندا آيا. ڌرم بدلائڻ ڪري ڪو سنگيت جو نمونو ڪو نه بدليو. ساڳيا ڏوهيڙا ۽ بيت ۽ ساڳيا دلاءِ جهنجهٽا هليا آيا. ڳوٺن جي عام خلق جي من وندرائڻ جا وسيلا يا دل جي اُمنگن ظاهر ڪرڻ جا ساز، جي پاڻ ڏاهين پاڻ وڄائين، سي ڌرم بدلائڻ ڪري ڦٽا ڪو نه ڪري ڇڏيندا آهن. انهن ڳالهين جو

ڪنهن به ڌرم يا مذهب سان لاڳاپو ڪونهي. جڏهن ٻولي لئي سنگيت ۽ ساز، ڌرم دين جو انگ نه آهن. انساني سڀاو جي اُپج پيدائش آهن. وڏي ڄمار اٿن. سنڌي دلي جي عمر ٽي هزار سال ڏسجي ٿي*

يڪتارو :-

هي ساز سنڌ ۾ عام جام هو، هر ڳوٺاڻي مجلس ۾ دلو ۽ يڪتارو ضرور هوندو. هر صوفي سماگم ۾ دلي ۽ يڪتاري جي سنگيت تي شاهه سچل جا بيت آلاپيا ويندا.

” گهڙي پل هت رهنداسين،
آخر ديس وطن تي ويندداسين.
ڏاڍو سنڌ سرڪار جو،
ڏوهه ثواب هلي ڏينداسين.
پيرو پاڪ رسول جو،
چشمن سان هلي چمنداسين.
سهڻو شاهه لطيف جو،
مٺي محب سان هلي ملنداسين.“

يڪتاري جي بناوت ۾ ٽن چيزن جي ضرورت پوندي آهي. سڪل ڪدو، جنهن کي تنبو به سڏبو آهي. ان جو بول گول ۽ چپٽو هوندو آهي. ان کي ٽولهه واري وچ مان آر پار سوراخ ڪري ان ۾ ڪاٺيءَ

---

*شري جيرامداس دولترام جو لکيل ليک - (هندواسي مئي ١٩٥٧ع)

جي ٻٽي يا گول لڪڙي وڌي ويندي آهي، جنهن جي سهاري يڪتارو ڪلهي جي آڌار تي جهلي سگهبو آهي. ٽين تار ۽ چوٽون ٽامي جو ڏيڍ انچ ڊگهو ۽ انچ کن ويڪرو پٽ. جو اڌ گول ۾ هوندو آهي. اهو ٽنبي جي وچ تي اُپر ڀهاري ان مٿان تار رکبي. تار جو هڪ چيڙو پٽيءَ جي هڪ پاسي کان ٻڌل هو ۽ ٻيو چيڙو ٻئي پاسي کان هڪ ڪِليءَ ۾ ٻڌل هو. اها ڪِلي تار کي ڍلي ۽ سخت ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي. پوءِ ڳائيندڙ جي سر تي وڄائيندڙ پنهنجي آڱر سان ان تار کي لرزش ۾ آڻيندو آهي، جنهن ڪري تار، پوري ٽنبي ۽ ٽامي جي پٽ جو گڏيل هڪ قسم جو سريلو آواز نڪرڻ لڳندو آهي. ان سر جو لاهه چاڙهه تار جي لرزش تي مدار رکندو آهي. هن ساز ۾ هڪ ئي تار ڪتب ايندي آهي، ان ڪري هن کي هڪ تارو يا يڪتارو ڪري سڏيندا آهن. ڪي ڪي يڪتاري وڄائيندڙ ته هڪ هٿ سان يڪتارو به وڄائيندا آهن ته ٻئي هٿ سان ڪڙتال.

نڙُ:-

هي اٽڪل اڍائي ٽي فوٽ کن ڊگهو بانس جو پورو ڪانو هوندو آهي جنهنجي هيٺين حصي ۾ سوراخ ڪيا ويندا آهن جي ڪن ۾ پنج ته ڪن ۾ ست ته ڪن ۾ وري نو هوندا آهن. نڙ جو هڪ چيڙو خالي ڇڏيل هوندو آهي ته ٻئي چيڙي تي هڪ قسم جي ٽوپي ٺهيل هوندي آهي، جنهن کي چپن تي رکي نڙ کي هيٺ سڌو جهلي

وڄائبو آهي، ۽ سر سر جي مدار تي انهن نڙ جي سوراخن تي آڱريون رکي کولبو ۽ بند ڪبو آهي.

ان نڙ جا ڪي خاص آواز يا ٻول به ٿڪرندا آهن، جن کي نڙ جا ٻول چون. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي هڪ ليک ۾ انهن ٻولن جو ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو ته:-

”نڙ جي وڄڻ ۾ ”گر“، ”ڦوڪ“ ”روپ“ ۽ ”ديسي“ مشهور آهن. گر:- نڙ جي بنيادي لئه آهي ۽ سنڌ جي هر هڪ ڀاڱي جي نڙ جي وڄت عام ۾ مقبول آهي ’گر‘ نڙ جي سر جو جڙ منڍ آهي. نڙ جي وڄت اڪثر گرن سان شروع ٿيندي آهي. نڙ وڄائيندڙ اُستاد پنهنجي نڙيءَ جي سهوليت خاطر ۽ آواز کي هموار ڪرڻ لاءِ ٻڙ پهريائين ’گر‘ وڄائيندا آهن.

’گر‘ نڙ جو بنيادي مگر ننڍو گرام (سوراخ) آهي. وقت جي لحاظ کان ’گر‘ اڪثر اسر (ٻرپاٺ، ٻره ڦٽي) جو وڄائيندا آهن، ’گر‘ ٻين جي سر جو ٻهلاءُ آهي.

**ڦوڪ:-**

نڙ جو روح آهي. سر جي لحاظ کان ’گر‘ هيٺ آهي ۽ ’ڦوڪ‘ مٿي. ڦوڪون جڙ مجازي درد جو دانهون آهن. عاشق جا پنهنجي معشوق کي سڏن تي سڏ ۽ ٻرسه جا پيغام آهن.

ڦوڪ جي ملوڪت اها آهي جو اها ٻري ڏجي ۽ ٻڌجي، منجي ۽ درد ڀلي هجي. درد ۽ ميناج اهڙو جو

ٻڌندي ٿي پاڻهي ته چڱ ڪو وچڙي جو مارئل ٻيو پڻهجي ساٿيءَ کي سڏي ۽ ساري. ٿوڪن جا ته وري ڪي ٿي قسم آهن.

**ڪٽ :-**

هنجي سهڻائيءَ جو سڄو دارو مدار وڄائيندڙ جي سريليءَ نڙيءَ تي آهي. جيئن هو سريلو تيئن ڪٽ شاندار. هن جو لاڳاپو ڪٽ (نڙيءَ) سان آهي، ان ڪري ٿي شايد هن ٻول کي به ڪٽ چون.

**روپ ۽ ديسي :-**

هن جو لاڳاپو به ڪٽ سان آهي، جا راڳڻي پيش ٿي ڪجهه اها ڪيئن ٿي ظاهر ٿئي، ان کي چون روپ. ٻاري طرف نڙ مان نڪتل ڪافيءَ جي لئه کي ”ديسي“ به چون.

**بين :-**

هن ساز ۾ نڙ جيان بانس جون ٻه ٻوريون نليون اٽڪل ڏيڍ ڏيڍ فوٽ ڪن ڊگهيون هونديون آهن. انهن جي چيڙن تي ٻه هڪ پاسي خاص قسم جي تونبي هوندي آهي جنهن سان انهن نلين کي وڄائبو آهي. اهي نليون هرهڪ گويا نڙ جو ننڍو روپ آهن. پر نڙ هڪ وڄائبو آهي، هي ته نليون ڪري وڄائبيون آهن. انهن ٻن نلين مان هڪ کي نر ۽ ٻيءَ کي ماد ڪري سڏبدا آهن. اهي ٻئي هڪ ٿي وقت واڄ ۾ وجهي وڄائبيون آهن. ان سنڌي ساز جا سنڌ ۾ ته ڪي ٿي وڄائيندڙ پيا هئا

پر هت اهو ساز سنڌ ۾ مان الوپ ٿيل ٿو نظر اچي. ان ساز وڄائڻ لاءِ ساڌنا جي ضرورت آهي. جا هن خاص وشيه واري زماني ۾ ڏکي ڳالهه آهي.

## سرندو ۽ بانسري :-

هي ساز به سنڌ ۾ گوٺاڻن ۾ وڄايا ويندا هئا. مونکي ياد آهي ته اونهاري جي ڏينهن ۾ مان ڪڏهين ڪڏهين سڄو سڄو ڏينهن پنهنجي باغ ۾ گذاريندو هيس. اتي ڪيترائي دفعا سرندائي فقير ايندا هئا ۽ جي ويچارا ٻن ٽن آنن جي ملڻ سان ڪلاڪ ڪلاڪ به سرندو وڄائي وندرائيندا هئا. سرندو اڄ ڪلهه جي انگريزي ساز وايولين سان لڳي ٿو. پنڊت ڪندور رام صاحب سان به هڪ سرندائي هوندو هو. هن سنڌ ۾ ته سنڌي ساز ڪري وڄائيندا هئا. اهڙو ٻي ساز، جو هت هندستان جي ٻين پراڻن ۾ به جام آهي، اهو آهي بانسري. جنهن کي سنڌ ۾ بنسري ڪري سڏيندا هئا ۽ اها گهڻي ڀاڳي ڌنار ئي وڄائيندا هئا.

# ڳجهارتون*

ڳجهارت لفظ سنسڪرت لفظ گهيه - يڪ مان اکائڻ يعني راز يا ڳجهي ڳالهه ۽ ارٿ=مطلب مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، لڪل ڳالهه کولي ٻڌائڻ، ڳجهارت يا ٻُجهارت، ٻولي ٻهراڙيءَ جي سگهڙن، سگهڙن ۽ عام ماڻهن جو محبوب مشغلو آهي.

اسانجي لوڪ - ساهتيه ۾ ڳجهارت کي وڏو درجو حاصل ٿيل آهي. اها ڳجهارت ئي آهي، جيڪا سنڌي لفظن جي ذخيرن کي محفوظ ۽ مروج رکندي آئي آهي. ڳجهارت ڀڃڻ وقت سگهڙن پاڻ ۾ جي ڀڃڻ لاءِ اهڙي لفظن جون ٽيڙون ڪوليندا آهن، جنهنڪري ڪيترائي اڻوکا لفظ مروج غير مروج ٿي ويندا آهن، ڳجهارت اسانکي لغت ۾ وڏي مدد ڏئي ٿي.

ڳجهارتون ٻن قسمن جون ٿين ٿيون، هڪڙو سُرٻنديون ٻيون اڻ سُريون. سُر ٻنديون، مشهور سُرن، مارئي، سسئي پنهون، مومل راڻو وغيره تي مشتمل هونديون آهن. ٻي سُر ٻن ۾ انهن سُرن کانسواءِ سمورِيون ڳجهارتون

---

* 'لوڪ چوڻيون' ليک هي حصو (ڳجهارتون) نئين زندگي (ڪراچي) ۾ ڇپيل ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو لکيل آهي.

اچـــي وڃن ٿيون ۽ اهي ڳجهارتون قادر جي قدرتن ۽
ٻجن تتن ۽ ۽ مشهور حڪايتن متعلق هونديون آهـن ۽
ڳجهارت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻــ ٻند ٿين ۽ ٻند معنيٰ اڪ،
ان اڪ کي ڳوڙ لاءِ سگهڙ مٿاڪت ڪندا ويندا آهن،
هڪ اڪ ٿي ان قسم جا لفظن مٿان لفظ چوندا، جيڪڏهن
ڪو لفظ لڳي پيو ته وهه واهه ٿي ويندي ۽ ڏيندڙ سچي
ڳجهارت سٽين ڪندو، نه ته ويٺو چوندو ”اڃا ڇٽي ٿي.“
”اڃا گهري ٿي.“ ڪڏ ڏوڙ لـڳي پٺي هوندس ۽ هٽ
ڪجهه هٽ آيل ڳجهارتون سُو واريون ۽ ڪجهه اڳي سريون
پيش ڪجن ٿيون :-

ڳجهارتون - رواجي نموني ۾، سريليون :-
(سٽي ٻه ٽيون)

١- راس ڪپڙن ۾ ڇوڪر ڇو نه لٽين ۽
ٻند :- ڪپڙي جي ته مهاڙ (مهار)، ڇوڪرو
يعني ته لڙڪو ۽

پڇطي :- مهارن ۾ لڙڪي، ڇو نه پٽين ۽

٢- شهر جو جبلن ۾، آن جو نه مون ۽
ٻند :- شهر ته گوگا، ان ته هيرو ۽
پڇطي :- گوگاءُ جبلن ۾، ڀر ميو (انـ) نه مون ۽

٣- ٻدهل ته ٻير جي ويو، اٿ ڙي اديون ته ٻڌ
جي ڪيون ۽
ٻند :- ٻير جو ته غيب، ٻڌ جا ته اڪ ۽

ڀيٽي :- ڀنهل ته غيب ٿي ويو، اُتِ ڙي اڏيون ته لڪ لڳهيون .

٤- شهر آياڙي جيڏيون، شهر نه ڏٺون .

بند :- شهر ته ماڏو، شهر نه ماڏو.

ڀيٽي :- ماڏي (ماڏي) آياڙي جيڏيون، ماڏي نه ڏٺون .

٥- لوهه جي آءٌ نه هياس، نالو ڏيو ڪري ويا.

بند :- لوهه جي ته ڪل، نالو نه شهبازي .

ڀيٽي :- مونکي ڪل ڪاٺي نه هئي، چا بازي ڏيو ڪري ويا.

٦- عضوي جـو ڏٺي، ڪاٺ جـو هوس ڪري ويا.

بند :- عضوو نه ڪن، ڪاٺ ته ڪڙڪي.

ڀيٽي :- ڪن ڏيئي، ڪڙڪي هوس ويا.

٧- ڀنهل ٻاهه ڏيانءِ، نالو ٿي نه ٻڌان .

بند :- ٻاهه جي نه آس، نالو ته ٻري.

ڀيٽي :- ڀنهل آس ڏيانءِ ته ٻري ٿي نه ٻڌانءِ .

( سسئي - نه نيپرون )

١- ٻير جون نه ڪر، ڏي ڪاريگر جو نرناءَ ڪي .

بند :- ٻير جون مداحون، ڪاريگر، آهوڙو، نرنانءُ، ڀنيرو .

ڀيٽي :- مداحون نه ڪر، ڏي آهوڙو ڀنيرو ڪي .

٢- ٻاهه ۽ جبل هجي ها ته ڀنهل ڪي راند جوئي نـــ ڏيان ها.

ٻڌ :- ٻاهه جي سرخي، جبل جي ڙبن، واند جو،
ٻهه ٻٽڻ.
ٻچٽي :- جي سرخوءَ ڙبن هجي ها ته ٻڌهل ڪـــي
ٻهه ٻٽڻ ٿي نه ڏيان ها.

( سسئي - چوءُ ٿيون )

١- شهر سان مان مال جا ڪيا، هو دواجيءَ ويا.
ٻڌ :- شهر ته، جاڳڻ، مال جا ته، ٻوڪ، دوا جـو
نڪري وڃڻ، واڪا، گهوگها.
ٻچٽي :- جاڳڻ سان مان ٻوڪ ڪيا، ٻر هو نڪري
ويا، ٻر جي نڪري نه وڃن هـــا تـ،
گهوگها وجهان ها.

( مارئي - ٻه ٿيون )

١- ذاتيون ڪمينءَ ٻر، عورت ٻولي ڪيءَ.
ٻڌ :- ذات جا ڪوهري، عورت، دادلي.
ٻچٽي :- ڪمين نه قهاريءَ ٻر، هيءَ دادلي
دور ڪيءَ.
٢- گاهه تهنجو سومرا، جنهن مارو منيءَ جا ڪيا.
ٻڌ :- گاهه، موت، منيءَ جهاڪا.
ٻچٽي :- موت تهنجو سومرا، جنهن مارو جهڪا ڪيا.

( مارئي - ٽ ٿيون )

١- نالو ان جن، سان، ٻڌهجي نه ڪر.
ٻڌ :- نالو صابر، ان جن ابوجهل، ٻڌهجي ايتري.
ٻچٽي :- اي صابر ابوجهل سان ايتري نه ڪر.

( مارئي چڻ ٿيون )

١- الله ڪيڙي جي آڻ ٿ، شهر جون ڏي ملڪ جون.
بند :- ڪيڙي جي ڪاتر، شهر ٿ، سڏن جو، ملڪ، ساڙيھ.
پيڇٽي :- الله ڪوتري آڻ ٿ، سڏيون ڏي، ساڙيھ جون.
٢- ذاٽ ڪي ذاٽ ڪيو، ڪانيءَ ڪي مال ٻر.
بند :- ذاٽ، سومرو، ذاٽ، لاڪو، ڪاني، بيراڳڻ، مال، ٻر.
پيڇٽي :- سومري وني اڪ ڪيو، بيراڳڻ ڪي ٻر ٻر.
٣- ٽالن جون اهي ٿ ڪا مٽيون، جيڪي ٽالن ٽي گھوڙي جي ڪن.
بند :- ٽالو صاحب، ڪامٽيون ٻريون، ٽالو راڄن، گھوڙي جو ٿر.
پيڇٽي :- صاحبن جون اهي ٿ ٻريون، جو راڄڻ ٽي ٿر ڪن.

( مورڙيون )

١- جر جي ڪامٽا وچ، ڏيٺي فقير جو آزار ٻر.
بند :- جر جي ٽبي، فقير جو اوقاٽ، آزار، ڪليون.
پيڇٽي :- ٽبي ڏيٺي وچ، ڏيٺي اوڪاٽ (اوقاٽ) ڪلين ٻر.
٢- اڏ مرض، پڌهڇيءَ وچ، سودي جي ذاٽ آهين.

بند :- مرض ڏڏ، پنهنجي سمجهه، سوديءَ جي
باقي، ذات، هڪڙو.

پڇڻي :- اي ڏڏ سمجهي وچ باقي هڪڙو آهين.

٣- وچ نه وڏي سامهون، هو ڏيهون آڻڪي،
تو مال رڃ ڪري.

بند :- وڏو، وڙ، ڏيهه، ڪڇ، ڀڪي جو ترو
مال جو منجهه، رڃ جو خون.

پڇڻي :- وچ نه وڙيءَ سامهون، هو ڪڇيئون
آه تري، تو منجهه خون ڪري.

٤- جو جا ته، مونکي پنهنجي ڪاڻ ڪي.

بند :- جو جا، دو آيا، ڪامڻا نصرت.

پڇڻي :- دعا ابا ڪر مونکي ته، نصرت ٿي.

٥- نالو ته، پنهنجو ذات سان ملان.

بند :- نالو، پنهنجو وڙ، ذات، ڪمانگر.

پڇڻي :- لهڻير ته وير، ڪيمانگر سان وڙهان.

( ليلي مجنون )

١- مان ڪپڙي جو، تون نه فقير جو.

بند :- ڪپڙي جو ڀر، فقير جو گيڙ.

پڇڻي :- مان ڀريو، هاڻي تون نه گيڙ.

( هير رانجهو )

١- اي نالا اي نرناڻ، ذات نه آڇ، وڪر آڇين چونه.

بند :- نالو ابا، نرناڻ چوڇڪ ذات ڪيڙو، وڪر چاڪ.

پڇڻي :- ابا چوڇڪ ڪيڙو نه آڇ، چاڪ آڇيءَ چونه.

( سهڻي ميهار )

١- همت جو هٽي، ڪپڙي جي، مٿان جر جو ڙي.
ٻڌ :- همت جو ترنگو، ڪپڙي جي ٽوڪ، جر جو ڪڇو،
ڀڃڻي :- ترنگو هٽي ٽوڪي ڏسين ها، مٿان ڪڇوڙي

( اي سُريُون )

١- ٻڌهجو نالو دوا ٻہ.
ٻڌ :- ٻڌهجو آرس، نالو محمد، دوا جو حب.
ڀڃڻي :- آ رس محمد (صلعم) هن حب ۾.
٢- جو نالو مون ڏنو، جي نالو تون ڏسين ها تہ، نالو وسري وڃي ها، پر عضوئي تون ٿين ها.
ٻڌ :- نالو نورو، نالو نورو، نالو ملڪ، عضوو، هيءَ ران.
ڀڃڻي :- جو نور مون ڏنو، جي نور تون ڏسين ها تہ، ملڪ الموت ٿي وسري وڃي ها، پر حيران ٿي تون ٿين ها.

# لوک ناچ





هونديون آهن. گول جي وچ ۾ دهل پيو وڄندو، ڪڏهن ڪڏهن شرنائي به وڄائين. شرنائيءَ وارو ڪڏهن لوڪ گيت جي تان ڪڍندو ۽ دهلاري دهل تي هٿ هڻي ان تان جي پوئواري ڪري سر ۾ سر ملائيندو. پوءِ اهي گول به ڦرندا ته هڪ ٻئي سان منهن سامهون تي هٿ وارين ڏوڪلين به ٽڪرائيندا هلندا. ڏوڪلين جو آواز ٽڙڪيدار ٿيندو آهي ۽ انهن جي ٽڙڪ ٽڙڪ تي ڏاڍو مزو پيو ايندو آهي. جيئن جيئن دهل تي ڌڪ جلد جلد لڳندو تيئن تيئن انهن ڇيڄ هڻندڙن جا ڦيرا تڪڙا تڪڙا ٿيندا ويندا. ڇيڄ هڻندي ناچو مستيءَ ۽ موج ۾ اچي ”لال ڪيو جهولي لال“ جو آواز بلند ڪري وڏيڪ جوش ۽ جذبي سان نچندا آهن ۽ ان سان گڏ دهل جو ڌمڪو به وڌندو رهندو آهي. ڇيڄ هڻندي ڪي ناچو ٽاڙين يا ڪنجريءَ سان به تال ڏيندا هلندا آهن. سنڌ جو لوڪ ناچ ڇيڄ ٻي پرانت جي لوڪ ناچ 'راس ليلا' سان ڪجهه مشابهت رکي ٿو.

سنڌ ۾ ڇيڄ شادين جي موقعن تي يا ٻهراڻي ڪڍڻ وقت عام جام نظر ايندي هئي. ڇيڄ فقط مرد هڻن. ناچن جي اصل پوشاڪ ته هئي ڏولي، چوغو ۽ مٿي تي پٽڪو، سڀ سفيد ۽ ناچو وقت سڀني کي هڪ جهڙي پوشاڪ پائڻي پوندي هئي. پر اڄڪلهه انهن جي ڪا خاص پوشاڪ نه رهي آهي. ڇيڄ اڄ به سنڌ جي بستين ۾ نظر ايندي.

### ٽپڙو :-

جيئن سنڌي لوڪ ناچ ڇيڄ ۾ ناچو گهڻو ڪري مرد ئي هوندا آهن، تيئن وري "ٽپڙي" ناچ ۾ ناچ ڪندڙ گهڻو ڪري فقط استريون هونديون آهن، سو به نندڍيءَ ٿيءَ جــرن. هيءُ ناچ گهڻو ڪري هوليءَ ۾ ڪيو ويندو آهي. هي ناچ ڪي صديون اڳـ ڪافيءَ ڦهليل هو. ڏار ڏار گهرن جون نياڻيون، ننڍيون نيٽيون گهرن جو ڪم ڪار لاهي، گهرن جي اڳ واري ڪنهن پڊ ر تي ڪٺيون ٿي ٽپڙو هڻنديون آهن. هي ناچ رات جي وقت ۾ ڪيو ويندو آهي. هوليءَ جي موقعي تي يعني انهن تاريخن تي چانڊوڪي هوندي آهي، سو رات جو ٺڏيءَ چانڊوڪيءَ ۾ ٻاهري اوڙي جون استريون ڪنهن گهر ۾ اچي گڏ ٿي هي ناچ ڪنديون آهن. ٽپڙي ناچ ڪندي استريون ڪي لوڪ گيت به آلا پينديون آهن، جن جو لاڳاپو هوليءَ سان هوندو آهي. مثال طور اهڙي ئي هڪ گيت جي هيءَ مصرع آهي ته -

"هوليءَ ۾ ڏينهن چار- امان مائي کيڏڻ ڏي."

ٽپڙو ناچ، گجراتي لوڪ ناچ "گربي" سان مشابهت ٿو رکي. گجرات ۾ هيءُ ناچ ڪندي زالون ڪنهن ناهيءَ هڪ دڪيءَ کي چن جو هٿ ڏيئي، اندر گيهه جو ڏيئو ٻاري گول جي وچ ۾ رکنديون آهن. دکيءَ ٻهران ڪٽي دلو به هوندو آهي. ليڪن سنڌ ۾ هيءُ ناچ ڪندي زالون وچ ۾ هڪ ننڍڙو ٻار وهارينديون آهن. ٻار وچ ۾

پوي. هن ناچ (جهمر) جو بنياد ڪلاسيڪل ناچ پارتيہ نٽيم تي آهي. جهمر هڻندي گهڻو ڪري لاڏا ٿي ڳايا ويندا آهن. مٽڪ جا، وهڏي جا، ڏڪ جا، شاديئن وغيره جا.

جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا تہ اسان جي سنڌي تهذيب، سنڌي ڪلا ۽ سنڌي ساهتيہ زنده رهي تہ پوءِ اسان کي انهن لوڪ ناچن ۽ لوڪ گيتن کي همٿائڻو ۽ اپنائڻو ئي پوندو.

**سماع :-**

ٻيو هڪ سنڌي لوڪ - ناچ "سماع" آهي. ضياع الدين - ايس بلبل ان بابت لکي ٿو تہ :-

" هي ناچ فقط مرد ئي ڪندا آهن. هن ناچ ۾ چوٽي دار ڪلاه پائي وڏا چوڙيدار پڙا پهري زور زور سان وڏيون ڦيرون پائيون ويندا آهن ۽ ٻانهن کي ٻاهر ڦهلائي پاڻ کي هوا ۾ اڇليو ويندو آهي. هن ناچ ۾ هيءَ تيز حرڪت، سج جي پنهنجي محور جي چوڌاري تيز ڦرڻ مان ورتي وئي ٿي ڏسجي ۽ هرڪو ناچ ڪندڙ پنهنجي جاءِ تي تيز گهمندڙ سج وانگر ٿي ويندو آهي. هن ناچ سان مشابهت رکندڙ ناچ رشيا جو Russian Ballet Dance آهي جنهن ۾ پڻ لاٽون وانگر نهايت تيز ڦرڻ جو طريقو آهي ۽ ان ۾ پڻ جهابيدار پيشوار (Skirt) پهريو ويندو آهي.

ساڳي قسم جي تيزي ڦيري پٺاڻ **ختڪ ناچ** ۾ پڻ ڏني وڃي ٿي. ختڪ ناچ جو سنڌون سڌ و اٿر سنڌ

جي جهمر تي ٻيل ٿو ڏسجي.

هن ناچ ۾ ناچ جو مکيه شخص آهستي آهستي ناچ ڪندي شاهه ڀٽائيءَ جي ٻيتن سان يا ٻئي ڪنهن مشهور درويش جي ٻيت سان اوناٺو ڏيندو، اوناٺو ڏئي ٻس ڪندو ته گول ۾ بيٺل ٻيا ناچ ڪندڙ وراٺو ڏيندي ڦرڻ شروع ڪندا. اهو ڦرڻ گول هوندو هڪ پير وڏائي اڳتي آهستي زمين تي هنيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح هرڪو ناچ ڪندڙ پنهنجي جاءِ تان ڇري اڳيرو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح گردش جاري هوندي آهي.

پيرن جي هن متوازن ۽ آهستي واري چرپر سان گڏ هٿ پڻ هڪ ٻئي تي هيٺ مٿي ڪري هڻبا آهن، جيئن بعضي ساڄو هٿ کابي جي مٿان ايندو آهي ۽ بعضي کابو ساڄي جي مٿان. ٻيت به تيزيءَ سان پيش ٿيندا آهن *

مکيه طور سنڌ جا اهي لوڪ - ناچ آهن. ورهاڱي بعد سنڌي هندن جو هٿ هندستان ۾ اچڻ سان، ڪن ڪن سنڌي بستين ۾ پهريا ٿي لوڪ - ناچ (ڇيڄ، جهمر، ٽپڙو) اڃا سوڌو موجود آهن. ٻهراڻي کيڏڻ وقت خاص طور ڇيڄ ناچ ڪيو ويندو آهي. شادين ۾ ڄڃ جي اڳيان به اهو ناچ ٿيندو هلندو آهي. جهمر هر سنڌي گهر ۾ خوشيءَ جي موقعي تي ٿيندو رهندو آهي. باقي ٽپڙو هوليءَ جي ڏينهن ۾ ڪيو ويندو آهي.

---

*نئين زندگي (سنڌ جي) نومبر ١٩٥٨ع ۾.

جي جهمر تي پيل ٿو ڏسجي.

هن ناچ ۾ ناچ جو مکيہ شخص آهستي آهستي ناچ ڪندي شاهہ پٺائيءَ جي بيتن سان يا ٻئي ڪنهن مشهور درويش جي بيت سان اوناڻو ڏيندو، اوناڻو ڏيئي بس ڪندو تہ گول ۾ بيٺل بيا ناچ ڪندڙ وراڻو ڏيندي ڦرڻ شروع ڪندا- اهو ڦرڻ گول هوندو هڪ پير وڏائي اڳتي آهستي زمين تي هڻيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح هرڪو ناچ ڪندڙ پنهنجي جاءِ تان ڇري اڳيرو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح گردش جاري هوندي آهي.

پيرن جي هن متوازن ۽ آهستي واري چرپر سان گڏ هٿ پڻ هڪ ٻئي تي هيٺ مٿي ڪري هڻبا آهن، جيئن بعضي ساڄو هٿ کابي جي مٿان ايندو آهي ۽ بعضي کابو ساڄي جي مٿان- بيت بہ تيزيءَ سان پيش ٿيندا آهن *

مکيہ طور سنڌ جا اهي لوڪ- ناچ آهن، ورهاڱي بعد سنڌي هندن جو هٿ هندستان ۾ اچڻ سان، ڪن ڪن سنڌي بستين ۾ پکڙيا ٿي لوڪ- ناچ (ڇيڄ، جهمر، ٻيڙو) اڄــا سوڌو موجود آهن- بهراڻي ڪيڻ وقت خاص طور ڇيڄ ناچ ڪيو ويندو آهي. شادين ۾ ڄڃ جي اڳيان بہ اهو ناچ ٿيندو هلندو آهي. جهمر هـر سنڌي گهر ۾ خوشيءَ جي موقعي تي ٿيندو رهندو آهي. باقي ٻيڙو هوليءَ جي ڏينهن ۾ ڪيو ويندو آهي.

---

*نئين زندگي (سنڌ جي) نومبر ١٩٥٨ع ۾.

# لوک۔ناٹک

# لوڪ - ناٽڪ

لوڪ - ناٽڪ، لوڪ - ڪلا Folk - Art جو هڪ حصو آهي، ۽ لوڪ ڪلا وري لوڪ - سنسڪرتيءَ جو هڪ حصو آهي، جنهن ڪ ٻيا حصا آهن :-

۱. لوڪ ساهتيہ (لوڪ گيت، لوڪ ڪٿائون ۽ لوڪ چرچيون)
۲. ريتيون رواج، ڏڻ، پوڄا ۽ ورت.
۳. لوڪ - ناچ (جهمر، ڇيڄ ۽ ٻهڙو)
۴. ٻارن جا جدا جدا کيل (رانديون) ۽ ٻيون رانديون. (ڪوڏي ڪوڏي، لٺي ٽڪر، گهريون، ملهه.)

اهڙيءَ طرح لوڪ وارتا، جنهن کي لوڪ - سنسڪرتي Folk - Lore چئجي ٿو، سا به نيڪ آهي. لوڪ وارتا ڪافي وشال آهي، ڇو جو لوڪ وارتا شاستر هڪ زنده شاستر آهي. لوڪن جو جيترو جيون آهي اوترو ئي لوڪ وارتا جو بيان آهي. لوڪن جو رهندڙ پاشندو، ان جي زمين، پورڪ جيون ۽ ان جي سنسڪرتي، اهي ڪيترو لوڪ جي پوري گيان جي اندرين ڀاونا هوندي آهي ۽ لوڪ وارتا جو سنبنڌ به انهن سان گڏ هوندو آهي.

ان بنسبت ٿي ليمن هڪ هنڌ چيو آهي ته ”لوڪ وارتا انسان جي آشائن ۽ آتم ڀاونائن سان تعلق رکندڙ آهي.“

" Folk - Lore is material about the hopes and yearnings of the people......"

ها ته لوڪ - ناٽڪ، لوڪ - ڪلا جو هڪ حصو آهي. لوڪ ناٽڪ لوڪن جي وندر (لوڪ - رنجن، خوشي) جو، بنا ادمبر يا ڏيک ويک جي، هڪ وسيلو آهي. ڳوٺاڻن ۾ ان جي روايت يگن (زمانن) کان وٺي پئي هلندي آئي آهي پر جيئن ته "لوڪ" ۾ ڳوٺاڻا ۽ شهري باشندا شامل آهن، ان ڪري ائين ڪٺي چئجي ته لوڪ - ناٽڪ مليل - جليل انساني سماج (جن - سماج) جو منچ آهي. حالتن ان جي ترقيءَ ۾ پئي رنڊڪ وڌي آهي پر ان جي رفتار يا ائين ڪٺي چئجي ته ان جي هستيءَ کي ختم نه ڪيو آهي. سماج ۾ هلندڙ ڀاونائن ان ۾ رس روپي پاڻي ڏيئي کيس سلامت پئي رکيو آهي ۽ لوڪ - ڀاشائن (چرچن ۽ ٽوڪن جي روپ ۾) انکي لوڪ پريه پئي بڻايو آهي.

لوڪ - ناٽڪ سنسڪرت کان گهڻو اڳ جي چيز آهي، لوڪ ۾ هالو چالو (لوڪ - پرچلت) ڳالهين کي سنسڪارن جو روپ ڏيئي شاستر ٺاهيا ويا. لوڪ ناٽڪن يا لوڪ پريه ناٽڪن جي ئي بنياد تي ساهتيڪ ناٽڪن جي عمارت جوڙي وئي آهي. ڀاس، ڪاليداس، ڀوڀوتي وغيره جا پريرڪ يا کين اتساه ڏيندڙ اهي لوڪ - ناٽڪ ئي آهن. ناٽڪ ڪلا جو سڀ کان وڌيڪ مکيه جزو آهي، ان جو رس.

آهي ته ايوڌيا جون وڏيون سڙڪون رام جي جنم اُتسو تي نٽ نرتڪن سان ڀريل هيون. سلوڪ آهي-

रथ्याश्च जन संबाधा नट नर्तक संकल :

شروع ۾ ته ڌارمڪ ڪٿائن بابت ئي کيل ڪيا ويندا هئا. ليڪن جڏهين هندستان تي ڌارين حملا ڪيا ۽ هنن پارٿيه رنگ منچ کي ختم ڪيو تڏهن رنگ منچ کان سواءِ به ڪي کيل ٻهار جي رڳو روپ بدلائڻ ۽ گفتگو ڪرڻ سان ئي کيڏيا ويندا هئا ۽ اڄ به کيڏڻ ۾ ايندا آهن.

لوڪ ـ ناٽڪ اڄ به جدا جدا پرانتن ۾ الڳ نالن سان ڪيا ويندا آهن، جن جو بنياد ڪي قدر ڌرمي روايتن تي ئي ٻڌل آهي. اهي پرانتڪ لوڪ ـ ناٽڪ آهن.

**ويٿياگنم :-**

هي ناٽڪ آندرا ۾ پرچلت آهي. هن جو ڏيکاءُ ڪُوچپُوڙ ڪلاڪار قبيلون پائي ڏيکاريندا آهن. هن ۾ ساموهڪ گيت (ڪورس) سان گڏ نثر جو به استعمال ڪندا آهن.

**ٽولُ وو مِلاٽ :-**

هن ناٽڪ ۾ ڪن تصويرن (ڪٿا سان واسطو رکندڙ) کي گڏ ڪري رامائڻ يا مهاڀارت جي ڪٿا ڪندي ويندي آهي. هي ناٽڪ سنگيت پرڌان هوندو آهي، يعني هن ناٽڪ ڪندي موسيقيءَ کان گهڻو ڪم ورتو ويندو آهي. هي ناٽڪ گهڻو تڻو ڏکڻ هندستان ۾ ڪيو ويندو آهي.

**للت :-**

هي مهاراشٽرا ۾ وچولي زماني کان هلندڙ منچ آهي.

هن ۾ خاص طور دش اوتار (ڏهن اوتارن) جو ناٽڪ کيو ويندو آهي. هن جو ڏيکاءُ مندرن ۽ سرائن ۾ کيو ويندو آهي. هن ۾ وچ وچ ۾ کل مذاق لاءِ هڪ مسخرو اچي پهنجن چرچي وارن ٽوٽڪن ۽ اداڪاريءَ سان کلائيندو آهي. هي ناٽڪ گهڻو ڪري ڪن ڏڻن واري موقعي تي ڪيا ويندا آهن. اڄ سوڏو هي ناٽڪ مهاراشٽرا جي ڳوٺن ۾ لوڪ پريه آهن.

**تماشا :-**

هن کيل ۾ هڪ استري يا وڌيڪ ناچ ڪندي گيت به ڳائيندي رن آهن، جي لوڪ گيتن جو هڪ قسم "لاوڻيون" سڏيا آهن. هن کيل ۾ ڍڪ، مردنگ، يڪتارو يا تنتني ساز ڪتب ايندا آهن.

اوچ طبقي وارا شخص تماشي ڪرڻ وارن کي گهٽ نظر سان ڏسندا آهن. پر هن مان جنتا جي گهڻي حصي جو مدورنجن (دل بهلاءُ) ٿيندو آهي. ڪري رام جوشيءَ هن ۾ ڦيرو آڻڻ چاهيو ۽ ڪي قدر ان کي سچيءَ نموني ۾ به آندو. هاڻ ته بمبئي سرڪار (مهاراشٽرا بمبئي پرانت ۾ آهي) تماشا کي اوچ درجي تي آڻڻ لاءِ، ان جي ڪلاڪارن کي همٿائي رهي آهي.

**پنوائي :-**

هي گجرات جو مکيه لوڪ ـ ناٽڪ آهي. هي ناٽڪ گهڻو ڪري هاسيه رس پرڌان آهن، يعني هدن جو مکيه جزو آهي مذاق يا مسخري. هي گهڻو ڪري کليل سڙڪن

تي يا مندرن جي وڏن پڊرن تي ڪيا ويندا آهن. هن ۾ ڪڏهين ڪڏهين پردو به ڪتب آڻيندا آهن جي ٻه آدمي ( هڪ هڪ طرف کان ٻيو ٻئي طرف کان ) جهلي بيهندا آهن. هنن ناٽڪن ۾ ٻي جوڙ شادين، سس ننهن جي جهيڙن، ڏيتي ليتيءَ تان متل ممڻن جو ذڪر ڪيل هوندو آهي.

**ڪٺپتلي :-**

هي ناٽڪ راجستان ۾ عام جام ڪيا ويندا آهن. ( جيتوڻيڪ هي ناٽڪ ٻين پرانتن ۾ به ڪيا ويندا آهن. ) هن ۾ ڪاٺ جي پتلي کي ڌاڳي جي سهاري هلائي، ڍولڪ تي ڳائيندي اتهاسڪ ڪهاڻين جو روپ ڏيکاريو ويندو آهي. هن ناٽڪ ۾ ڪٺپتليءَ کي هلائيندڙ هڪ قسم جي ٻيپوري وڄائي ان ۾ گفتگوءَ جو سر پيدا ڪندو آهي.

ڪن جو چوڻ آهي ته هي ناٽڪ ڀارتي، ناٽڪ ڪلا جو شروعاتي روپ آهي.

**خيال :-**

هي گيت ناٽڪ آهي، جو به راجستان ۾ پرچلت آهي. هن ۾ پردي جي ضرورت ڪانه هوندي آهي. ڪنهن کليءَ جڳهه تي، ٿلهي تي ويهي [جو صندلن يا بينچن جو ناهيو ويندو آهي، يا ته اڳ ۾ سرن جو ٺهيل هوندو آهي] سنگيت سان گڏ هير رانجهو، ڍولا مارون، نل دميئنتي وغيره جون لوڪ-ڪٿائون ڪيون وينديون آهن.

ڪڏهين ڪڏهين ڌرمي ڪٿائون به ڪٽندا آهن ۽ وچ وچ ۾ ڪهاڻيءَ سان ٺهڪندڙ گيت به چوندا آهن. [ سنڌ ۾ هن کي **چونڪي** چون. ]

**ماچ :-**

هي ناٽڪ گهڻو ڪري مالوا ۾ ڪيو ويندو آهي. منچ Stage جي ٽن پاسن کان ماڻهو ويهندا آهن. ناٽڪ ڪندڙن ۾ گفتگو هلندي آهي، جنهن ۾ وچ وچ ۾ وري ڏوهيڙا يا بيت هلندا آهن. گفتگو ڪندي ڪندي اداڪار نچڻ لڳندا آهن. هن جو ڏيکاءُ سڄي رات هلندو آهي. [ هن کي سنڌ ۾ ڀڳت سڏين. ]

**راس ليلا :-**

هي اتر پرديش ۽ بهار ۾ پرسڌ آهي. هن ۾ منچ بنا ٺاٺ باٺ جي ٺاهيو ويندو آهي. منچ جي پٺيان هڪ پردو لڳائيندو آهن، جتان پاتر وقت سر پنهنجي اداڪاريءَ وقت ايندا آهن. هن ناٽڪ ۾ گهڻو ڪري ڪرشڻ جو ئي ذڪر هوندو آهي. گذريل زماني ۾ [ مسلمان حڪومت ۽ ان بعد ] گوپين جو پارٽ به پرش ڪندا هئا. پر اڄڪله ڪرشڻ جو ڪم ڇوڪريون ئي ڪنديون آهن ۽ گوپين جو پارٽ به اهي ئي ادا ڪنديون آهن. راس ۾ نرتيه وارن گيتن کي خاص طور ڳايو ويندو آهي. راس ڪندڙ پيشيوارا هوندا آهن، جي جدا جدا ڳوٺن ۾ گهمندا راس ليلا ڏيکاريندا آهن.

## رام ليلا :-

هي ناٽڪ به اتر پرديش ۽ بهار ۾ پرسڌ آهي. ٻيو سڄو رو نمونو راس. ليلا جيان ئي هوندو آهي سواءِ ڪٿا جي. هن ۾ رام جي جيون وارتا بيان ڪئي ويندي آهي. اها ڪٿا تلسي ڪرت رام چرتر مانس جي ئي آڌار تي ڪئي ويندي آهي. ڏسهري کان مهنو کن اڳ، اهـا رام ليلا شروع ٿيندي آهي ۽ ڏسهڙي جي ڏينهن اهي اداڪار [ رام، لڇمڻ، سيتا وغيره ] جي روپ ۾ شهر ۾ گهمائيندا آهن. چون ٿا ته رام ليلا جي شروعات سنت تلسيداس ئي پهرين پهرين ڪاشيءَ ۾ ڪئي، ۽ راس ليلا مدباليءَ جي استاپنا ٿي. ڏسهڙي ڏينهن ناٽڪ پوري ٿيڻ بعد کدهن کلڻي ميدان تي راوڻ ۽ ڪنڀڪرڻ جا بوتا ناهي جلايا ويندا آهن.

## ياترا :-

گهڻو ڪري هي ناٽڪ بينگال ۾ ڪيو ويندو آهي. هن ۾ گيتن، سنگيت ۽ ڀاشڻن دواران ويچار ظاهر ڪيا ويندا آهن. ڪٿا جو آڌار پراڻڪ هوندو آهـي. هن جو پرچار اوڙيسا ۽ بهار ۾ به آهي. بينگال ۾ ٻيو بـــ مکيه لوڪ ناٽڪ آهي سو آهي **گنڀيرا**. هن ۾ مڇهن تي پردو وجهي يا پاتي جـو نقلي مڇهن پائي ناٽڪ ڪيو ويندو آهي. [ سنڌ ۾ هن کي سانـگ ڪوٺيندا آهن. ] وڌيڪ هيٺ مان سنڌي لوڪ. ناٽڪن جوئي ذڪر ڪندس.

## سنڌي لوڪ - ناٽڪ

ڪو زمانو هو جو سنڌ جي ڳوٺن ۾ ماڻهن جي وندر جو وسيلو ملهه، گوءِ، ڪڪڙن، ٻازن، ٻڪرن جي ويڙهه جون شرطون ۽ هي سنڌي لوڪ - ناٽڪ ئي هئا. پر جيئن جيئن وقت وهندو ويو، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سئنيما گهر اچي ويا، تڏهين ان جو گهڻي ۾ گهڻو اثر سنڌي لوڪ - ناٽڪن تي ئي پيو. پوءِ ته اهي سنڌي لوڪ - ناٽڪ ويا گهٽبا ۽ اڄ اها حالت آهي جو سنڌ ۾ ڪي سنڌي لوڪ - ناٽڪن جي واقفيت ڏيڻي ئي پوي، کهڙي نه عجيب مزاق ڪئي ويئي آهي اسان سنڌ ۾ سان. هندستان جي ورهاڱي کان اڳ ڪڏهين ڪڏهين پنهنجن پراڻن جون ناٽڪ منڊليون سنڌ ۾ اچي 'راجا هرشچندر'، 'ڀڳت سورداس'، 'پورڻ ڀڳت' ۽ ٻيا ناٽڪ ڪري ڏيکاريندا هئا. پر ورهاڱي بعد ته هت سنڌ ۾ وٽ 'ڀڳت' ۽ 'چوڻڪي' کان سواءِ ٻيو ڪو سنڌي لوڪ - ناٽڪ نه رهيو آهي. اهو به فقط ڪن سنڌي بستين ۾. پر اهو به باقي ڪي سال، جهڙيون حالتون آهن ته شايد اڳتي هلي اسان جا ٻار ان ئي چون يا پڙهن ته اسان جا ابا ڏاڏا سنڌ ديش کان آيا هئا اسان سنڌي آهيون. خير.

ها ته سنڌ ۾ جي لوڪ - ناٽڪ هلو چالو هئا سي آهن سانگ، تماشو، پتلين جو کيل، چوڻڪي، ڀراڻا ۽ ڀڳت. مان هن ليک ۾ سنڌي لوڪ - ناٽڪن بابت واقفيت ڏيندس.

**سانگ :-**

سانگ جي معنيٰ آهي نقل ڪرڻ - سنڌ ۾ يا سنڌ ين ۾ هوليءَ ڏڻ ياري ، ڪرشن جنماشٽمي ۽ دسهڙي جي موقعن تي سانگ ناهيا ويندا آهن - سانگن ڪرڻ وقت ڪي شخص رام ، لڇمڻ ، سيتا ، ڪرشن ، ڪنس ۽ ٻيا نقل ڪري ايندا آهن - هوليءَ جي موقعي تي ته ڪي شخص ميڪ اپ ڪري جدا جدا روپ ڌاري گهر گهر ويندا آهن، هو اهڙي ته ميڪ اپ ڪري نقل ڪندا آهن جو اصل سڃاڻڻ ۾ ئي ڪين اچن - اهي کيل ڪندا آهن. راوڻ جي دربار ۾ هنومان جو اچڻ. ڪرشڻ جو گوپين سان ليلا ڪرڻ - هوليءَ تي ته سانگ ڪندڙ جدا جدا جانورن جا پاڻي جا نهيل منهن پائي اچي ماڻهن کي وندرائيندا آهن .

جيئن ته سنڌ ۾ مسلمانن جو انداز گهڻو هو ۽ مسلمانن ۾ ڪو روپ ناهڻ شريعت موجب روا نه آهي، ان ڪري اهي سانگ هندن تائين محدود رهيا.

اهو سانگ ناهڻ جو نمونو اڃا ٻه سنڌي بستين ۾ موجود آهي بمبئيءَ جي وڇهور وار ين سنڌي بستين ۾ جيتوڻيڪ سنڌي انداز ۾ گهٽا آهن تڏهين ٻه اهي سنڌي لوڪ-ڪلا ٿون انهن وٽ رواج ۾ نه آهن جيترو ڪ ٻين پرانتن جي بستين ۾ جيئن ته ناگپور ، ڪٽني ، بلاسپور وغيره.

**تماشو :-**

هت هندستان جي مهاراشٽر پرانت ۾ 'تماشو' نالي

موهتي لوڪ ـ ناٽڪ هالو چالو ( پر چلت ) آهي. سنڌ ۾ به ’ تماشو ‘ ٿيندو هو. سنڌي لوڪ ـ ناٽڪ ’ تماشو ‘ سنڌ ۾ مسلمان امير شادين جي موقعن تي پنهنجن کي اهڙن خوشيءَ جي وقتن تي ڳائڻيون گهرائيندا هئا، جي اڇي عام اڳيان ڳائينديون هيون. ان کي اُتي سنڌ ۾ تماشو سڏ ڀندا هئا.

هندن ۾ تماشي ڪرائڻ جو رواج ڪونه هو، اهـي پڳتيون ۽ ڇوڪريون ڪرائيندا هئا، ڀراڻا ڪيئندا هئا ۽ تماشي کي گهٽ نظرن سان ڏسندا هئا. جا ڳالهه همت مهاراشٽرين جي وچولي ۽ امير طبقي جي تماشي متعلق آهي ( پر هاڻ سرڪار تماشي کي لوڪ ـ ڪلا جي لحاظ کان همٿائي رهي آهي). سنڌ ۾ تماشو گهڻو ڪري راتـه جي وقت ۾ ڪرائيندا هئا. ماڻهو ڏينهن ڌاڙيءَ کان، ڪرت ڪار مان فارغ ٿي اوڪا چوڪا لاهي اڇي تماشي جو لطف وٺندا هئا.

**جيوڻي** اهڙن تماشن جي مک ليکي وڃندي هئي، جڏهن ڪن تي هٿ رکي هاڪري،

” جيجل جـتـن لـڳـي ،

ٿيندي پس جو ڳياڻي .“

ڪافي ڳائيندي هئي ، تڏهين ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ واڳ ئي خوش ٿي ، واه! مائي جيوڻي ’واه! کهي چڏ پڻ...‘ چڱي بخشيش ڏيڻ لاءِ رپيا هٿن ۾ جهلي بيهندا هئا.

اڄ سوڍو سنڌس ڳاتل ڪافين ۽ ڪلام (رڪارڊن ۾) مقبول عام آهن.

تماشي ۾ ناچڻيءَ سان گڏ هڪ ٻه ڇوڪريون سر نديءَ وارو ۽ باجي وارو هوندو آهي. ڪڏهين ڪڏهين نٽ وارو به ساڻ هوندو هين.

جيئن هت مهاراشٽر ۾ جي تماشي ۾ لاوڻيون (مرهٽي لوڪ - گيتن جو قسم) ڳايون وينديون آهن ۽ تيئن سنڌ جي تماشي ۾ 'ڪافيون' ۽ 'وايون' (سنڌي لوڪ - گيتن جو قسم) ڳايون وينديون آهن.

انهن ڪافين ۽ واين ۾ ٻاهريان معنيٰ مجازي عشق جي هوندي آهي، ان ڪري عام ماڻهن کي ڏاڍيون وڻنديون آهن. ساڳي ڳالهه لاوڻين سان به آهي شايد ان ڪري ئي تماشي ڏانهن ڪن ماڻهن جو رخ اهڙو سنئون نه آهي.

ورهاڱي بعد هندستان جي سنڌين ۾ 'تماشو' لوڪ - ناٽڪ موجود ڪونه آهي.

**پتلين جو کيل :-**

سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪڏهين ڪڏهين ٻاهر (سنڌ جي جدا جدا شهرن جا بازيگر اچي پتلين جا کيل ڏيکاريندا هئا. پتليون ڪاٺ جون ٺهيل هونديون آهن، تنهن ڪري انهن کي **ڪٺ پتليون** به سڏيندا آهن. هي پتلين جو کيل سنڌ جي شهرن ۾ سئنيما وغيره جي هئڻ ڪري گهٽ رواج ۾ هو. پر ڳوٺن ۾ ان پتلين جي کيل جو ڏاڍو قدر هو. ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪٺ پتلين جو کيل

هوندو هو ته ان ڳوٺ جي ٻسگردائيءَ جا ماڻهو اهو کيل ڏسڻ لاءِ، ڳاڏين، گهوڙن تي چڙهي ۽ ڪيترا ته پيدل به اچي ڳاهٽ ٿيندا هئا.

هن کيل ۾ هڪ شخص ڪاٺ جون ٿهيل پتليون، جن ۾ پرشن جون ۽ استرين جون پتليون هونديون هيون انهن پتلين جو ڌاڳو پنهنجن آڱرين ۾ ٻڌي آڱرين کي تحرڪ ۾ آڻڻ ســان انهن پتلين کي نچائيندو ٽپائيندو آهي. بازيگر وات سان ڪاٺي جي ٺهيل هڪ قسم جي سيٽي وڄائي انهيءَ جي دوارن پتلين طرفان آواز ڪري پتلين کان اشارا ڪرائي، ڪهاڻي ڪٿندو آهي. ان سان گڏ هڪ ڍولڪ وارو ڍولڪ وڄائيندو آهي. سنڌ ۾ پتلين جو کيل ڪنهن کليل ميدان تي ڪيو ويندو آهي، جيئن گهڻي ۾ گهڻا ماڻهو ويهي ۽ ڏسي سگهن.

## چوُنڪي :-

سنڌ جي لوڪ - ناٽڪ 'چوُنڪيءَ' کي ڏرمي روپ ڏنو ويو آهي. هن جو دائرو محدود ٿڪاڻن تائين محدود رکيو ويو آهي ۽ جيڪڏهين ڪٿي ڪو ڏرمي اتسو، جيئن ته پوڄا، پاٺ وغيره هوندو آهي ته پوءِ ان وقت تي چوُنڪي به رکي ويندي آهي. پر هاڻ جيئن پوءِ ليئن چوُنڪيءَ جو دائرو ڌرم جي حدن يا ليڪن مان نڪري وڃي عام وندر تائين پهتو آهي. اهو سڀ ورهاڱي بعد. چونڪي ڪنهن پڌر يا آڳڙ ۾ ڪئي ويندي آهي، ان لاءِ هڪ (اسٽيج) ٺهيو ناهيندا آهن جو گهڻو ڪري

صندل رکــي ناهيندا آهن. ان مٿان گڏيون وڇايون وينديون آهن. ڇونڪي ڪندڙ ان مڃ Stage تي ويهي، ڪا ڌرمي ڪٿا ڪٿيندو آهي. ڪٿا کان اول ڪو شبد وغيره چوندا آهن پوءِ ڪٿا ڪٿيندو ويندو ۽ وچ وچ ۾ شبد به ڳائيندو آهي. ان ڪٿا ڪٿيندڙ کي ڪٿڪ، يا ڇوڪري ڪندڙ يا راڳي به سڏين جو وچ ۾ وهندو آهي ۽ سندن پاسن کان ڏوڪڙي، باجي وارو ۽ ٻيو به هڪ به سازيندڙ ويهندو آهي. ٻر ڇوڪري ڪندڙ ٻاڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ به هوندا آهن. ماستر چندر، ڇونڪي ڪندڙ طور سنڌ ۾ مقبول عام آهي. هي ته ڪٿا به سر سان ڪٿيندو آهي. ڪٿا کانسواءِ ٻيون به ڪهاڻيون ڪٿيندا آهن جن ۾ اُپديش سمايل هوندو آهي،

**پڳت :-**

سنڌ ۾ پڳت (سنڌي لوڪ - ناٽڪ) ڪافي لوڪ پريه آهي. هر خوشيءَ جي موقعي يا ڏڻ وار يا ڪنهن ڌرمي ڏينهن تي پڳت ڪرائي ويندي آهي. پڳتن جون ٽوليون هونديون آهن، جي مکيه پڳت* (پڳت ڪندڙ) جي نالي پٺيان سڏبيون آهن، جيئن ته پڳت ڪنور رام، پڳت جاڙا رام وغيره. ٽولي جيتري پرسڌ اوترو ان لاءِ خرچ وڌيڪ.

پڳت وجهڻ کان اڳ، پڳت وجهندڙ پنهنجي خاص پوشاڪ، سفيد رنگ جو جامو، چيلهه ۾ اونگي پڏل ۽

---

* پڳت معني پڳتي ڪندڙ به آهي.

مٿي تي ڳاڙهي رنگ جي پڳڙي پائين.

ان وچ ۾ سازيندڙ، جن ۾ گھڻو ڪري ٻه باجي وارا هڪ ڍوڪڙي، هڪ پولڪيءَ وارو، هڪ سرندي واروءِ هڪ ٻه ٻيا هوندا آهن، جي پنهنجن سازن کي سر تال تي ٺاهيندا آهن. تيار ٿي وڃڻ بعد مکيه ڀڳت سازيندڙن جي اڳيان ٻيهي ايشور جي استتي ڪندو آهي ۽ سازن کي نمي آسيس ونندو آهي، هن جي پٺيان ٻيا ڀڳت به هن جيان ٿي ڪندا آهن.

ان بعد ڪجهه گيت ۽ ڪافيون چئي ڀڳت ڪي شروع ڪندا آهن. پوءِ مکيه ڀڳت ڪا ڪهاڻي شروع ڪندو آهي، جيئن ڪ روپ بسنت، پورڻ ڀڳت، ڪوئل ڏيپو وغيره. جهڙي قسم جو آستان يا جڳهه هوندي آهي تهڙي قسم جي ڪهاڻي ڪئي ويندي آهي.

ڪهاڻيءَ جي وچ وچ ۾ گيت، ڪافيون، ڏوهيڙا وغيره به چيا ويندا آهن. اڳ ته ڀڳتيون سڀئي سڀئي راتيون ٻيون هلنديون هيون، پر هاڻ ڪجهه ڪلاڪ. اڳ ڀڳت، ڀڳت وجهڻ وقت پنهنجي پوشاڪ ضرور پائيندا هئا، پر هاڻ خانگي پوشاڪ ۾ ئي ڀڳت وجهندا آهن، جنهن ڪري اهو وايو منڊل پيدا ٿي نه سگهندو آهي ۽ نه وري اها گنڀيرتا ئي رهندي آهي. هاڻي ته استري جيان سازهيون پائي ننڍي عمر وارا ڀڳت فلمي گيت ٻيا ڳائيندا آهن جنهن ڪري ڀڳت جي اها اڳين عزت نه رهي آهي.

هي وقت آيو آهي جڏهن اسان سنڌي پنهنجي ان جهوني ڪلا (سنڌي لوڪ ـ ناٽڪ) کي ترقيءَ تي آڻيون ۽ ان ۾ اها فضا ۽ ڪيفيتا پيدا ڪيون جنهن مان اسان جي سپيتا کي هٿي ملي ۽ ان وسيلي اسان پنهن لوڪ ـ ساهتيه کي بچائي ٿا سگهون.

لوڪ ناٽڪن جون ڪي پنهنجون خاصيتون آهن، جيئن ڪ منچ (Stage) بنا ڪنهن ٺاٺ باٺ جي هوندو آهي ۽ کليل آڪاش هيٺان هوندو آهي، جنهن کي اڄ ڪله، اوپن ٿيئٽر (Open theatre) ڪوٺين. هن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پاڻ اداڪاريءَ ڏانهن ڌيان ڏنو ويندو آهي ۽ نه ٻاهرين سجاوٽ ڏانهن.

ناٽڪن ۾ نرتيه گيتن جو مکيه حصو هوندو آهي. (يعني ناچ ڪندي گيت ڳائڻ) گفتگوءَ ۾ نثر ڪان وڌيڪ نظم هوندو آهي. جملا تُڪ ـ بنديءَ ۾ هوندا آهن.


لوڪ ناٽڪن ۾ پراڻڪ ڪٿائن کي نئين اچوڪي رنگ ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. هنن جو روپ لکيت ۾ نه، پر زباني هوندو آهي. هي ناٽڪ رات جي وقت ۾ ئي ڪيا ويندا آهن.

اڄ وقت آيــو آهي جو انهن ڪلائن کي وڌائجي. جـدا جدا موقعن تي جي اهي لوڪ ـ ناٽڪ ڪيا وڃن ته جيڪر ماڻهن ۾ انهن لاءِ دلچسپي نئين سر پيدا ٿئي، جيئن ڪ لوڪ ناچن ۾ ٿيو آهي.



سنڌ جي مني مٽيءَ تي چٽسالي

سنڌي ڀرت جو ڪم



# لوڪ - چٽر ۽ دستڪاري

سنڌي لوڪ، پنهنجا خيال، ويچار، ڌرمي روايتون نہ فقط لوڪ - ساهتيہ، زراعتّ، لوڪ - ناچن، لوڪ - ناٽڪن وسيلي ظاهر ٿا ڪن. پر هو اهي ڀاونائون لوڪ - چٽرن دواران بہ پڌريون ٿا ڪن.

سنڌي لوڪ (خاص ڪري هندو) سال جي مدن ڪي، مهني جي ٻهرين ۽ ٻوٽين ڏينهن (چنڊ) ڪي، چنڊ جي چڪر (پورڻما ۽ اماس) ڪي نہ ڇا پر ڏينهن جي آرنڀ ۽ انت ڪي بہ ڪن ديو - ديوين جو روپ ڏنو آهي سج اڀا اُڀرڻ وارو ٿي هوندو تہ چون صبح جا سائين (صبوح سائين) پلو ڪجانءِ. شام جو سج لهڻ وارو هوندو تہ درياہ وٽ، نہ وائي تي، گهر جي ٻاهران ڏيئن ٻارڻ جون تياريون ٿينديون - جي ڏيئن ٻرڻ جي مهل ٿي آئي، گهڙيءَ بعد چون سنجها ماتا اوڙي بہ سگهہ ٻاڙي بہ سگهہ. اهي وشواس ٿي آهن، جي چٽرن جي صورت ۾ ظاهر ٿين - جي آهن رنگولي، ٻُوٽا وغيره.

**سنجها :-**

سنڌ ۾ سيپٽمبر مهيني ۾ گرمين ختم ٿيڻ بعد يعني گرمين جا پويان ڏينهن ۽ سياري جا شروعاتي ڏينهن ٻنهي مدن جو ميل قدرت جي سونهن کي وڌائڪ ۾

وڏيڪ اڀاري ٿو. قدرت پنهنجي پوري ڪوشش سان هڪ نئين ڪنوار جيان هار سينگار ڪندي آهي ۽ هڪ انسان پڻ ٽڙندي آهي.


هڪ طرف کيتن ۾ ايرنڊ پوکڻ، وڻن تي نيون نيون مکڙيون ۽ ميدانن ۾ ساوڪ (گاهه جو) بخملي غاليچو وڇايل ته ٻئي طرف ماڻهن ۾ نئون اتساهه ۽ نئون اُمنگ هوندو آهي. گهرن جي آڳرن (پڊرن) ۾ ٿالهه جي موسيقيءَ تي گيتن جي ڌن پڻ گونجندي آهي. ته اوطاقن ۾ سرائن (هندو اوطاق کي سراءِ ڪوٺين) ۾ هاري، پورهيت دلي ۽ يڪتاري جي سنگيت جي تان تي ڪافيون ۽ وايون ڳائيندي مستيءَ ۾ اچي جهومڻ لڳندا آهن. ۽ اها ٿورو اڳتي وڌو ڳوٺن جون ننڍڙيون نينگريون پنين تي چيٽي سان اپريل ليڪون ليڪي انهن ۾ گل ۽ پنيون ٺاهي هڪ قسم جو عجيب ڏيکاءُ پيدا ڪنديون آهن. هنن کي انهن چترن ٺاهڻ لاءِ سمورو مال قدرت کان ملي. (چيٽو، گل، پنيون وغيره) انهن ۾ رنگيني هوندي آهي. جيڪڏهن انين ڪٺي چڪجي ته اهي چتر، جن کي سنڌ ۾ 'سنجها'* به سڏ پيدا آهن، اهو ڏارمڪ هوندي به نينگرين جي لاءِ چتر ڪلا جي شروعاتي سکيا جو هڪ قدم آهي+

* جنهن مان سانجهي معنيٰ شام لفظ نڪتو آهي.

+ انهيءَ کي مهاراشٽر ۾ 'گلا ٻئي' ۽ مالوا ۾ 'سانجهي' ٿي سڏ ين.

**پٽڙ:-**

انهن ئي ڏينهن ۾ پٽڙ ٺهندا آهن. يعني گهر جي سرڳواس ٿيل ڀاتين جي نمت نياڻين ۽ برهمڻن کي کارايو ويندو آهي. آماس تي انهن پٽڙن کان موڪلايو ويندو آهي. ان موقعي تي يعني ان ڏينهن شام جو زالون پنهنجي پنهنجي گهر جي ٻاهران در وٽ چيٽي کي پاڻيءَ سان ملائي ليپو پائينديون هيون، پوءِ ان آلي ليپي مٿان ئي ڪاٺ جي اٽي سان چورس ٺاهي ان اندر چٽسالي ڪنديون آهن، پاسن کان ڏيئا ٻاري به رکنديون آهن.



اها چٽسالي (مهراشٽر ۾ جي رنگوليءَ جيان) هئي سنڌ جي لوڪ چترن جو ڀيو نمونو آهي. هيءَ ته اهي ڳالهيون رهيون ئي نه آهن.

پٽڙن جي ڏينهن ۾ رات جو گهٽين مان لنگهندي هڪ عجيب لطف پيو ايندو هو. هي سڀ سنڌ جي ڳوٺڙن جي ئي ٿو ڳالهه ڪريان.

**ڀوُنڙا:-**

سنڌي زالون ”سنڌيا“ ۽ ”پٽڙ“ کان سواءِ ٺيان

جي چتر ڪيل ٺهيل آهن سي آهن "ٻوٽا" هي ڏياريءَ جــي ڏينهن پٽ (ان پٽ جو منهن اوڀر طرف هئڻ لازمي آهي) تي جدا جدا رنگن سان نقش (گهڻو ڪري چورس ٺاهي ان ۾ گهر ٺاهيندا آهــن) ڪيل ٺهيل آهن. انهن گهرن جو ٻاهريون ليڪون جدا جدا رنگن سـان ٺاهينديون آهن، اهي رنگ راحت جو ڏايو ڪلي ٻيهندا آهن. سنڌ ۾ پٽيون گهڻو ڪري گاري (مٽي) سان لنبيون وينديون هيون، ان ڪري انهن ٻوٽن جو ٽر چونو هڻي سفيد ڪيو ويندو هو.

ان چتر ڪڍڻ جو رواج اڄ سوڌو هـت هندستان ۾ ۽ ڪن سنڌين جي گهرن ۾ آهي. ٻر ڪن گهرن ۾ ته انهن ٻوٽن جا چيچل پنا هڻي يا ٽنگي لڪشميءَ جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. (مڙئي اها پراچين رسم پوري ڪئي ويندي آهي)

ڏياريءَ جي موقعي تي انهن رنگن سان پٽين تي ماڻهو جي شڪل (ريکا چتر) ٻه چٽيندا هئا. ڪڏهين ڪڏهن انهن ماڻهن اڳيان چام ۾ ڏيندا هئا.

ٻر اهو سڀ ڪجهه هت ڪٿي؟ اها اسانجي چتر-ڪلا ڪٿي؟ حقيقت اها آهي ته انهن چترن مان اسان جون لوڪن جون پاوناڻون پيون ظاهر ٿينديون آهن.

توهان، جي ڪڏهن مندر ۾ ويندا جتي پٿر تي اڪريل مورتون هجن، ڏسندا ته انهن کي ڪو به رنگ وغيره ڏنل ڪونه هوندو آهي. ٻر انهن مورتن کي ڌيان سان

جي ساک ٿيون پيو ڻن .

عمارتي ڪاٺ وري گهڻو ڪم ايندڙ چيزن ڏاهڻ ۾ ۽ ڪتب آندو ويو آهي. ڪنڊن ۽ مانڊاڻيون لن هنر جي ثابتي آهن. جنديءَ جو ڪر، ڪپڙي کي رنگ ڏيڻ ۾ ڪم وڏي وڃي اعليٰ درجي جي فن کي رسيو.

مٽي، ڪاٺ مان ٺاهيل چيزن جي ڪلاتمڪ سندرتا کي ڪلاڪارن انهن لئي رنگن جو فائدو استعمال ڪري چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

ڪيترا رنگ جهڙوڪ نيل، مجيٺ، سڪر، چوڏي وغيره مڪاني ٻوٽن ۽ ڇوڏن مان ڪڍيا ويا آهن. ڪنڀار جدا جدا قسمن جي مٽيءَ مان ئي ڪيترا رنگ ڳولهي ڪڍيا.

ڪلا ۽ هنر گهڻو جيون ۾ هڪ اهم جڳهه پئي والاري آهي. ڪپڙي، مٽيءَ جي ٻرتن ۽ ڪاٺ مان ٺهيل شين کي رنگ لڳائڻ جو ڪم عورتون ئي ڪنديون آهن. رنگ ۽ روپ ورکيا جو سوکيم سوجهي هئڻ سبب عورتن وٽين ڏاهن جي هنر ۾ ڀل ترقي ڪئي آهي. ان سواءِ ڀرت ڀرڻ جو هڪ ٻيو گهرو هنر آهي، ان ڪلا ۾ سنڌي عورت دنيا جي ڪنهن ٻه ملڪ جي عورت سان برميچي سگهي ٿي *

”سنڌ جي آڏاڻن تي سادو ريشمي ۽ سوٽي ڪپڙو يا اڌ سوٽي، اڌ ريشمي ڪپڙو اڻندو آهي. ڪپڙي

* بقول ڊاڪٽر اين - اي - بلوچ - سنڌ.

جي سهڻن وَڙن (نمونن) لاءِ هي ملڪ مشهور آهي
مثلا سنڌ جي لونگين جو ناماچار سڄي ڀارت ۾ آهي.
سنڌ ۾ رنگارنگي ٽوپيون ٺاهڻ هڪ خاصو هنر آهي.
سنڌين جي لباس ۾ ٽوپين جو گهڻو مان آهي (جو هاڻي
وڃي ٿو آهستي آهستي ڪري گهٽبو) اهي بلڪل
ننڍن ۽ عجيب رنگين ريشمي سوٽي ڪپڙي مان ٿا
ٺاهين. قسمين قسمين رنگ ڏسبا ۽ انهن جي چونڊ ۾
به گهڻي نزاڪت گهرجي"-+

## ڪاشيءَ جو ڪم:-

سنڌ ۾ ڪاشيءَ جو ڪم جيڪو هالن ۾ ٿئي ٿو،
اهڙو ٻئي ڪنهن هنڌ ڪونه ٿو ٿئي. ڪاشگرن (ڪاشيءَ
جو ڪم ڪندڙ) جي چوڻ مطابق هي هنر لکڻ پڙهڻ
جو نه آهي، پر هي ڪم ڪاريگريءَ جو آهي. ڪاشگر
مٽيءَ مان گهڻيئي شيون ٺاهين ٿا. پر سنڌ ۾ نه ڪاشيءَ
جون سرون وڌيڪ مشهور آهن. هونءَ نه ته سرن ڪانسواءِ
ٿانو به ٿا گهڙين جهڙوڪ ٻاڪوڻا، ڪپڙيون، ٻاٽيون،
پيالا، دڪيون، گهگهيون، چونريون وغيره.

سنڌ ۾ ماڻهو مسجد، ڪاٽي ۽ اوطاق ۾ ڪاشيءَ
جون سرون لڳارائيندا هئا. گل چٽيون ۽ فرش ڪاشيءَ
جي سرن جا ٺهندا هئا. ڀڄنديءَ وارا ڇت جون سرون
سونهري فريمن ۾ وهاريندا هئا. فرش جي سرن مٿان
گل چٽيو هليو هلندو هو. جڻ باغ ۾ سبيون لڳيون

+ ڪتاب 'سنڌ جا هنر' تان - شڪريه.

هونديون هيون- رنگ جو ميل به خاصو. ڪمري ڪمري
۾ پيو گل. اهي ڪاشيءَ جون سرون اٽڪل فوٽ چورس
ماپ جون ٺاهين.

ڪاشگر پنهنجو مال به ڪنڀار جيان ٿي ٺاهين- فقط
ڪنڀار جي مٽي ڳاڙهيري ۽ ڪاشگر جي مٽي اڇيري
ٿئي ٿي. هن ڪي نه درياهه جي رڙ جي مٽي کپي. مٽي
پسائي، پڇرلت ڏيئي ڳنڍي ڳوڙهو مارين، پوءِ اها مٽي
سڀ ڪم ۾ آڻين. هن جي مٽيءَ ۾ وڪ ميلاپ ٿورو
آهي. ڪنڀار جي مٽيءَ ۾ وڪ وڌيڪ آهي.

درياهه ويجهو اٿن (سنڌ ۾ هالن جي پرسان) لِن
ڪري مٽيءَ جي کمي نه ٿئين ٿي ڪاڻ. مٽي تيار
ڪري پوءِ جي ٿانوَ ٺاهيا هوندا اٿن ته چڪ تي گهڙين،
جيئن ڪنڀار ٺاهيندو آهي، پوءِ اهي ٿانو لاهي ٻه ٽي
ڏينهن اُس ۾ سڪائيندا آهن. جي سرون ٺاهيـــون
هونديون اٿن ته مٽي قالبن ۾ وجهي ٺاهيندا. باقي رهيو
پچائڻ ۽ ڪاشيءَ جا چٽ ڪڍڻ. اهي چـــٽ ڪچي
مال تي ٿي ڪڍن- پڪي تي چٽ نڪري نه سگهندو-
پهريائين ڪچي تي استر چاڙهين. اڇو تر نه اڇو، ڳاڙهو
تر نه ڳاڙهو، زردو نه زردو رنگ ڏين.

روغن پڪو لڳائي وجن. جهڙو تر تهڙو روغن. باهه ۾
پچڻ کان پوءِ اڇو تر اڇو پيهندو ڳاڙهو، ڳاڙهو......

سکر پاسي هي "ڳاري" پٽر ٺهندو آهي. اهو باهه
۾ پچائي ڪٽي، پيهي، مٺو ڪري، ڇاڻي، پسائي

اڇو استرُ ٿاهين. ٻين رنگن لاءِ وري ٻيون شيون.

وري استر بعد ڪيندا چٽ. سي وري هيٺين جو ٻهرين ڪاغذ تي پينسل سان ليڪو ليڪو ڪيئي وڃن پوءِ ليڪي مٿان سئيءَ سان ڪاغذ تي سل ( سوراخ ) ڪري اگر ڪٽيل ڪٽي، مٿيءَ سان ڪاغذ کي خاڪو هڻندا آهن.

سلن مان خاڪو چٽي هيٺان پيل مال ( ٿانو يا سرو وغيره) تي پهندو ۽ مٿس ڪاغذ واري تصوير نڪري پوندي. ان بعد ڪاشگر برش سان ان تصوير مٿان چٽ ڪندي.

انهن چٽن جا رنگ گهڻيئي ٿين. ڪي ديسي تـ ڪي ولايتي. ڪچي تي ڪارو رنگ پڪي تي نيلو ٿي ڪلي پهندو ڳاڙهو سونهري وري سائو ٿي نڪرندو. مطلب تہ هڪ رنگ چاڙهبو تہ پڇي ٻيو رنگ ٿيندو.

اڇهو اهو ائين ئي ڪاشيءَ جا ٿانو يا سرون ٺاهيندا آهن.

## جنڊيءَ جو ڪم:-

هنن جي هالن شهر کان پوءِ خيرپور رياست ۾ جنڊيءَ جو ڪم سٺو ٿو هلي، ڇو جو هت ( هالن ۾ بہ ) اڪڙيءَ جو سهنج ڏاڍو سٺو آهي. درياهہ ويجهو آهي، سو انڪري ٻهڻ جا ٻيلا جام آهن ۽ جنڊيءَ جي ڪم ۾ جا اڪڙي ڪم سا ٻهڻ جي جا ڪلي تي چڙهڻ کان پوءِ، ڏاڍي لسي ٿي وڃي.

پهرين ڪاٺ جي ٽڪر (جدا جدا ماپن جا، جيتري ٽڪر جي ضرورت هجي) کي واهولي سان ڇلي، گهڙي گول ڪري اها ڪاٺي ڪلي ( لوهه جو ) تي چاڙهيندا آهن. پوءِ هڪ هٿ ۾ رنبو جهلي ٻي هٿ سان لڪڙي گهمائبي آهي جيئن ڪاٺي پٽي ڦرندي ۽ اڳيـان رنبو ڏسي تيئن پوُر پيو پٽ تي ڪرندو ۽ ڪاٺي وٺندي گول ٿيندي.

ان بعد جڏهن وري کي وٽي ته پـاوا ( کٽ جا، ڏوليءَ جا وغيره ) گهڙي گڏ جا پڙ گهڙي يا مرا جيئن گهڙي، مطلب ته پهريائين ڪاٺي سڌي ٿلهي رنبن سان گهڙي تيار ڪندا آهن.

ان ڪانپوءِ رنگ ڏيڻ لاءِ پهرين گهڙيل نهيل ڪاٺيءَ تي پيلي رنگ جو استر ڏيندا آهن، جاءِ زمين، انڪانپوءِ ان تي هٿ سان گل ڏاهبا آهن. سو هيئن، گل جـون ليڪون رڇيءَ ( رنبيءَ ) سان وڍي ڪوڙيون آهـــن. ڪاريگري ته انهڌي ڪوڙڻ مان ظاهر هوندي آهي. نقش ڪيڏي اها ڪاٺي ڪلي تي چاڙهبي. پوءِ جيڪو رنگ پرٽو هوندن سو ڏيندا. کڄيءَ جي پنگي سان ڏئي پريندا، ڪڏن ۾ وڃاريندا پوءِ پنگي سان ليپو ڏيئـــي وري رنبيءَ سان سنڀالي ڪرڙيندا. ان بعد ڪـڏن ۾ جو رنگ وڃو سو وڃو باقي پيو چٽي هيٺ پوندو. اهڙيءَ طرح جدا جدا رنگن جا نقش ڪيڏي پورا ڪري تيل جي اڳڙي پسائي ڪاٺيءَ کي پالش ڪندا ۽ هيـــئان

" وڻهي سرڻين ۾،
پاڻل جي بوڇڻي پرايان،
ڳاڙها ساوا تڌهنتي،
مان گل تہ چتايان."

اُتر سنڌ ۾ سنڌي هندو زالن جي پوشاڪ پٽلون، جهبلو ۽ رئو هئي. زالون انهن تي پرٽ پر ڀنديون هيون. رئي تي ستارون پر ڀنديون هيون. اهڙو ذڪر هڪ لوڪ گيت ۾ ملي ٿو:-

" جوڙل مهنجي جو،
ڪُيلو ٿہ پاڳ،
ماميون لاڏل جون،
گهرن ٿيون لاڳ،
هيٺ تي پٽلون،
جهبلا سونهن تا،
اڙي جوڙو تہ،
اٿم زريدار،
رويين ستارن سان،
رئو تہ چمڪيندار."

## لُنگيون :-

سنڌ ۾ نٽي جون لونگيون نامياريون آهن. انهن لونگين جا ڪئين قسم آهن. جهڙوڪ:
چشمن سان، نانگ ول، مداخل، لهردار، پلرو، سمبائين ۽ ڪنڍهار د لوسند چالو وڙ آهن.

اچا هاڻي ته لونگين جو رواج گهڻي قدر گهٽجي ويو آهي. نه ته اڳي لونگي ته ڪري ٻڌڪو ناهي پائيندا هئا يا ڪمر تي ٻڌندا هئا. لونگي خاص طور هندو ته شاديءَ وقت گهوٽ کي ڇيلهه وٽ ٻڌندا هئا. اهــا گويا هڪ قسم جي رسم ليکي ويندي هئي- هاڻ ٻــ ڪن ڪن سنڌي ٻستين ۾ شادين تين ته گهوٽ ڇيلهه سان لونگي ٻڌي. اها لونگي اوستائين ٻڌل هوندي اتس جو ساهوري در وڃي اتي جا مليل ڪپڙا پائي- هڪ لوڪ-گيت ۾ اهڙوئي ذڪر آهي

گيت ۾ سالي چوي ٿي ته لاڏل لونگي لاهي ڪپڙا پاءِ.

” لاڏل لاه لــونگـــي ،
ڪــــر وڳـــو ،
نئين جي لونگي موچاري ،
آندي لاڏل پاءِ ،
گهڙي ئــــه ڪٽندءِ مــــاءُ ،
موڙا ته چوڙيندءِ ڀيڻ ،
صندليءَ ويهندءُ ڀــــيءُ ،
لاڏل لاه لونگي ،
ڪــــر وڳو. “

بيو هڪ لوڪ-گيت آهي، جنهن ۾ ڀيڻ، ڀاءُ جي عزيزن جي لونگيءَ جي سارا ڪندي چوي ٿي ته :-

” آڏن جــــا ڄـاڄيــڙا ،
پـائـن جـــا ماچيڙا ،

جنهن جون لونگيون ته،
لـوڻـگـن ســان،
شاٻـي جنهن جـي،
گادي تـه گلن سـان،
لاڏل تـون تـه،
مـومـل مـاڻ."

هاڻ لونگين ته ڇا پر ٽوپين جو به رواج ڪونهي.

غاليچا :-

اڳي سنڌ جي ميل واري حصي ۾ غاليچا هلندا هئا. شادي مراديءَ تي ڏاج ۾ هڪ ٻه ٻوڪن جو غاليچو به هوندو هو. ٻوڪن جي ڪورين جو ڪم ٿي هوندو هو غاليچا ٺاهڻ.

عجب لڳندو آهي ته اهي اڻ پڙهيل ڳوٺاڻا همت سان غاليچن تي اها گلڪاري ڪيئن ڪندا هوندا ان بابت جڏهين هڪ ٻوڪن واريءَ مائيءَ کـان پڇيم (جنهن کي ان بابت ٿوري گهڻي خبر آهي) تڏهين ٻڌايائيم ته اها گلڪاري ڪورين جي جڻ ته هنياءَ تي چٽيل هئي. ٻين ملڪن ۾ نقش اڳيان رکي گل وهاريندا آهن، پر سنڌ ۾ ڪورين کي معلوم هو ته ڪٿي هزارو گـل، ڪٿي ٽيرهون گل، سوُسن، چو گلي، دائود گل رکجي.

مطلب ته جنهن کي ٻار ڄاپندو تنهن کي نيپاج جي خبر هوندي- ڪوريءَ جي ٻُڌي، سمجهه تيز ته هوندي

تہ سکڻ ۾ بہ چار سال لڳندس - قابل ھوندو تہ ڏھہ ٻارھان مھينا- ھي ھوش جو ڪم آھي. اڪثر ڏسندو تہ ھنياءَ ٿر ڪندس ھمت ھلائڻ کان ٻئي سمجھہ ٻوندس.

ٻيا ھنر آھن اجرڪ ڏاھڻ، سوسين ڏاھڻ وغيرہ اجرڪ تہ سنڌ ۾ عام جام طور ھالو چالو ھئا.

ان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا بہ دستڪاريءَ جا ھنر آھن- اھي سنڌي لوڪ- ڪلائون آھن. جن جي سکيا ڪتابن ۾ نہ، سڪولن ڪاليجن مان ڪانہ ملي آھي، پر ملي آھي آزمودي مان- ھڪ ٻئي مان، ذھن مان.

آيامن کان وٺي اھي ڪلائون ھلندي ٿيون پيون اچن. وقت انھن کي ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪي ڪلائون تہ ڪچلجي بہ ويون. پر ڪي اڃا سوڌو ڳات اونچو ڪري بيٺيون آھن. سچ پڇ تہ سنڌي تھذيب اھائي آھي.

انھي تھذيب (ڪلائن) کي بچائي سگھبو فقط چرڻ سان نہ، پر انھن کي زندہ رکڻ سان، محفوظ رکڻ سان، جنھن لاءِ کپي محنت ۽ جاکوڙ، پورھيو ۽ جفاڪشي.

" تنھن کھٽيءَ کير ڪوھ،

جنھن رھٽيءَ رھيو نہ سڄڻ." شاھ

ھن ليک ۾ دستڪاريءَ وارو مواد لکندي مون گھڻي ۾ گھڻي مدد پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ جي لکيل " سنڌ جا ھنر" ڪتاب تان ورتي آھي. ڪٿي تہ سڌن جون سڌون ٽڪرن جا ٽڪر کنيا اٿم- ان لاءِ مھرباني.

# پنهنجي ڳالهه

چوندا آهن تہ ڳالهائڻ هڪ ڪلا آهي تہ لکڻ بہ هڪ ڪلا آهي. پر افسوس اٿم جو مان انهن ٻنهي ڪلائن کان وانجهيل آهيان.

”آهيان گهڻو اڄاڻ، پير، پليرا سچو ٻن!“

جيڪي ڪي ڏسندو آهيان سوئي بيان ڪندو آهيان. سو بہ اِن ڪري جو دل چاهيندي اٿم تہ جو مون ڏٺو آهي، تنهن جو ديدار ٻين جي ٻيا بہ ڪن تہ ڪهڙو نہ سٺو. اِن زير اثر ڪڏهين اچي پئي ٿي ڪجهہ رهڙي بہ ويندو آهيان.

”جا سڌهو نہ سکي، سا مر رنڊائي روڙي.“

دوست چوندا آهن، ”تون سٺو ليکڪ آهين.“ پر مان اهو پليءِ پيٽ ڄاڻان ٿو تہ ليکڪ ٿيڻ ڪيترو نہ مشڪل آهي. مون تہ اڃا ڪجهہ ڪيو ئي ڪونهي جو ليکڪ جي پدوي پائي سگهان.

”چوڻ چارو ناهہ ڪو، ٻڌ ٻُون ٻي شمار.“

سو جيڪي تہ جو ڪجهہ رهڙيو اٿم، خاص ڪري سنڌي - لوڪ بابت، انهن مان ٽي ڪتاب (’لوڪ - گيت هڪ نظر ۾‘ ’هوجمالو‘ ۽ ’سنڌي لوڪ - ڪهاڻيون‘)

ظاهر ٿـي چڪا آهن ۽ هي آهي چوٿون ڪتاب. جـو ٿوهان جي زير نظر آهي.

اڳيان ٽـي ڪتاب سنڌي - لوڪ ۾ چـڱا پسند پيا آهن. انهن جي اُجُوري ۾ ڪن ڳـڙ (ساراهه) ڏنو، ته ڪن مرچ (نقطچيني).

پر هڪ ڳالهه، ڏٺم، سا اها ته مرچ ڏنا ويجهن (نوجوان اديب دوست). ۽ ڳڙ ڏنو ڏورانهن. (بزرگ اديب ۽ لوڪ) مون هن سوڌو ٻنهي چيزن کي خوشيءَ سان پئي قبول ڪيو آهي.

”پريان سنڌي يار جي، مڙيوئي مٺائي.“

هي چوٿون ڪتاب ڪيئن آهي؟ آءٌ پلا آءٌ ڪيئن ڄاڻان - پڙهندڙ ئي ته فيصلا ڪندا.

”ڄاڻين ته به نه ڄاڻ - ايءُ در اڀوجهن جو.“

ماڻ ته پنهنجي هر يار کي سٺو پئي سمجهندي آهي ۽ مٿانس گهوران گهور پئي ويندي آهي - اهڙي حالت شايد مونسان به هجي - خير.

هن ڪتاب ’سنڌي لوڪ - ڪلا‘ ۾ مون سنڌي لوڪ ڪلا جـي جدا جدا پهلن جهڙوڪ، لوڪ - گيت، لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ - چوڻيون، لوڪ - سنگيت، لوڪ - ناچ، لوڪ - ناٽڪ، لوڪ - چٽر ۽ دستڪاري جي ٿـوري ۾ واقفيت ڏيـڻ جي ڪوشش ڪئي آهـي - اِن واقفيت ڏيندي ڪجهه پنهنجي ڄاڻ ۽ ڪجهه ٻين جي معلومات مان فائدو ورتو اٿـم - ڪوبه انسان پوروڪ يا ڪامل ته آهي ڪونه.

جا ڳالهه ٻڌي کي ٻڌائڻ تو گهران، نيڪ ته اُهو آهي ته ان ڳالهه کي چڱي ترتيب ڏئي پيش ڪريان - اهو خيال ڪري ڪن ڪتابن تان ٻه مدد ورتي اٿم - جنهجو حوالو ان مواد اڳيان فوٽ نوٽ ۾ ڏنو اٿم.

مان انهن اديبن جي مهرباني ٿو مڃان، جنهجي تصنيفن مان مدد ورتي اٿم.

خاص طور پروفيسر اين - آر - ملڪاڻي جو - جنهجن اڳين ڪتابن جي پيٽ ۾ هن ڪتاب ۾ جا نئين ڳالهه ڪئي اٿم، سا اها ته مضمون جي وشيه سان ٺهڪندڙ تصويرون ٻه ڏنيون اٿم. انهن تصويرن بابت مان جدا جدا رسالن جو شڪرگذار آهيان - خاص ڪري ڪراچي سنڌ مان نڪرندڙ ماهوار رسالي ”نئين زندگي“ وارن جو - جنهن مان ظفر جا نڪتل چتر ۽ ٻيا فوٽو ڪنيا اٿم.*

**پروفيسر رام پنجواڻي** کي جڏهين ڪتاب جي مهاڳ لکي ڏيڻ لاءِ چيم تڏهين هن صاحب اها ڳالهه دل سان قبول ڪئي، جا ڳالهه ٻڌائڻ خود مون لاءِ خوشيءَ جو باعث آهي. هڪ سنڌي لوڪ - ڳائڪ ۽ سنڌي لوڪ - ساهتيه پريمي منهنجي ڪتاب جو مهاڳ لکي، مون لاءِ ته اها هڪ وڏي قوت آهي.

سائي **گوبند مالهي** جو ٻه احسان مند آهيان جنهن صاحب ڪتاب لاءِ ٻه اکر لکيا.

---

* ”هوجمالو“ ڪتاب جي ڪور واري تصوير ٻه ظفر ڪاظميءَ جي نڪتل آهي.

بي هڪ ڳالهه ...

هن ڪتاب ظاهر ٿيڻ جو داد جي ملڻ گهرجي ته،
اهو دادا **جڳرامداس دولترام** جن کي.

دادا وقت بوقت همٿائيندڙ خط لکي مون کي پڻ
اتساهت ڪيو آهي. دهلي هجي چاهي ڏيهرادون يا
سملا ۾- هرهنڌ ان لکي پڇندا.

”ڪيئن ٺيڪ ته آهين نه! تنهنجو ڪم ڪيئن ٿو
هلي...؟ پنهنجي ڪارج ۾ لڳو رهه ...“

”آسرو نه لاهيجانءِ، سچ پاڇهيندڙ گهڻو“

مان ڇا جواب ڏيان ...! ها ڪم ڪندو رهان ٿو،
لوڪ گيت ڪان پوءِ هڙ ڇماليءِ بعد ۾ سنڌي لوڪ- ڪهاڻيون
سنڌي لوڪ- ڪلا ۽ ...

”تان ڪي ڏونگر ڏوريان- جان ڪڙه اندر ساه“

دادا جن جا همٿ افزائي ۽ پيار پريا ٻه اکر مون لاءِ
اڪيچار ملهه ٿا رکن.

آخر ۾ ...

پنهنجي پرڪاشڪ ۽ هم-ڪار ساٿي ٻي- آنند جو
شڪرگذار آهيان جنهن الائي ڪهڙن حالتن جو ٽڪر
کائي به منهنجا چار ڪتاب ظاهر ڪيا آهن ۽ عوام جنهن
ڪتاب خريد ڪري همٿايو.

”آئون جيئين جي آهيان، ڪڙي ۾ ٿيان ٿن.“

شرت جينتي
١٩ سيپٽمبر ١٩٦٠ع

— **نارايڻ ڀارتي**

# سڪ سندا سنبوا

●

ناول پارٽيءَ ڪي مان ڪجهه سالن کان سڃاڻان. هن ڪي سنڌي ساهتيہ سان سچو نينهن آهي. ڪجهه سالن لاڪر هن سنڌي لوڪ-ساهتيہ ۽ سنڌي جنتا جو چاهه جاڳائڻ ۽ اهو ساهتيہ سهڻي پيماني تي پيش ڪرڻ جي ساراه جوڳي ڪوشش پئي ڪئي آهي. انهيءَ جاکوڙ ۽ جا نشانيءَ جو ”هوجمالو“ ۽ ”سنڌي لوڪ ڪهاڻيون“ لاثاني نتيجو آهن- هن سخت سمي هن نئين ساهتيہ پيش ڪرڻ جو حوصلو رکڻ جڏهين عام رهت ماڻهن ڪي سادين ڳالهين پڙهڻ جو ئي شوق وڃي رهيو آهي. اهو ثابت ٿو ڪري تہ شري ناولڻ پارٽي هڪ خوددار اديب آهي جو ساهتيہ جي شيوا ڪرڻ ڪاڻ هرڪا قرباني تڇ ٿو سمجهي. اهڙا اديب ئي آئينده جا ڏيئا آهن جي راه روشن ڪندا رهندا.

ظاهر ڪيل ڪتابن مان نظر ٿو اچي تہ پارٽي ٻوليءَ تي اهڙو خاص ڌيان ڪونہ ڏنو آهي جهڙو ڏيڻ کپندو هوس ۽ هڪ ساهتيہ پنهنجي اتهاسڪ جهلڪ پيش ڪرڻ جي ڪاڻ خاص ڪوشش نہ ورتي اٿس، جي هو اهڙو يتن ڪري ها تہ سندس ڪتابن کي زياده وزن نصيب

ٿِئي ها. ﭘر پارٽي اڃا نوجوان آهي ۽ هن وقت ۾ جيڪي
ڪيو اٿس سو ڏيکاري ٿو ته اڳتي هلي هو گهڻو ڪجهه
۽ خوب ڪري ڏيکاريندو. مون کي قوي اميد آهي ته
سنڌي ساهتيه سان دلچسپي رکندڙ جنتا پارٽيءَ جي
ڪيل ڪوشش جو پورو قدر ڪندي.

٢٣ جولاء ١٩٦٠ع — **پروفيسر چيتن ماڙيوالا**

* * * *

شري ناراڻ پارٽيءَ جا ٻئي ڪتاب ”هوجمالو“ ۽ ”سنڌي لوڪ - ڪهاڻيون“ مون پڙهيا آهن. ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو پارٽيءَ جي اڪمت ڪوشش ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جا وسريل ورق (لاڏا، لوليون، گيت ۽ لوڪ - ڪهاڻيون) سنڌي جنتا اڳيان آهن.

اسان مان گهڻن کي خبر آهي ته هن ڪم ۾ شري پارٽيءَ کي ڪيترين تڪليفن جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي، پر ڪشالن ۽ ڪنداين جي پرواه نه ڪري هو هڪ سورهيه سپاهيءَ وانگر هن ميدان ۾ اڳتي وک وڌائي رهيو آهي، ڇو ته هن کي هڪ ئي لڳن آهي ته ڪيئن به ڪري سنڌين جي لوڪ ساهتيه جو انمول خزانو گڏ ڪري ڇپائي. شري پارٽي هي تحسين جوڳو ڪم ڪري رهيو آهي. اُميد ته سڀ سنڌي انجو قدر ڪندا ۽ هن کي هن ڪار ۾ دل و جان سان مدد ڪندا.

١٨-٧-١٩٦٠ع - **پروفيسر (ڪماري) ڪلا ريجهسنگاڻي**

* * * *

لوڪ - گيتن ۾ نينهن جا نازڪ نيارا ڏنل آهن ۽ سڪ جا سنهڙا سڳڙا ونيل آهن. انهن ۾ هردي جي ڀاونائن جو سادي سودي نموني ۾ اظهار ٿيل آهي.

سنڌي لوڪ - گيتن ۽ ڪهاڻين ۾ سنڌڙيءَ جي استرين جي دل جي ڪوملتا، مڌرتا ۽ مدوهرتا پنهنجي اصلوڪي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

نارائڻ ڀارتيءَ کي جس هجي جو، نازڪ دلين جي نفيس امنگن روپي رنگين تارن کي آڏاڻي تي چاڙهي مدجهائن رنگ برنگي وستر وڻيو اٿئي. ان لاءِ ساري سنڌي قوم سندس ٿورائتي رهندي.

– پروفيسر (ڪماري) پوپٽي هيراننداڻي

ڀرو ڀارتي،

سنڌي لوڪ - ساهتيه کي ڪٺو ڪري، ان کي ترتيب ۾ آڻي، هن مهل تائين ٻه چار ڪتاب لکيا اٿيئي. ڪيتري نه سٺي ڳالهه.

ادب جي هن شاخ ڏانهن گهڻن جو ڌيان ڪونه ويو هو. ان ڪري جنهن لگن سان تون اهو ڪم ڪري رهيو آهين، تنهن توکي ساهتڪارن ۽ عوام ۾ ڪافي پيارو ڪيو آهي. مونکي ڀڻ تنهنجي ان ڪار، واسطي آدر ۽ عزت آهي.

تنهنجو اُتساه ٻين کي اتساه ڏيندو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تحريڪ کي گهڻي هٿي ايندي.

٢١-٧-١٩٦٠ع

تنهنجو

— پروفيسر ارجن - شاد

"... سنڌيءَ جو لوڪ - ساهتيہ ناراڻ پارٽيءَ محنت ۽ جاکوڙ ڪري ڪٺو ڪيو آهي. لوڪ - ساهتيہ گڏ ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي. ان لاءِ اورچائي ۽ ڌيرج جي ضرورت آهي. هي ڪم ڪرڻ سان شري ناراڻ پارٽيءَ انهن گڻن جي واقفيت ڏني آهي.

پارٽيءَ جي اِها ادبي خدمت (لوڪ ساهتيہ سنگره) سنڌيءَ جي ادبي تاريخ ۾ اهم صفحہ والاري ٿي.

سماهي "سنڌ و سماج" دهلي
ساليانو انڪ اپريل ١٩٦٠ع

"... جنهن ڍنگ سان شري ناراڻ پارٽي لوڪ گيت ۽ لوڪ ڪهاڻيون پيش ٿو ڪري، تنهنکي 'خشڪ' ڪيئن چونداو؟ وشيہ کي بيحد وڻندڙ نموني ۾ ٿو لکي. جنهن ۾ سندس تازو شايع ٿيل ۾ ڪتاب "هوجمالو" ۽ "سنڌي لوڪ - ڪهاڻيون" پڙهيا هوندا سو سندس لکڻيءَ جي نوع کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندو.

سماهي "نئين زندگي" جبلپور
(جولاءِ آگسٽ، سپٽمبر) ١٩٦٠ع

... سنڌي ساهتيہ ۾ لوڪ گيتن ۽ لوڪ ڪهاڻين جي غير موجودگي هڪ ڀاري خال هو. شري ناراڻ پارٽيءَ اهو خال ڀرڻ پيرو آهي. سچ تہ اسانجي ساهتيہ کي ان جي بيحد ضرورت پڻ هئي.

شري پارٽيءَ جيڪا جفاڪشي ڪري سنڌي ساهتيہ کي اهو امل خزانو ناهي ڏنو آهي. ان لاءِ هو جوان بيشڪ داد لهڻو. ماهوار "سوشلسٽ" بمبئي
آگسٽ ١٩٦٠ع

# مددي ڪتاب

## سنڌي


١. سنڌ جي سوکڙي (مهاڳ) — ڪي - بي - آڏواڻي

٢. ساميءَ جا سلوڪ — بي - ايڇ - ناگراڻي

٣. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ — ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

٤. کهڙ ۽ ڪشوري — ع - ق - شيخ

٥. تحفة الڪرام

٦. سنڌ جون ست ڪهاڻيون — رام پنجواڻي

٧. سنڌي لوڪ - ڪهاڻيون — نارائڻ ڀارتي

٨. گلقند — ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

٩. سنڌي ادبي تاريخ — محمد صديق ميمڻ

١٠. شاهه — ڪي - بي - آڏواڻي

١١. شاهه جو رسالو — شاهواڻي

١٢. سنڌ جا هنر — اين - آر - ملڪاڻي

١٣. مهراڻ (ٽه ماهي رسالو) حيدرآباد

١٤. نئين زندگي (ماهوار رسالو) ڪراچي

١٥. هندواسي (هفتيوار) بمبئي


## انگريزي


1. Sindh Re-visited — by Burton
2. Folk–Lore of Northern India — by Crook
3. Folk-Dances of India — by Projesh Banerji
4. Folk-Literature af Bengal — by Sen
5. Siudhi Culture — by Thakur

## هندي

| | | |
|---|---|---|
| ١. | لوڪ - ساهتيه جي ڀومڪا | ڪرشن ديو اپاڌيه |
| ٢. | ڀارتيه لوڪ - ساهتيه | شيام پرمار |
| ٣. | مالوي لوڪ - گيت | شيام پرمار |
| ٤. | راجستاني لوڪ - گيت | سوريه ڪرڻ پارڪ |
| ٥. | ڍولا مارو | سوريه ڪرڻ پارڪ |
| ٦. | ڀوجپوري لوڪ - گيت | ڪرشن ديو اپاڌيه |
| ٧. | ڀوجپوري لوڪ گيتن ۾ ڪروڻ رس | درگا شنڪر پرساد |
| ٨. | برج لوڪ ساهتيه جو اڀياس | ڊاڪٽر ستيندر |
| ٩. | پاچاڻ نگري (مهاڳ) | واسديو شرڻ اگروال |
| ١٠. | مئٿلي لوڪ - گيت | رام اقبال 'راڪيش' |
| ١١. | ڪويتا ڪومدي | رام نريش ترپاٺي |
| ١٢. | گرام - ساهتيه | رام نريش ترپاٺي |
| ١٣. | بيلا ڦولي آڌي رات | ديويندر ستيارٿي |
| ١٤. | ڌرتي گاتي هئه | ديويندر ستيارٿي |
| ١٥. | ڌيري بهو گنگا | ديويندر ستيارٿي |
| ١٦. | باجت آوي ڍول | ديويندر ستيارٿي |
| ١٧. | آجڪل (ماهوار رسالو) | دهلي |
| ١٨. | جاگرتي ( " " ) | جالندر |
| ١٩. | سميلن پتريڪا (ماهوار رسالو) | پرياگ |
| ٢٠. | مارو ڀارتي ( " " ) | جئپور |